سنڌ متحده محاذ ۽ ون يونٽ

جي ايم سيد

سنڌ متحده محاذ

۽

ون يونٽ

جي. ايم. سيد

پاران - سنڌيت پرست
پبليڪيشن ڪراچي
سنڌ

محبِ سنڌ، مخدوم جي. ايم. سيد صاحب
جا تصنيف ڪيل ٻيا ڪتاب

- مُحال مانجهندن جو تعليمي ۽ تنظيمي پروگرام (ڇپيل).
- عدالتي کاتي کان انتظامي کاتي کي جدا ڪرڻ.
- (علي محمد شاهه راشديءَ جي مدد سان لکيل)-(ڇپيل).
- ”نئين سنڌ لاءِ جدوجهد“ ٻه جلد، ٽي ڇاپا (ڇپيل)، جيڪو پوءِ ضبط ٿيو.
- ”پيغام لطيف“ (ڇپيل).
- ”موجوده سياسي مسئلا“: قوميت، زبان، مسلم ليگ ۽ سنڌ جي مسئلن تي مضمونن جو مجموعو (ڇپيل)، جيڪو پوءِ ضبط ٿيو.
- ”مٽياري ۽ سنائي سيدن جي تاريخ ۽ شجرا“، (اڻ ڇپيل).
- شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جون ڪافيون (ڇپيل).
- ”رهاڻ“: سيد ميران محمد شاهه جي ڪين لکيل خطن تان ورنديل خطن جو مجموعو (اڻ ڇپيل).
- ”جنب گذاريم جن سين“ ٻه جلد (ڇپيل).
- پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني — پنج جلد (اڻ ڇپيل).
- اسلام جا ٻه تعبير (اڻ ڇپيل).
- ”بزم صوفياءِ سنڌ“ جي آئين ڪاپيءَ ۽ ڪانفرنسن ۾ پڙهيل ست خطبا (ڇپيل).
- ”ساهڙ جا سينگار“، علامه آءِ. آءِ. قاضي جي ڪين لکيل خطن جو مجموعو (ڇپيل).

* * * *

زينت پرنٽرس — ڪوڪر محلو، حيدرآباد سنڌ.

ڪاپيون ٻه هزار] نومبر ١٩٦٩ع [ايڊيشن: پهريون

هڪ هزار ١٩٨٧ع ٻيو

ملهه ١٨ (ارڙهن) روپيه

ٻيو ڇپائيندڙ:- سنڌيت پرست پبليڪيشن

آيون ڇاپو: سيڪريٽري، سنڌ متحده محاذ، مرڪزي آفيس،
الخليل بلڊنگ، قاضي عبدالقيوم روڊ،
حيدرآباد، سنڌ.

ڇپيندڙ:- ”زينت پرنٽرس“، ڪوڪر محلو،
حيدرآباد سنڌ.

عرض ناشر

ون يونٽ جو مسئلو بنگال، سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان جي رهاڪن لاءِ بيحد اهم مسئلو آهي، ان ڪري لازمي هو تہ هڪ اهڙي تصنيف پيش ڪئي وڃي، جنهن ۾ انهيءَ مسئلي متعلق، خاص طور سنڌي قوم لاءِ، صحيح رهبري موجود هجي. اهو تاريخي فرض، محترم جناب جي. ايم. سيد صاحب ئي وڏيءَ خوش اسلوبيءَ سان سرانجام ڏيئي سگهيو ٿي؛ جنهن، شروع کان ئي ون يونٽ جي مخالفت جي پاداش ۾ سالها سال نظربندين، جيلن ۽ ٻين ازين قسم ذهني ۽ روحاني اذيتن ۽ تڪليفن برداشت ڪندي، ون يونٽ جي مخالفت پنهنجو ايمان بڻجي چاتو آهي.

هن ڪتابڙي ۾ ون يونٽ کي وجود ۾ آڻڻ واري ڏينهن کان وٺي اڄ تائين، جن سازشي ۽ بيجا طريقن تي عمل ڪندي، شامل صوبن (خاص طور سنڌ) کي اقتصادي، سياسي ۽ ثقافتي طور صريحاً نقصان ۾ وڌو ويو آهي، تنهن سڀي، مختصر لفظن ۾ اپٽار ڪيل آهي، هر آهو محب وطن، جنهن جي دل ۾ پنهنجيءَ سرزمين سان گڏوگڏ ٻين مظلوم قومن جي حق خوداراديت ۽ سندن جداگانہ علائقائي حيثيت بحال ڪرائڻ لاءِ صالح جذبو ۽ ايمان آهي، ان لاءِ هن ڪتاب جو مطالعو بيحد اهميت وارو آهي.

ڪتاب جي ٻي خوبي هيءَ آهي تہ متحده محاذ جي ڪارڪنن ۽ همدردن لاءِ هيءَ هڪ نصابي سياسي ڪتاب جي حيثيت رکي ٿو. مثلاً، ون يونٽ جي خاتمي لاءِ ڪهڙا بنيادي شرط سامهون رکجن؟ ڪهڙيون سياسي تحريڪون انهيءَ معاملي ۾ تعاون ڪنديون ۽ ون يونٽ کي ڪهڙن ڪهڙن بيجا رستن مان هڪ نہ ٻيءَ صورت ۾ قائم رکڻ جون لاحاصل ڪوششون ڪيون پيئون وڃن، وغيره، وغيره.

اميد آهي تہ هيءَ ڪتاب انهن سڀني ڳالهين کي سمجهڻ ۽ سنڌ جي قديمي جداگانہ علائقائي حيثيت کي بحال ڪرائڻ لاءِ، هڪ مشعل راه طور ڪم ايندو.

۱۲- نومبر ۱۹۶۹ع.

— ابن حيات پنهور

فهرست

١. انٽي ون يونٽ ڪانفرنس صدارتي خطبو. ۵

٢. شيخ مجيب الرحمان کي ڏنل خطبهٔ استقباليه ١٢

سنڌ متحده محاذ جي تاريخ، مقاصد ۽ طريقهٔ ڪار تي سرسري نظر ٢۵

٤. ون يونٽ جو قيام مخالفن جا خدشا ۽ موافقن جا فائدي ۾ دليل ۴٤

۵. ڪوئيٽا - بلوچستان متحده محاذ صدارتي خطبو ٧۵

ائنٽي ون يونٽ ڪانفرنس

[هيءُ افتتاحيه خطبو، حيدرآباد سنڌ ۾ ڪوٺايل، ائنٽي ون يونٽ ڪانفرنس جي موقعي تي، ۹- مارچ ۱۹۶۹ع تي پڙهيو ويو.]

برادرانِ عزيز:

باوجود ان فيصلي جي ته آئينده عملي سياست ۾ حصو نه وٺندس، هر وقت جي ضرورتن ۽ اوهان جي محبت، عارضي طرح ڇڪي آڻي پبلڪ پليٽفارم تي اوهان سان شامل ڪرايو آهي.

منهنجو عملي سياست کان ڪناره ڪشيءَ جو فيصلو قطعي ئي نه آخري آهي. ان جا ڪارڻ طبيعت جي ناسازي ۽ سياست عمليءَ جي محرڪ جذبن: جهڙوڪ شهرت جي بک، عزت جي آڃ ۽ اقتدار جي حصول جي اهميت، قدر ۽ قيمت گهٽجڻ آهن. تنهنڪري عمر جي تقاضا ۽ طبعي رجحان جي ڪري زندگيءَ جو باقي حصو قومي اخلاق، تزڪيهٔ نفس ۽ صحيح [illegible] ۽ تبليغ لاءِ صرف ڪرڻ جو فيصلو ڪيو اٿم، جنهن لاءِ [illegible] جو مطالعو ۽ تصنيف هڪ مشغلو هو.

ليڪن هن وقت جڏهن ته اسان جو ملڪ ۽ قوم نازڪ دور مان گذري رهيا آهن ته اهڙي وقت ان جي خدمت ۽ مشوري کان انڪار ڪرڻ کي ڪفرانِ نعمت ۽ فرض ناشناسيءَ سان برابر سمجهندي، اوهان جي سڏ تي لبيڪ چئي اٿم، ۽ باوجود طبيعت جي مخالف لاڙي جي، اوهان جي درميان حاضر آهيان.

سنڌ کي ۱۸۴۳ع ۾، انگريزن فتح ڪري، انتظامي سهوليت خاطر سنڌين جي هزارها سالن جي روايات ۽ قومي عزت جي خلاف،

١٨٤٧ع ۾ بمبئي علائقي سان ڳنڍي ڇڏيو. آخر ١٩٣٥ع ۾ ڪيترن ڪوششن کان پوءِ، سنڌ کي بمبئي کان آزاد ڪرايو ويو. سو هن جي مختصر تاريخ، ”بمبئي کان سنڌ جي آزادي“ نالي، پنهنجي هڪ شايع ٿيل ڪتاب ۾ ڏني آهي.

١٩٣٧ع ۾ سنڌ جي جدا اسيمبلي قائم ٿي ۽ سنڌي وزارت وجود ۾ آئي، ۽ ١٩٥٤ع تائين باوجود وزارتن بدلجڻ جي ان جدا وجود قائم رهندو آيو. ان کان پوءِ، هڪ وڏي صوبي جي مستقل مفاد خاطر، سنڌ کي زبردستيءَ سان ون يونٽ ۾ داخل ڪيو ويو.

ان دور ۾ سنڌي ميمبرن اقتدار جي حصول، شخصي اختلافن ۽ مختلف سببن ڪري جهڙو ڪردار ادا ڪيو، اهو ڪنهن کان به لڪل ڪونهي آهي. ون يونٽ جو لهڻ، باهمي اختلافن ۽ ميمبرن جي خود غرضيءَ ڪري هو.

هن وقت شاگردن، قومي ڪارڪنن ۽ عوام جي بيداريءَ حالتن ۾ تبديلي آڻي ڇڏي آهي ۽ وڏا ٻه ڌڙا ڪي نزديڪ اچي بيٺا آهن: مرڪزي اسيمبليءَ ۾ تبديلي اچڻ واري آهي ۽ سنڌ جي سياست ۾ نئين دور جو آغاز ٿيڻ وارو آهي. هيستائين اسان سڀني کان گهڻيون غلطيون ٿيون آهن، تنهنڪري گذشته ڪمزورين کان درگذر ڪري، نئين دور جو اهڙو آغاز ڪرڻو آهي جو وري اسان کان ساڳئي قسم جون غلطيون سرزد نه ٿين.

هن وقت تائين اسيمبلين ۽ ملڪي سياست ۾ اسان جي مٿانهين طبقي ذاتي اقتدار، عزت جو ڪارڻ ۽ ملڪيت لاهڻ جو ذريعو سمجهي پئي حصو ورتو آهي. پر هينئر اسان کي اڳين طريقي کي ڇڏي خدمت خلق، ملڪي سلامتي، عوامي فلاح ۽ بهبوديءَ جي بنيادن تي حصو وٺڻ گهرجي. ان لاءِ جيڪڏهن آئون ڪجهه صاف گوئيءَ کان ڪم وٺان ته مون کي معاف ڪندا، ڇاڪاڻ ته هينئر ملڪي سياست ۾ هيٺين مقصدن کي مشعلِ راه طور ڪم آڻڻو آهي:

(۱) سنڌ کي مغربي پاڪستان (ون يونٽ) کان آزاد ڪرائي، ڳوڙا صوبا بحال ڪرائڻا آهن.

(۲) ملڪي سياست کي آئينده لاءِ حتيٰ الامڪان اقتدار جي ڪين، عزت جي طالبن ۽ حصول املاڪ جي خواهشمندن کان پاڪ ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻي آهي.

(۳) آئينده لاءِ سياسي پارٽين جي واڳ، بي لوث قومي ڪارڪنن، قربانيءَ جي پتلن ۽ درد دل رکندڙ ماڻهن جي هٿن ۾ يڻي آهي.

(۴) اسان کي شخصي پارٽيبازي، گذشته اختلافن، اڳوڻين ڪيل غلطين جي انتقامي جذبي ۽ اڳوڻن ۽ نون سنڌين جي تفاوتن ان برتر ۽ بالا رهڻو آهي. هر اهو سنڌي جو اسان جي مٿي ذڪر ڪيل مقصدن لاءِ بنا ڪنهن شرط شروط جي ون يونٽ جي خلاف عمل ڏيڻ ۽ مدد ڪرڻ لاءِ تيار ٿئي، اسان ؟، ان جي مدد حاصل ڪرڻي آهي.

(۵) هن وقت جن ماڻهن کي ڪن سببن ڪري شريڪ ڪري نہ سگهيا آهيون ۽ ڪن ڪوتاهين ڪري کين دعوت نہ وڪلي سگهيا آهيون، يا باوجود دعوت موڪلڻ جي هو مختلف جوهات سببان هن مجلس ۾ شريڪ نہ ٿيا آهن، تن کي هن قومي حاذ کان ٻاهر رکڻ جو ڪوبہ ارادو ڪونہ آهي. غلطيون هرهڪ ان ٿين ٿيون، انهن کي درگذر ڪرڻ قومي مفاد ۽ مصلحت وقت ي اهم تقاضا آهي.

(۶) سنڌ جي آزاد ڪرڻ بعد، اسان جي محاذ جا مکيہ بنيادي اصول: قوم پرستي، معاشي انصاف ۽ جمهوريت رکيا آهن.

(۷) آخر اسان کي مستقبل ۾ ملڪ جي سياسي ليڊر شپ، وام جي هٿن ۾ آڻڻي آهي؛ ليڪن ون يونٽ جي ڊاهڻ تائين اهڙا ختلافي مسئلا پيدا نہ ڪرڻا آهن، جن جي ڪري اسان ۾ اختلاف بدا ٿئي ۽ مقصد جي حصول ۾ رڪاوٽ جو ڪارڻ بنجن.

(٨) جيڪي صاحب اسان سان هن تحريڪ ۾ شامل ٿيڻ گهرن ٿا، تن کي شاهه لطيف عليہ رحہ جي هيٺئين بيت کي پنهنجي ذهن ۾ ضرور رکڻو پوندو:

"سرتيون سڀ سنج، متان ڪا مونسين هلي،
ڀائي ناهه ڀنڀن ۾، رائو سڀجهي رچ،
متان مري اچ، ڪا ڏئي پاراتو پنهونءَ کي."

(٩) خدا جي مهربانيءَ ۽ مخلص ڪارڪنن جي همت ۽ قربانيءَ سان ڏکيا ڏينهن جلد دور ٿيڻ وارا آهن ۽ سنڌ کي وري آزاد ڪري، ان جي از سرِنو تعمير ڪرڻي آهي.

(١٠) اسان کي آئينده، ماڻهن ۾ اهو شعور پيدا ڪرڻو آهي ته هو ڪرڻ ۽ ڪوڙي جي شناخت ڪري سياسي اقتدار، ذاتي وقار، عزت ۽ املاڪ جي طالبن جي پوئلڳيءَ کان پاڻ کي پاسي رکن، ۽ خدمتِ خلق، اصولن جي پابندن ۽ قربانين جي پتلن کي پنهنجو رهبر بنائين.

(١١) مون اهو فيصلو ڪيو آهي ته جيستائين سياسي معاملن ۾ اوهان سان شامل رهندس، اسيمبليءَ جي ميمبريءَ ۽ وزارت وغيره ۾ پاڻ نه ڦاسائيندس. اسان کي هن وقت سنڌ ۾ هرگروه ۽ هر شخص جي مدد جي ضرورت آهي، ليڪن اوهان کي يقين ٿو ڏياريان ته آءٌ هميشه اهو خيال مدنظر رکندس ته ڪي ماڻهو يا گروهه، اسان کي ڪنهن به صورت ۾ هٿيو بنائي، استعمال نه ڪن.

(١٢) هن وقت جن ماڻهن کي صدر صاحب جي ڊاڪا وارين مصلحتن ۾ شرڪت ڪرڻ، سنڌن دور وزارت ۾ ون يونٽ قائم رکڻ يا ان جي حمايت ڪرڻ وارن کي شامل نہ ڪري سگهيا آهيون ته ان جو مقصد عارضي آزمائش آهي. جڏهن انهن مان ڪي به شخص بنا شرط شروط جي اسان جي مقصد جي حصول لاءِ شامل ٿيڻ گهرندا، تڏهن انهن کي شامل ڪرڻ ۾ ڪو به اعتراض ڪرڻ نه گهرجي.

(١٣) اسان جي هن محاذ ۾ جا مکيہ مقصد رهندا:

(الف) ون يونٽ ڊاهرائي، ننڍن صوبن کي مڪمل آٽونامي ونائي ڏيڻ.

(ب) سنڌ جي ٻيھر آزاد ٿيڻ بعد، سنڌي سياست کي پاڪ صاف ڪري، عوام جي ترقي، خوشحالي ۽ ملڪي تعمير لاءِ ڪتب آڻڻو آهي.

(ج) معاشي انصاف هڪ اهڙو ذريعو آهي، جنھن وسيلي عوام جي زندگيءَ جو معيار بلند ٿي، ملڪ مان بک، بيروزگاري، جھالت، بيماري، بد اخلاقي دور ٿي سگھن ٿيون.

(١٤) ون يونٽ جي کلمکلا مخالفت ڪرڻ وارن کي، هن محاذ ۾ شامل ڪرڻ گھرجي. هنن کي ١٩٥٦ع جي آئين جي ٻڌايل ۽ زونل فيڊريشن ڪنھن به صورت ۾ قبول نہ ڪرڻا هن. جيڪي ماڻهو اهل پنجاب جي رضامنديءَ خاطر ون يونٽ جي خلاف آواز اٿارڻ جي باوجود مٿي ذڪر ڪيل ٻن شرطن سان شامل راءِ آهن، سي اسان سان شامل نہ ٿيڻ.

(١٥) سڀن کي خبر آهي تہ اسان جي جن نوجوان شاگردن ۽ قومي ڪارڪنن هن انقلاب آڻڻ ۾ حصو ورتو آهي، تن کي چند شخصن ۽ گروهن جي ابن الوقتيءَ واري پاليسيءَ خلاف سخت رنجيدگي آهي. ليڪن آءٌ ڪين سندن قربانين، همت ۽ صداقت جو واسطو وجھي، عرض ڪندس تہ ون يونٽ ڊاهڻ تائين ذرا ڌيرج کان ڪم وٺن. ڇاڪاڻ تہ ون يونٽ جي ڊاهڻ ۾ اسان کي هر سنڌيءَ جي مدد جي ضرورت آهي. اسان جي عوام ۾ اڃا ايترو شعور پيدا نہ ٿيو آهي، جو انهن قومي ڪارڪنن ۽ خادمن کي ٿوري تعداد ۾، اسيمبلين ۾ چونڊي موڪلين. پئسي، ذاتي اقتدار، نسل لاڳاپي، زميندار، پير ۽ مولويءَ کي اڃا اسان جي معاشري ۾ گھڻو اثر آهي، ۽ ڪم هڪ ئي وقت ٿي نہ سگھندا. تنھنڪري ون يونٽ

ڏاهپ تائين اختلافي مسئلا ڇيڙڻ، دانشمندي نه آهي.

(۱٦) اسان جي نوجوان قومي ڪارڪنن کي ملڪ ۽ عوام جي مستقبل درست ڪرڻ لاءِ پنهنجو ڪم جاري رکڻو پوندو؛ ليڪن حال ۽ مستقبل جي مسئلن جي وچ ۾ تميز ڪرڻ لازمي ٿيندي. سنڌ جي جدائيءَ کان پوءِ اقتصادي ۽ اخلاقي مسئلا ڇيڙي، فضا صاف ڪرائي سگهن ٿا.

(۱۷) شيخ عبدالمجيد صاحب ۽ آئون پوڙها ٿي چڪا آهيون، آئينده جي رهبريءَ جي واڳ نوجوانن کي وٺڻي آهي. پر آئون ڪافي عمر سياست جي ميدان تي رهندي ۽ مختلف تجربن ۽ معلومات جي بنياد تي ڏسي رهيو آهيان ته گهڻن نوجوانن ۾ صداقت، جذبه ايماني ۽ دلي همت جي باوجود، هوش کان وڌيڪ جوش غالب پئجيو وڃي. جوش ۽ جذبو لازمي آهن، پر حقائق دهر کي سامهون رکي، قدم کڻڻ، سياسي ڪاميابيءَ لاءِ تمام ضروري آهي.

(۲۰) نيشنل اسيمبليءَ جي جن ميمبرن همت ڪري، ون يونٽ جي مخالفت ۾ آواز ڪڙو ڪيو آهي، تن کي آءٌ مبارڪباد ڏيان ٿو. اميد اٿم ته هو آئينده به ساڳي راهه اختيار ڪندا ايندا ۽ ڪنهن لالچ يا ڪنهن دٻ جي ڪري موجوده اختيار ڪيل رويه کان ڦري نه ويندا.

(۲۱) هن محاذ کي وڌيڪ مضبوط بنائڻ لاءِ بلوچستان ۽ سرحد جي صوبن ۾ به اهڙا محاذ قائم ڪرائي، ان کان پوءِ سڀني صوبن جو متحده محاذ قائم ڪرڻو پوندو، ته جيئن ننڍن صوبن، خاص ڪري بينگال جا سياستدان، اسان جي مدد ڪرڻ ۾ پنهنجو به فائدو سمجهن.

(۲۲) آخر ۾ آئون عوامي ليگ جي ليڊر، شيخ مجيب الرحمان ۽ اهل بينگال جي انهن سڀني پارٽين جو شڪريو ادا ڪرڻ کان رهي نٿو سگهان، جن بنا ڪنهن شرط شروط جي ون يونٽ ڊاهڻ ۾

مغربي پاڪستان جي ننڍن صوبن کي مڪمل آٽو نامي ڏيارڻ جو آواز اٿاريو آهي.

آخر ۾ آئون، اوهان سڀني صاحبن جو شڪريه ادا ڪريان ٿو، جو اوهان سنڌ جي هر گوشي کان ڪهي، هتي اچي، اسان جي همت افزائيءَ ۽ مدد لاءِ گڏ ٿيا آهيو.

—غلام مرتضيٰ

شيخ مجيب الرحمان، صدر پاڪستان عوامي ليگ

کي ڏنل خطبهء استقباليه

[هيءَ خطبهء استقباليه، تاريخ ۱۰- آگسٽ ۱۹۶۹ع،
انٽر ڪانٽيننٽل هوٽل، ڪراچي، ۾ پڙهيو ويو.]

محترم مهمانو! شيخ مجيب الرحمان صاحب، صدر، پاڪستان عوامي ليگ ۽ ان جا معزز ساٿيو!

اسين سر زمين پاڪستان جي ان حصي ۾ اوهان صاحبن کي دل جي خلوص ۽ گهراين مان خوش آمديد چئون ٿا، جنهن کي "سنڌ" جي نالي سان ڪوٺيو وڃي ٿو. اڄ ان جي باري ۾ وڏيءَ انڪساريءَ سان اوهان کي ٻڌائڻ گهران ٿو ته هيءَ سر زمين ڪيترين خصوصيتن جي بناء تي ممتاز حيثيت جي مالڪ آهي. اسين هن علائقي جي تاريخ ۽ هتان جي باشندن جي انهن خوبين ڏانهن اوهان صاحبن جو ڌيان ڇڪائڻ مناسب سمجهون ٿا:

(۱) سنڌ آها سرزمين آهي، جنهن جون "فرحت بخش هوائون"، اسان جي نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم، عرب. ڏانهن گهلندي محسوس ڪيون هيون.

(۲) هن برصغير ۾ فقط سنڌ کي ئي "باب الاسلام" هئڻ جو شرف حاصل آهي.

(۳) دنيا جي هن حصي ۾، اسلامي تبليغ جي سلسلي ۾، سنڌ نمايان پارٽ ادا ڪيو آهي.

(٤) سنڌ کي نبي ڪريم صلعم جي ڪيترن اصحابن سڳورن جي ابدي آرام گاهه هئڻ جو شريف پڻ حاصل آهي.

(٥) سنڌ جي ماڙيءَ کي ڪيترن مذهبي ۽ روحاني عظيم رهنمائن جي جاءِ ولادت هئڻ جي سعادت حاصل آهي، مثلاً:

مخدوم بلال رح، مخدوم نوح رح، ميان ميرُ رح، شاهه عبداللطيف رح ۽ سچل سرمست، انهن مان چند بزرگ آهن. ازانسواءِ، حضرت شهباز قلندر رح ۽ سيد محمد مڪي رح، جهڙا عالمي شهرت جا مالڪ، هن سڳوريءَ سرزمين ۾ آرامي آهن.

(٦) سنڌ جي سرزمين قائد اعظم، ملا مبارڪ (ابوالفضل ۽ فيضيءَ جو والد) ۽ سر آغا خان جهڙن تاريخ ساز شخصيتن کي جنم ڏنو آهي.

(٧) اوڻويهين ۽ ويهين صديءَ جي سمورين اسلامي تحريڪن ۾، سنڌ نهايت ئي اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. سامراجي اصطلاح ۾، جنهن انقلابي تحريڪ کي ''غدر'' (١٨٥٧ع) جي نالي سان ڪوٺيو وڃي ٿو، ان جي شروعات، هندستان جي ٻين سمورن صوبن کان اڳ، سنڌ مان ٿي هئي. انهيءَ انقلابي تحريڪ کان به اڳ، هيءَ ئي سرزمين هئي جنهن سيد احمد بريلويءَ جهڙي مجاهد اعظم کي جهاد شروع ڪرڻ لاءِ پيسا، ماڻهو ۽ هٿيار موجود ڪري ڏنا هئا. اهڙيءَ طرح، بعد جي سياسي تحريڪن، مثلاً خلافت تحريڪ، هجرت تحريڪ، مسلم ليگ تحريڪ ۽ پاڪستان تحريڪ، انهن مڙني ۾ سنڌ جي سرزمين غير معمولي خدمتون بجا آنديون آهن. انهن مان ڪيترين تحريڪن کي هن سرزمين، جليل القدر صدر ۽ رهنما پڻ پيش ڪيا آهن، مثلاً قائد اعظم، سر آغا خان، مسٽر غلام محمد پرڪڙي، سر عبدالله هارون، شيخ عبدالمجيد سنڌي، مولانا عبيدالله سنڌي، رئيس جان محمد جوڻيجو ۽ عالي قدر مولانا امروٽي، انهيءَ زمري ۾ اچن ٿا. پاڪستان جي عظيم تحريڪ جي

سلسلي ۾ انهيءَ ڏيان ڇڪائڻ جي ايتري ضرورت نه آهي ته سنڌ جون خدمتون ڪيتريءَ اهميت جون لائق آهن. افسوس جو مقام آهي ته اسان پروپگنڊا ۽ پنهنجي پذيرائيءَ جي سطحي ڳالهين کي ڪا به اهميت ڪا نه ڏني آهي، ورنه اسان وٽ اهڙي لٽريچر جو انبار موجود هجي ها، جنهن ۾ تحريڪ پاڪستان جي مهم جي سلسلي ۾، هتان جي ماڻهن جي عظيم خدمتن ۽ قربانين جي اهم واقعن سان ڀرپور نظر اچي ها. مثال طور: منزل گاهه (سکر) جي تاريخي جدوجهد کي ڏسجي ته ان موقعي تي، مسلم ليگ پنهنجي تاريخ ۾ پهريون دفعو سول نافرمانيءَ جو رستو اختيار ڪيو. هندن ۽ حڪومت جي گڏيل مخالفانه طاقت جو مقابلو ۽ هر طرح جي جسماني ۽ ذهني تڪليفن ۽ عذابن برداشت ڪرڻ سان گڏوگڏ خون جون پڻ ڪيتريون ئي قربانيون ڏنيون.

(٨) مسلمانن جي تعليمي سلسلي ۾، سر سيد احمد خان مرحوم جي آواز تي لبيڪ چوڻ وارن مان، علي ڳڙهه کان پوءِ يا ائين چئجي ته بنگال کان پوءِ، سنڌ جو نمبر آهي. هتان جي تاريخي تعليمي ادارو، "سنڌ مدوسة السلام"، هتان جي باني جي تعليمي دلچسپيءَ جي سلسلي ۾ هڪ زنده يادگار آهي. هن اداري مان مستقبل جو قائد، محمد علي جناح مرحوم جهڙو عالي رتبي وارو شاگرد پڻ تعليم وٺي چڪو آهي.

(٩) پاڪستان تحريڪ جي سلسلي ۾، سنڌ ئي هڪ اهڙو علائقو هو، جنهن برصغير هند- پاڪ جي تاريخ ۾ سڀني کان اول، هندستان جي ورهاڱي ۽ مسلمانن لاءِ جدا وطن قائم ڪرڻ لاءِ ٺهراءُ پاس ڪيو. اهو ٺهراءُ، لاهور واري تاريخي قرارداد کان ٻه سال اڳ، سنڌ مسلم ليگ، آڪٽوبر ١٩٣٨ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ڪوٺايل ڪانفرنس ۾ پاس ڪيو هو.

(١٠) ساڳيءَ ريت، ملڪي ورهاڱي کان اڳ، هندستان جي مڙني قانون ساز ادارن جي تاريخ ۾، سنڌ علائقي جي

قانون ساز اسيمبلي ئي هڪ پهريون ادارو هو، جنهن قيام پاڪستان جي مطالبي جي حمايت ۾ ٺهراءُ پاس ڪيو. اهو ٺهراءُ مون پيش ڪيو هو ۽ مارچ ١٩٤٣ع ۾ پاس ڪيو ويو هو. ان وقت، پاڪستان جي حمايت ۾ هندستان جي ٻي ڪا به صوبائي قانون ساز اسيمبلي، انهيءَ حد تائين اڳتي قدم کڻي نه سگهي هئي.

(١١) هندستان جي ورهاڱي کان پوءِ، نئين حڪومت جي گاديءَ لاءِ سنڌ ئي پنهنجو صوبائي سيڪريٽريٽ جون عمارتون پيش ڪيون ۽ ڪڏوڪڏ هندستان مان لڏي ايندڙ مهاجرن کي وڏيءَ دل سان خوش آمديد چئي. هتان جا مقامي ماڻهو، مهاجرن سان هر هنڌ هڪ سچي انصار واري جذبي سان پيش آيا ۽ اڄ به هو انهيءَ ئي جذبي سان تعاون ڪندا رهن ٿا.

(١٢) جيڪڏهن سنڌ جي تاريخي وسعتن جو مختصر جائزو ورتو وڃي ته هيءَ حقيقت ڏسڻ ۾ ايندي، ته هن سرزمين جي ماڻهن، انسانيت جي اعليٰ قدرن تي نه رڳو يقين رکيو آهي، پر هو وڏيءَ مضبوطيءَ سان انهن تي عمل به ڪندا پئي رهيا آهن. مثال طور امن ۽ رواداريءَ کي ڏسبو ته عصبيت ۽ جارحيت جي عزائم کان پاڪ نظر ايندي. اهڙيءَ طرح حب الوطني، پاڙيسرين سان تعلقات، انصاف، آزادي ۽ ٻيا اهڙا سمورا اخلاقي اصول، جيڪي انسان ذات جي روحاني ۽ دنيوي ورثي جو نچوڙ رهيا آهن، تن تي اهل سنڌ هميشه کان عمل ڪندا رهيا آهن. هتان جي ڪيترين ئي اعليٰ روايتن مان هيءَ به هڪ آهي ته اسان پنهنجي مانيءَ جي گرهي ۾ ٻين کي ته شريڪ ڪندا رهيا آهيون، پر پاڻ، ڪڏهن به ڪنهن ٻئي شخص جي وات جو گرهه نه کسيو آهي.

(١) سنڌ جي تاريخ جو ٻيو روشن پهلو هيءُ آهي ته هتان جا رهواسي، فطري طور جمهوريت پسند رهيا آهن. سمورو اقتدار ڪنهن هڪ شخص جي هٿ ۾ هجي، هو انهيءَ اصول سان هميشه کان نفرت ڪندا رهيا آهن- جيسين ڪنهن جابر، حملي آور، سنڌ

کي پيلي، قبضي هيٺ نٿي آندو، تيسين ملڪي اقتدار هميشه
هڪ ڪان وڌيڪ ماڻهن جي هٿن ۾ رهيو؛ يعني مقامي قبيلا،
جماعتون ۽ براديون اقتدار ۾ شريڪ رهيون. مثال طور، جنهن دور
۾ فرينچ، "هڪ شخص" جي اقتدار ڪان ڇوٽڪاري حاصل ڪرڻ
لاءِ جدوجهد ڪندا ٿي رهيا، تڏهن هتي، ان ڪان به اڳ، حڪومت
جو سرشتو وسيع بنيادن تي بيٺل هو. ملڪي اقتدار هڪ ئي
"ڇوياري"، يعني ڇهن پاڙن جي قبضي ۾ هو، ۽ گڏوگڏ ان ۾ مقامي
قبيلن کي به شريڪ ڪيل هو. جيتوڻيڪ اڄ ان دور جي حڪومتي
سرشتي کي غير مڪمل ۽ گهٽ اهميت وارو تصور ڪيو
ويندو، پر پوءِ به ماضيءَ جا رجحان انهن ئي مکڙين جي ابتدائي
صورت جو پتو ڏين ٿا، جيڪي اڳتي هلي جمهوريت جي گلن ۽
ٻوٽن جي شڪل ۾ ٽڙيا ۽ ٻهڪيا. جيڪڏهن اسين انهن رجحانن
کي اڄوڪي زماني جي، حالتن جي روشنيءَ ۾ ڏسنداسون ته اهي
اسان کي واقعي قيمتي معلوم نه ٿيندا، پر پوءِ به اهي رجحان هتان
جي ماڻهن جي مزاج جي ساخت جو نشان پتو ضرور ميسر ڪن ٿا.

(١٤) اسان جو علائقو اڪثر ڪري اهڙن ماڻهن سان
آباد رهندو آيو آهي، جن جون دليون هميشه حب الوطنيءَ جي
عظيم جذبي سان ٽمٽار رهيون آهن. سندن تاريخ، مسلسل جدوجهد
جي هڪ اهڙي تاريخ آهي، جنهن ۾ پنهنجي آزاديءَ جي تحفظ
۽ وطن جي ناموس کي بچائڻ لاءِ وقت بوقت ٻاهرين حملي آورن
سان مقابلو ڪندا رهيا آهن. بدقسمتيءَ سببان سنڌ جي سرزمين،
عالمي تجارتي شاهراه تي هئڻ ڪري، وقت بوقت ان تي قبضي لاءِ
ڪاهون ٿينديون رهيون آهن. جيڪڏهن هتان جي رهاڪن ۾ اها
خوبي نه هجي ها ته پنجن هزارن سالن جي طويل تاريخ ۾، سنڌ
پنهنجي وجود جو تسلسل قائم رکڻ ۽ حملن جي مد وجزر ۾
پاڻ کي زنده رکڻ جي قابل نه رهي ها. هيئنر جڏهن ته حب الوطنيءَ
جون فطري حدون، تاريخ جي وسيلي ايتريون وسيع ٿي چڪيون

من جو پاڪستان ڪي پنهنجي دائري ۾ شمار ڪندي ۽ ان کي سبتاً وڏيڪ اهميت بخشي آهي. اسان جي ديسواسين جي ڪردار ۾ اها تاريخي خصوصيت، مصيبتن ۽ آزمائشن جي هر موقعي ۽ مهل ۾، سموريءَ قوم لاءِ هڪ قيمتي سرمايو ثابت ٿيندي رهي آهي.

عاليجناب شيخ صاحب! اسان جي سرزمين، خوشقسمتيءَ توڙي قسمتيءَ جي ڪيترن ئي دورن مان گذري آهي. انگريزن، اسان ۾ صلح پسنديءَ ۽ واعدي وفائيءَ واري عظيم جذبي مان ناجائز ئدو وٺندي، ۱۸۴۳ع ۾، سنڌ تي قبضو ڪري ورتو. قبضي وارن روعاتي ڇهن سالن جي عرصي اندر، پنهنجي سهوليت خاطر اسان ي تاريخي جدا ڳاڻ وجود ۽ وقار کي ختم ڪرڻ ۽ آزاديءَ جي سامن کي ناس ڪرڻ لاءِ، سنڌ کي بمبئي علائقي جو پوئلڳ ائي ڇڏيو. آخر لمبيءَ جدوجهد کان پوءِ، جنهن ۾ مسلم ليگ، لافت ڪميٽي، مسلم ڪانفرنس ۽ جميعت العلماءِ هند جهڙين ۔ حريڪن اسان جي همت افزائي ڪئي ۽ قائد اعظم، مولانا محمدعلي سر آغا خان جهڙن اعليٰ اڳواڻن اسان جي رهنمائي ڪئي، تڏهن جي اسين سنڌ کي بمبئيءَ جي غلاميءَ کان ڇوٽڪاري ڏيارڻ ڪامياب ٿياسون. ان کان پوءِ، پر ڏهه سالن جي عرصي اندر، سين پاڻ کي نئينءَ حڪومت سان نهڪائڻ، پنهنجن ڪوششن جي يجن کي سيهڙڻ ۽ نئين دور جي مشنريءَ (۱۹۳۵ع جي قانون سي پيداوار) سان پاڻ کي مانوس ڪرڻ ۾ پورا ڪيا. اسين سليم ڪريون ٿا تہ انهيءَ مدت جو زياده عرصو نون تجربن، لطين ۽ غلطين جي سڌارڻ ۾ گذاري ڇڏيوسين. ليڪن، برصغير و بيو اهڙو کهڙو صوبو آهي، جيڪو انهن مرحلن مان نہ گذريو آهي کهڙي صوبي شروع کان ئي سياسي پختگيءَ جي پائدار راهن ۾ وک وڌائي آهي؟ دراصل، تاريخ جو اهو دور مجموعي طور جيءَ دنيا لاءِ هڪ غير معمولي قسم هو. پهريائين تہ انهن ڏينهن ۾ عالمي جنگ جا انديشا، پيابڪ خطرن جي روپ ۾ هر ڪنهن

جي دماغ تي ڇانيل رهيا، ۽ انهن ئي ڏسندي ڏسندي هڪ عالمي جنگ شروع ٿي ويئي. بدقسمتيءَ سان هندستان جي سياسي فضا ۾ اڪيهٺي مهاسڀائي هندن ۽ مسلمانن، ڪانگريس ۽ مسلم ليگ، ۽ ڪانگريس ۽ برطانوي حڪومت جي وچ ۾ ڇڪتاڻ سبب، باهه جون ڇڻگون دکي رهيون هيون. ساڳئي وقت اسان وٽ، مقامي طور پنهنجن ئي حدن اندر اقتصادي ۽ فرقيوارانه فسادن سان دوچار هئاسون، جي شروع کان ئي قانوني تعطل ۽ اختلافن ڏانهن وڌي ٿي ويا. بهرحال، هيءَ ڳالهه لازمي هئي ته اهي حالتون اسان جي زندگيءَ جي معاملن تي اثر انداز ٿين ۽ اسان کي وڌيڪ ڇڪتاڻ ۾ الجهائي وجهن. ان بعد اسان هڪ بهتر وقت ۽ مضبوط آئيني زندگيءَ جي اميدن سان نئين ڏهه-سالي طرف نگاهون کنيون. ليڪن، ان کان اڳ، اهو ٽيون ڏهه-سالو اسان کي ميسر ٿئي ئي ٿئي، تنهن کان اڳ اسين "ون يونٽ" جي بار هيٺ دٻجي وياسين.

اسين نهايت انڪساريءَ سان اوهان صاحبن ۽ سمورن هموطن پاڻن کي هيءَ حقيقت گوش گذار ڪرڻ چاهيون ٿا ته "ون يونٽ" هڪ سوچيل سمجهيل بي رحمانه ۽ ناقابل عمل آئيني چالبازي هئي؛ جا خود انهن مقصدن مان ئي ثابت ٿئي ٿي جي ان جا محرڪ هئا ۽ جن جو اظهار بدنام زمانه خفيه دستاويز "ايڪس" ۾ ڪيو ويو آهي، يا جنهن نموني تيرهن سالن کان هلندو رهيو آهي، ان مان ئي ظاهر آهي.

اسان جي ون يونٽ جي سرشتي کان نفرت، ڪيترن مختلف سببن جي بنياد تي آهي، جن مان فقط چند پيش ڪريون ٿا:

(۱) هيءَ سرشتو تيرهن سالن جي عرصي کان مختلف حڪومتن ۽ مختلف قانوني سرشتن هيٺ رهندو آيو آهي. اڄ سڀني اڳيان هيءَ حقيقت ظاهر ٿي چڪي آهي ته ون يونٽ جو سرشتو ڪامياب ثابت نه ٿيو آهي. ان مان جيڪي نتيجا پيدا ٿيا آهن، سي خود ان جي باني جي اميدن جي بلڪل خلاف ويا آهن.

(۲) اهو سرشتو، اولهه پاڪستان جي باشندن جي وچ ۾ ڇڪتاڻ وڌائڻ جو هڪ خاص سبب بڻيو آهي، ۽ ان، قومي اتحاد جي نشو ونما کي وڏو ضرر رسايو آهي. اسين سچيءَ دل سان سموري پاڪستان جي ڀلائي چاهيون ٿا: ڇاڪاڻ ته اسين سمورا ان سان محبت ڪريون ٿا ۽ ان جي ڀلائيءَ لاءِ پنهنجين عزيز حياتين قربان ڪرڻ لاءِ پڻ تيار آهيون. اسين هڪ محب وطن جي حيثيت سان چئون ٿا ته ملڪ جي اندروني رنجشن ۽ رقابتن کي وڌيڪ وقت جاري رکڻ ۽ طاقت جي زور سان موجوده انتظامي سرشتي کي قائم رکڻ جي ڪوشش ڪرڻ، ڪنهن به صورت ۾ دانائپ وارو ڪم نه آهي. هيءَ حقيقت وسارڻ نه گهرجي ته ون يونٽ جي سرشتي هيٺ ملڪي ڍانچي جا ڪيترا جزا پاڻ کي هيسايل، ڪمزور، ڌتڙيل، ناراض، ذهني طور شڪست خورده، بيمار ۽ بي يارو مددگار محسوس ڪري رهيا آهن.

(۳) تفصيلوار شڪايتن جي وضاحت کي في الحال هڪ طرف رکندي، ائين چوڻو پوندو ته ون يونٽ، سنڌ جي ماڻهن جي خود داديءَ جي احساس کي مجروح ڪرڻ سان گڏوگڏ، کين آزاديءَ جي نعمت کان پڻ محروم ڪري ڇڏيو آهي. درحقيقت موجوده صورت ۾ آزاديءَ جي ڪا به معني ڪانه ٿي رهي— جڏهن صورتحال هيءَ هجي ته هڪ علائقي جي آزاد شهرين کي اهو موقعو به حاصل نه هجي ته هو فقط پنهنجا ميونسپل معاملا پاڻ هلائڻ جو اختيار رکندا هجن!

(۴) ون يونٽ جي سرشتي، بيشمار انتظامي برائين ۽ خرابين کي ڦهلائڻ ۾ مدد ڏني آهي، جنهن جي نتيجي ۾ اڄ اسان جي حڪومت، وڏي پيماني تي ۽ نهايت بريءَ طرح رشوت خوريءَ، لالچ، ڪاسورن جي غرورن غير ذميداريءَ، نااهليءَ ۽ طاقت جي غير دانشمندانه استعمال سان پيدا ٿيندڙ برائن سببان داغدار ٿي چڪي آهي. ٻين لفظن ۾ ائين چئجي ته بد نصيب سنڌ، "نندڙيءَ [illegible]رل جي ڪم عقل ۽ خودسر آفيسرن لاءِ هڪ جنت" بڻجي

ويٺي آهي. انهيءَ جو ڪارڻ هيءَ آهي تہ هتي مقرر ٿيل ڪارندا، وڏيءَ بيپرواهيءَ سان ڪم ڪن ٿا ۽ ساڳئي وقت عوامي نمائندن جي نظر داريءَ ۽ بازپرس کان محفوظ آهن.

(٥) هن نظام جو وجود، جمهوريت جي بنيادي روح کان ئي انڪاري آهي. سنڌ جا باشندا هن سرشتي کي متفق طور دل سان رد ڪري چڪا آهن.

(٦) هن سرشتي هيٺ، سنڌ جي حيثيت انگريزن جي دور واري "هوم رول" جي درجي کان بہ گهٽو هيٺ ڪري چڪي آهي، جنهن جو هند ۽ پاڪ جي ماڻهن، اڄ کان ستر سال اڳ، مطالبو ڪيو هو.

(٧) هيءَ انتظامي سرشتو خود ويهين صديءَ جي انهن تقاضائن کان ئي انڪاري آهي، جيڪي خود اختياريءَ واري حق جي بنياد تي، سموري طاقت عوام جي حوالي ڪرڻ جو تاڪيد ڪن ٿيون ۽ ان ۾ ڪنهن بہ جي مداخلت برداشت ڪرڻ نٿيون چاهين.

(٨) ون يونٽ جو ٺاهڻ، انهيءَ بنيادي مقصد جي پڻ بلڪل خلاف هو، جنهن مقصد لاءِ هيءَ ملڪ وجود ۾ آندو ويو هو، هيءَ "صنعت" لاهور ۾ (١٩٤٠ع) پاس ڪيل "قرار دادا پاڪستان" جي لفظن ۽ معنيٰ جي ئي بنهہ ابتڙ آهي.

(٩) ون يونٽ جي تخليق، ١٩٤٣ع واري پاڪستان ريزوليشن جي روح کان ئي انڪاري آهي، جيڪو سنڌ جي قانون ساز اسيمبليءَ وڏيءَ اڪثريت سان پاس ڪيو هو.

(١٠) ون يونٽ جي تخليق، ١٩٤٧ع واري آزاديءَ جي ائڪٽ، جي لفظن ۽ معنيٰ جي پڻ قطعي خلاف آهي، جيڪو برطانوي پارليامينٽ پاس ڪيو هو ۽ جنهن موجب پاڪستان وجود ۾ آيو.

(١١) ون يونٽ جو وجود، اقوام متحده جي بنيادي اصولن جي پڻ ڀڃڪڙي ڪندڙ آهي، جن ۾ ننڍين قومن کي ملڪي

سرحدن، زبان، ثقافت ۽ سياسي تحفظ جي بنياد تي خود اختياريءَ جو حق ڏنل آهي.

(۱۲) ون يونٽ، انهن اصولن جي پڻ برخلاف آهي، جيڪي ۱۹۳۰ع ۾، قائد اعظم محمد علي جناح طرفان پيش ڪيا ويا هئا.

(۱۳) ون يونٽ جي تخليق، قائد اعظم محمد علي جناح طرفان ۱۹۳۰ع ۾، پيش ڪيل، '۱۴ نڪتن' واري پروگرام کان پڻ انڪاري آهي.

(۱۴) ون يونٽ جي تخليق، هندستان جي مڙني مسلم پارٽين طرفان، ۱۹۳۰ع ۾ ڪونايل ڪانفرنس جي انهيءَ مطالبي جي پڻ برخلاف آهي، جنهن جي سنڌ ۽ هندستان جي مڙني مسلم اڳواڻن گڏجي حمايت ڪئي هئي.

(۱۵) ون يونٽ جي تخليق، "قرار داد مقاصد" جي معنيٰ ۽ مفهوم کان ئي انڪاري آهي، جيڪو ۱۹۴۹ع ۾، پاڪستان جي پهرينءَ دستور ساز اسيمبليءَ، قائد ملت لياقت علي خان جي صدارت ۾ پاس ڪيو هو. انهيءَ کان علاوه، انهيءَ آئين جي بنيادي اصول جي پڻ ڀڃڪڙي ڪندڙ آهي، جيڪو ان وقت جي اسيمبليءَ منظور ڪيو هو.

(۱۶) آخر ۾، ون يونٽ جي سرشتي جو قائم رکڻ، ۱۹۵۷ع ۾، اولهه پاڪستان جي قانون ساز اسيمبليءَ جي پاس ڪيل ٺهراءَ جي لفظن ۽ معنيٰ جي پڻ خلاف آهي، جنهن ۾ ون يونٽ کي ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو هو، ۽ انهيءَ ٺهراءَ جي فائدي ۾ مجموعي طور اولهه پاڪستان جا سمورا چونڊيل ميمبر ۽ مرڪز جا نمائندا متفق هئا.

شيخ صاحب ۽ پيا ـرسو: اسان انهيءَ برائي [illegible] ـم ڪرڻ لاءِ، ۱۹۵٦ع ۾، ٽن ننڍن صوبن جو "اينٽي ون يونٽ محاذ" بڻايو. ڪجهه عرصي گذرڻ کان پوءِ، اهو محاذ، "پاڪستان نيشنل پارٽي"

ي صورت ۾ وڌيو ۽ آخر اڳتي هلي، "نيشنل عوامي پارٽي" ۾
ٽالي سان ڪونجڻ لڳو.

جناب شيخ صاحب! اوهان کي بخوبي معلوم آهي ته ...
ڪيترائي دفعا اوهان جي پارٽيءَ ڏانهن انهيءَ ئي مقصد سان رجو
ٿياسون. اوهان جي اعليٰ مرتبي واري رهنما، جناب سهرورديءَ، سلھ
سان ايوب مارشل لا جي لاڳو ٿيڻ کان پوءِ، ڪراچيءَ ۾ منهنج
بنگلي تي، جتي هو پاڻ ۽ سنڌ جا ٻيا سمورا ليڊر موجود هئ
اسان جي جائز مقصد جي حمايت ڪئي هئي. ۽ واعدو ڪيو ه
ته اسان جا علائقا ۽ علائقائي خودمختياري واپس وٺرائي ڏيڻ
اسان جي مدد ڪندو. ليڪن بدقسمتي چئجي جو هو اڄ اسا
وٽ موجود نه آهي.

اسين، اڄ اوهان کي مرحوم جا لائق جانشين سمجهندي
پيهر اوهان ڏانهن رجوع ڪريون ٿا ۽ اوهان جي معرفت، اوڀر پاڪستا
جي پنهنجن وڏن ڀائرن کي اپيل ڪريون ٿا ته هو پنهنجي مرحوم ليڊ
جي واعدي کي ضرور پورو ڪن.

اسين هيءَ حقيقت بلڪل صاف طور واضح ڪرڻ چاهيون
ته ١٩٥٦ع جو آئين اسان جي لاءِ ڪنهن به صورت ۾ قابل قبو
نه ٿيندو. انهيءَ ڪري ته اهو قطعي غير جمهوري طريقي سان وجو
۾ آيل دستور ساز اسيمبليءَ، تيار ڪيو هو. اسين هيءَ ڳالهه
صاف ڪرڻ چاهيون ٿا ته هڪ نئين قائم ٿيل سياسي جماعت جا ڪ
ليڊر، ون يونٽ کي برقرار رکڻ ۽ اوڀر پاڪستان کي ان ج
جائز حقن کان محروم ڪرڻ جي نيت سان، اهڙي اثر پيدا ڪر
جي ڪوشش ڪري رهيا آهن ته جيڪڏهن ١٩٥٦ع جو آئين بحا
نه ڪيو ويو ته چونڊون ٿي نه سگهنديون ۽ پاڪستان ٽڪرا ٽڪ
ٿي ويندو. اسين انهن ماڻهن کي ڀڙائڻ گهرون ٿا ته انهيءَ آئ
جي بحاليءَ ئي اهڙا مسئلا پيدا ڪندي، جن کان هو خود بچ
گهرن ٿا. جسٽس فضل اڪبر، جيڪو ڊي سنٽرلائيزيشن ڪميٽي

[illegible] رهڻ آهي، تازو علي ا[illegible]ن چيو [illegible]ي ته ننڍن صوبن جا
٩٧ [illegible]و ماڻهو نه فقط ون [illegible] جي بر خلاف آهن پر هو ان
[illegible] ماڻهو، جيڪي ١٩٥٦ جي دستور جا
حامي آهن ۽ چاهين ٿا ته ٥٦، [illegible] جي دستور هيٺ چونڊون ٿين
۽ ننڍن صوبن جا ماڻهو ساڳيءَ طرح [illegible] جي [illegible]
تڙپندا رهن ته انهيءَ حالت ۾ چونڊن وقت، ماڻهن جي نفرت جا جذبا وڌيڪ ترقي ڪين ڪندا؟ ڇا، هو ائين سمجهن ٿا ته اولهه پاڪستان ۾، ١٩٥٦ع جي دستور هيٺ (يعني مساوات جي بنياد تي نمائندگي ۽ دستور ۾ ترميم لاءِ ٻه ڀاڱي ٽي اڪثرت جي شرط سان گڏ) چونڊون ٿين ته ان حالت ۾ چونڊن جي موقعي تي، انتها پسندانه جذبات کي وڌيڪ ڀڙڪائڻ جو هٿ وٺي موقعو پيدا نه ڪندا؟

آءٌ انهن ماڻهن کي هن حقيقت کان ضرور آگاهه ڪندس ته اسلام يا حب الوطنيءَ جي ٺيڪيداري اوهان حاصل ڪا نه ڪئي آهي. آخري ڳالهه هيءَ آهي ته اهي ماڻهو، جن پنهنجي زياده زندگي، برطانوي ملازمت ۾ گذاري آهي، تن کي ائين نٿو سونهين ته هو قوم جي انهن خادمن تي پٿر اڇلائين، جن برطانوي سامراج سان لڙائي ڪئي ۽ پاڪستان کي وجود ۾ آڻڻ لاءِ ڪافي تڪليفون پئي کنيون.

شيخ صاحب! ننڍن صوبن ۽ اولهه پاڪستان [illegible] جو حل، اسان جي اتحاد ۾ پوشيده آهي [illegible] جي بيانن ۽ اوهان جي سياسي مضبوطيءَ [illegible] صوبن جي ماڻهن جي دلين ۾ اوهان جي شخصيت ۽ پارٽيءَ ۾ چڱيون اميدون پيدا ٿيون آهن. مشرقي پاڪستان کي آباديءَ جي بنياد تي نمائندگي ۽ مڪمل طور اندروني خود اختياريءَ (آٽو نامي) جا مطالبا، سواءِ ڪنهن شڪ شبهي جي اهڙا جائز ۽ درست آهن، جهڙا اسان جا. اسان اوهان سان گڏ هڪ ئي ٻيڙيءَ ۾ سوار آهيون، ان ڪري اوهان سان هر طرح ثابت قدم رهنداسين. اميد آهي ته اوهان به اسان جي نصب العين جي حمايت جاري رکيو ايندا ۽ اسان جو ساٿ هرگز نه ڇڏيندا.

آءٌ، اولهہ پاڪستان جي ننڍن صوبن ۾ اها ڪوشش ڪري رهيو آهيان تہ زياده کان زياده همخيال فردن، گروهن ۽ جماعتن تي مشتمل محاذ، وجود ۾ آندا وڃن.

جيڪڏهن پاڪستان جون سموريون همخيال سياسي جماعتون ڪنهن سمجهوتي تي آماده ٿي وڃن تہ ان مان ننڍن صوبن ۾، اسان جي ڪم ۾ وڌيڪ آساني پيدا ٿيندي.

آءٌ وري هڪ دفعو اوهان سڀني صاحبن کي مرحبا چوان ٿو ۽ پنهنجي طرفان يقين ڏياريان ٿو تہ اسين اوهان جي قيادت ۾ مڪمل اعتماد رکون ٿا ۽ اوهان جي ذات گرامي ۽ جي معرفت، پنهنجي اوير پاڪستان جي پاڻن اکي دل جي انتهائي گهراين ۽ محبت مان سلام پيش ڪريون ٿا.

— غلام مرتضيٰ

سنڌ متحده محاذ جي تاريخ

مقاصد ۽ طريقهءِ ڪار تي سرسري نظر

سنڌين جي [illegible] متحده محاذ" ۾ شموليت جو اظهار ڪيو آهي؛ هن جو مکيه مقصد هيءُ پئي رهيو آهي ته "ون يونٽ" کي ختم ڪرائي، اڳوڻن صوبن کي بحال ڪيو وڃي. ڇاڪاڻ ته هو ون يونٽ جي وجود کي، ننڍن صوبن لاءِ اقتصادي، سياسي ۽ سماجي ترقيءَ جي راهه ۾ هڪ وڏي رڪاوٽ سمجهن ٿا. انهيءَ اتحاد تي ڪن نوجوانن ۽ ڪهنه مشق سياستدانن کي شخصي ۽ نظرياتي ناراضگي پيدا ٿي آهي. انهيءَ ڪري؛ آءٌ ضروري ٿو سمجهان ته محاذ جي تاريخ، مقاصد ۽ طريقهءِ ڪار تي ڪي قدر روشني وجهان.

تاريخ

سال ١٦٣٦ ۾، سنڌ بمبئيءَ کان الڳ ٿي، جدا صوبي جي صورت اختيار ڪئي. ساڳئي سال جي آخر ۾ (سال ١٩٣٧ع ۾ ٿيندڙ چونڊن کان اڳ)، سنڌ جي مکيه سياسي گروهن کي پاڻ ۾ ملائي، هڪ غير فرقيوارانه جماعت، "اتحاد پارٽيءَ" جي نالي سان برپا ڪئي وئي؛ جنهن، سر فضل حسين مرحوم جي "يونينسٽ پارٽيءَ" جي نقش قدم تي هلي، صوبي جي ترقيءَ ۽ تعمير ڏانهن توجهه ڏيڻ ضروري ڄاتو ٿي. بدقسمتيءَ سان گروهي مفاد ۽ باوجود ڪنوينشن ۾ شامل ٿيڻ جي، سر غلام حسين جو گروهه، ميران محمد شاهه جي ڏنهي ليڊر چونڊجڻ جي معمولي سوال تان ناراض ٿي،

علحده ٿي ويو ۽ اهو اتحاد ٽٽي پيو. ليڪن ٿوري وقت کان پوءِ، اتحاد پارٽيءَ جي وزارت، خانبهادر الهه بخش مرحوم جي هٿ هيٺ هئي، جا گهڻو وقت هلندي رهي. انهيءَ وزارت سان ڏلن گهڻائڻ جي سوال تان اختلاف پيدا ٿيڻ کان پوءِ، اسان وٽ سنڌ جي سياست ۾ ڪانگريس ۽ آل انڊيا مسلم ليگ جماعت، دخل اندازي ڪرڻ شروع ڪئي. نتيجو اهو نڪتو ته آخر انهن اختلافن ملڪ کي ورهائي، پاڪستان ۽ ڀارت جي صورت ۾ آزادي ڏياري. اسان کي وڏي اميد هئي ته حالتن ۾ نيٺ ناپر ۽ سڌارو ايندو. ليڪن پاڪستان جو معمار، قائد اعظم محمد علي جناح، هڪ سال جي عرصي اندر وفات ڪري ويو ۽ ڪانئس پوءِ نوابزاده لياقت علي خان حالتن کي قبضي هيٺ رکندو آيو. پر پوءِ هن جي وفات بعد حالتون اهڙين ڪان وڌيڪ تيزيءَ سان بدلجڻ شروع ٿيون.

بينگال ۽ پنجاب جي سياستدانن طرفان نئين قائم ٿيل مملڪت تي اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ، پاڻ ۾ جيڪا ڪشمڪش شروع ٿي، تنهن حالتن کي انهيءَ ڪڙيءَ تي پهچايو جو انن سالن جي لڳاتار ڪوشش ۽ جفاڪشيءَ کان پوءِ بس وڃي ١٩٥٤ع وارو آئين تيار ٿيو. انهيءَ آئين کي عمل ۾ اچڻ کان روڪڻ لاءِ گورنر جنرل، غلام محمد مرحوم، اهڙيءَ آئين ساز اسيمبليءَ کي غير جمهوري طريقن سان ختم ڪرائي، نئين آئين ساز اسيمبليءَ کي وجود ۾ آڻي، ان کان ١٩٥٦ع جو آئين پاس ڪرايو. آئين جو مکيه شاخسار ون يونٽ جو قيام، اوپر ۽ اولهه پاڪستان ۾ باوجود آباديءَ جي تفاوت جي مساوي نمائندگي ڏيڻ ۽ ون يونٽ کي ڊهڻ کان بچائڻ لاءِ، آئين ۾ به ڀاڱي ٽي حصي سان ترميم جا فقرا داخل ڪيا ويا. مطلب ته جن ارادن ۽ طريقن سان ون يونٽ قائم ڪيو ويو هو، تن، حالتن کي درست ڪرڻ بدران سور ڳو وڌيڪ ناسازگار بنائي ڇڏيو. روزانه "عبرت"، حيدرآباد ۾، هڪ غير جانبدار نالي مضمون نگار، موجوده صورتحال کي سامهون رکندي، لکي ٿو ته

"ملڪ جي سالميت ۽ بقا لاءِ، يا ائين چئجي ته پاڪستان جي باشندن جي درميان منافرت ڦهلائڻ جي خيال سان، اولهه پاڪستان ۾ زور زبردستيءَ سان قائم ڪيل وحدت، جنهن حد تائين نقصان ده ثابت ٿي چڪي آهي، سا ڪنهن به وضاحت جي محتاج نه آهي. جيڪي به نيڪ تمنائون، چڱيون اميدون ۽ احسن توقعات، ون يونٽ سان وابسته ڪيا ويا هئا، انهن مان هڪ به بارآور ڪين ٿيو. نه قوم ۾ يڪجهتي پيدا ٿي سگهي ۽ نڪي پٺتي پيل ننڍن صوبن کي واعدي ڪيل ترقي ميسر ٿي. انسان آخر انسان آهي، حرص ۽ هوس ان جي وڏي ۾ وڏي ڪمزوري آهي. ڪمزور جي حق تلفي ڪرڻ واري جرم کان فقط الله جا برگزيده ٻانهان ۽ پيغمبر ئي بچي سگهيا آهن؛ باقي ويهين صديءَ جي خمير مان ٺهيل ماده پرست انسان، لوڀ لالچ ۽ ٻين جي حق تلف ڪرڻ جي مقناطيسي ڪشش کان ڪيئن ٿو پاڻ بچائي سگهي! درحقيقت، ٿيو به ائين، ننڍن صوبن جي ترقيءَ جون راهون بنهه بند ٿي ويون؛ هنن جي آزاديءَ عمل مفلوج ٿي ويئي؛ تعليمي ادارا بيتوجهيءَ جو شڪار بڻجي ويا؛ اقتصادي بدحاليءَ ۾ ڏينهون ڏينهن واڌارو ٿيڻ لڳو؛ سندن آبائي پٽن ۽ زمينن جا ٻيا وارث مقرر ٿيا؛ ملازمتن ۾ هنن جي حقن جي ڪا به حفاظت ڪانه ڪئي ويئي ۽ روزمره جي انتظامي مسئلن ۾ ننڍن صوبن کي هٿ وٺي انيڪ دشوارين ۽ تڪليفن هيٺ آندو ويو. نتيجو اهو نڪتو آهي ته ننڍن قومن ۾ بدگماني ۽ نفرت وڌندي، وڌندي، انهيءَ ڪڙيءَ تي پهتي آهي، جا ڪنهن به وقت ملڪي اتحاد ۽ سالميت لاءِ انتهائي خطرناڪ ثابت ٿي سگهي ٿي."

ون يونٽ مان پيدا ٿيل انهن افسوسناڪ حالتن کي روڪڻ لاءِ، ننڍن صوبن طرفان "اينٽي ون يونٽ فرنٽ" قائم ڪيو ويو، جنهن ٿوري وقت بعد تبديل ٿي، "نيشنل پارٽيءَ" جي صورت اختيار ڪئي ۽ آخر "نيشنل عوامي پارٽيءَ" جي نالي سان عام منظر تي آيو.

پاڪستان ٺهڻ ڪان پوءِ، پهريون دفعو (۱۹۳۵ ۾) صوبن ۾ نئين سر چونڊون ٿيون. انهن چونڊن ۾ اسان مان ڪن صاحبن، آل پاڪستان پارٽين جي گذريل تجربن ڪان متاثر ٿي، وري پيهر چند صوبائي پارٽين کي متحد ڪري، "سنڌ متحده محاذ" جي پليٽفارم تان چونڊون لڙيون. ان وقت ملڪ جي سامهون مکيہ مسئلا، اقتصادي ۽ سماجي بهتريءَ جا هئا، تنهنڪري اسان جي پروگرام ۾ هارين، مزدورن ۽ عوامي مسئلن کي وڏيڪ ترجيح ڏنل هئي. ٿيو ائين جو مٿانهين طبقي جا بااثر سياستدان، اسان ڪان الڳ ٿي ويا. نيتجو اهو نڪتو ته اسان جي "محاذ" جي پليٽفارم تان فقط ۷ ميمبر چونڊجي سگهيا؛ جن ۾ ٻه اڪثريت وڏن ماڻهن ۽ زميندارن جي هئي. هو پنهنجي ذاتي اثر ۽ رسوخ جي بنياد تي چونڊجي آيا هئا. انهن چونڊن ۾ شيخ عبدالمجيد سنڌي، حيدر بخش جتوئي، غلام محمد خان لغاري ۽ شمس الدين شاهه جهڙا مخلص ڪارڪن چونڊجي ڪين سگهيا. اسان کي تجربي مان ثابت ٿيو ته سنڌي عوام ۾ اڃا اهو سياسي شعور پيدا نه ٿيو آهي ۽ مٿن زميندارن، جاگيردارن، پيرن، پڻسي ۽ اثر رسوخ وارن ماڻهن جو اڃا اهوئي تسلط قائم آهي.

اسيمبلي چونڊجڻ بعد وزارت ٺاهڻ ۽ مخالفت واري ڏر ۾ باهمي سمجهوتي سببان، سنڌ جي فائدي جا ڪجهه ڪم ٿيڻ شروع ٿي مس ٿيا ته انهيءَ ڳالهه ڪان ڊڄي ٻاهر جي ڪن حريص سياستدانن، پهرين ته سنڌين جي هن باهمي تعاون ۾ رخنو وڌو ۽ ان ڪان پوءِ، سنڌ جي علحده وجود کي ختم ڪري، ون يونٽ قائم ڪري ورتو. ان بعد جڏهن اولهه پاڪستان جي اسيمبلي قائم ٿي ته ٿوري ئي وقت ۾ حالتن اهڙو ڦيرو کاڌو جو سنڌ مان جن صاحبن، ڪن مصلحتن يا مجبورين سبب ون يونٽ ٺاهڻ ۾ حصو ورتو هو، تن، هڪ طرف پاڻ سان ٿيل وعده خلافين ۽ ٻئي طرف، ون يونٽ سببان سنڌ سان ٿيل بي انصافين جي ڪري پنهنجي غلطي محسوس ڪئي ۽ اسان سان انٽي ون يونٽ گروه ۾ شامل ٿي، حالتن کي درست ڪرڻ

لاءِ صلاحون مشورا ڪرڻ شروع ڪيا. اِها حقيقت بلڪل ظاهر آهي ته ون يونٽ ٺاهڻ ۾ سنڌ جي جن مکيه سياستدانن جو هٿ هو، تن ۾ مدارالمهام، خانبهادر محمد ايوب خان کهڙو هو. انهيءَ سببان اسان توڙي ٻئي سموري سنڌي عوام کي مٿس سخت ناراضگي هئي. اڄ ته سندس گهر جو پاڻي به نه پيئندو هوس، پر انسان خطا جو گهر آهي، نيڪي ۽ بدي انسان کان ئي سرزد ٿين ٿيون، تنهنڪري ڪنهن جي خطا کي در گذر ڪري، ان جي اصلاح ڪرڻ خود نيڪيءَ ۾ شمار آهي. اسان ڪير آهيون؟ جڏهن خود خدا به پنهنجن گنهگار بندن سان عفو ۽ بخشش جو واعدو فرمايو آهي.

متحده محاذ، اولهه پاڪستان اسيمبليءَ ۾ ون يونٽ کي ناڪامياب بنائڻ جي ارادي سان داخل ٿيو هو. اتي رهڻ بعد اسان کي سيد ميان خير شاهه ۽ آغا غلام نبي خان ذريعي معلوم ٿيو ته خانبهادر کهڙو پنهنجي ڪيل غلطيءَ کي درست ڪرڻ لاءِ، مسلم ليگ اسيمبلي پارٽيءَ کي، ون يونٽ ڊاهڻ ۽ اڳوڻن صوبن جي بحاليءَ لاءِ آماده ڪرڻ واسطي تيار آهي.

اسان اهڙيءَ رٿ کي آجيان چوندي، ساڻس ڳالهائڻ شروع ڪيو ۽ ميان خير شاهه جي جاءِ تي مسلم ليگ جي اڳواڻن سان ٻن - ٽن نشستن بعد، خانبهادر کهڙو اهڙي سمجهوتي ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿيو، جنهن مطابق، مسلم ليگ جا اڳواڻ، سان کي اولهه پاڪستان - اسيمبليءَ مان ون يونٽ جي خلاف ٺهراءَ پاس ڪرائڻ ۾ مدد ڪرڻ وارا هئا. اهڙي ٺهراءَ تي ميان ممتاز دولتانه (جو خود ون يونٽ ٺاهيندڙن مان هو)، سردار بهادر خان، قاضي عيسيٰ، خان عبدالقيوم خان ۽ خانبهادر کهڙي جون صحيحون هيون. کهڙي صاحب جي انهيءَ ڪارنامي کي وسارڻ مناسب نه ٿيندو. سياست جي دنيا ۾، اڪثر ڪري سياستدانن کان رد عمل طور يا مخصوص حالتن جي مجبورين سببان ڪي اهڙيون غلطيون به ٿينديون آهن، جن کي جيڪڏهن اصولن جي تارازيءَ ۾ تورجي ته اهي ڪنهن به

نيڪ عمل ۾ شمار ٿي نٿيون سگهن. اهڙا مثال، سنڌ جي سياسي تاريخ ۾ گهڻا ئي ڪافي ملي ويندا. آءٌ اهڙا چند مثال، سياست سان دلچسپي رکندڙن جي معلومات لاءِ، پيش ڪريان ٿو:

(۱) جڏهن بمبئيءَ کان سنڌ جي علحدگيءَ جي تحريڪ، سنڌ ۽ هندستان جي سمورن مسلمانن وٽ هڪ مکيه مسئلو بنيل هو، تڏهن ان وقت "سائمن ڪميشن" کي مدد ڏيڻ لاءِ بمبئي سرڪار هڪ صوبائي ڪميٽي، سنڌ جي جدا ٿيڻ واري سوال تي غور ڪرڻ لاءِ مقرر ڪئي. انهيءَ ڪميٽيءَ جو چيئرمن، سرشاهنواز ڀٽو هو ۽ سنڌ طرفان ٻيو ميمبر، سيد ميران محمد شاهه هو. ان وقت سر شاهنواز خان، سنڌ جي علحدگيءَ واري سوال جي خلاف ووٽ ڏنو ۽ ڪاميٽيءَ ۾ صرف ميران محمد شاهه کي، سنڌ جي جدائيءَ جي فائدي ۾ نوٽ لکڻو پيو. اڳتي هلي، انهيءَ ساڳئي سرصاحب، پنهنجي غلطي محسوس ڪري، لنڊن جي گول ميز ڪانفرنس ۾، سنڌ جي جدائيءَ لاءِ مقرر ڪيل ڪاميٽيءَ اڳيان، سنڌ جي علحدگيءَ جي فائدي ۾ هڪ زوردار تقرير ڪئي. اهڙيءَ طرح، وري اڳتي هلي، "سنڌ اتحاد پارٽي" قائم ڪرڻ ۾ سر صاحب جيڪو پارٽ ادا ڪيو، ان کي ڏسي، اسان کيس اتحاد پارٽيءَ جو ليڊر چونڊيو.

(۲) سر غلام حسين مرحوم جهڙو ڪهنه مشق سياستدان، اتحاد پارٽيءَ جهڙي هڪ غير فرقيوارانه جماعت ۾ هڪ ڏينهن داخل ٿي، ٻئي ڏينهن، ڊپوٽي ليڊر جي هڪ جاءِ وڏائڻ جهڙي خسيس سوال تان ناراض ٿي، سنڌي اتحاد کي ٽوڙي، نئين پارٽي ناهي. ٻئي دفعي، جڏهن اتحاد پارٽيءَ جي وزارت، خانبهادر الهه بخش مرحوم جي هٿ هيٺ نهي، تڏهن ان سان مقابلي ڪرڻ لاءِ، قائد اعظم محمد علي جناح کي گهرائي، مسلم ليگ اسيمبلي پارٽي نهرائي، پاڻ ان جو ليڊر ٿيو. پر پوءِ جڏهن الهه بخش ۽ قائد اعظم جي وچ ۾ ٺيل سمجهوتي جون ڳالهيون ٽين ٿيون ته قائد اعظم، الهه بخش جي وزارت خلاف بي اعتماديءَ جو ٺهراءُ پيش ڪرايو. ان جي

هلنڊي، مسلم ليگ اسيمبلي پارٽيءَ جو ... ... حسين،
قائد اعظم جي برخلاف بيان ڏنئي، الهه بخش جي هٽ هيٺ وزارت
جي ڪرسي والاري، ۽ مسلم ليگ اسيمبلي پارٽي مخالفت ۾ رهجي
ويئي. ليڪن ڪجهه وقت بعد، انهيءَ ساٿي ماڻهوءَ کي، قائد اعظم
... درگذر ڪري، وزير اعظم بنائي ٿو ۽
اسان پارن، مسلم ليگ لاءِ ڪم ڪندڙن کي، حالات جي تقاضائن
۽ ... مصلحتن سببان نظر انداز ڪري ڇڏي ٿو.

(۳) خانبهادر محمد ايوب کهڙي، بمبئيءَ کان سنڌ کي جدا
ڪرائڻ جي سلسلي ۾ جيڪو بهرو ورتو، اهو ڪنهن کان به مخفي نه آهي.
هن، سنڌ ۾، مسلم ليگ کي طاقت وٺائڻ لاءِ حتي الامڪان ڪوششون
ڪيون. اهڙيءَ طرح، ڪراچيءَ کي سنڌ کان الڳ ڪرڻ جي
مخالفت ڪرڻ سببان، وزارت تان ڊسمس ٿي، ڪوڙي ڪيس هيٺ
رجوع ٿيو. اها حقيقت ڪنهن کان به مخفي نه آهي، پر، اڳتي هلي،
اهو ساڳيو ماڻهو رد عمل ۽ ڪن مصلحتن خاطر، سنڌ کي ون يونٽ
۾ داخل ڪرڻ جو ڪارڻ بنيو. ڪجهه عرصي گذرڻ کان پوءِ، هن
پنهنجي غلطي محسوس ڪري، مسلم ليگ پارٽيءَ کان ون يونٽ
خلاف ٺهراءُ پاس ڪرائڻ لاءِ "متحده محاذ" سان سمجهوتي ڪرائڻ
۾ مکيه پارٽ ادا ڪيو، ۽ ون يونٽ ٽوڙڻ جي ٺهراءَ تي پنهنجن
دوستن سميت ووٽ ڪيو؛ جنهن سببان اڳتي هلي، سنڌ جي جملي
مکيه سياسي گروهن ڪيس حيدرآباد ۾، "اينٽي ون يونٽ فرنٽ" جو
چيئرمن چونڊيو، جنهن جا هيٺيان ميمبر هئا:

۱- خانبهادر محمد ايوب کهڙو چيئرمن،
۲- جناب پير شاهمردان شاهه صاحب پاڳارو ميمبر،
۳- جناب مخدوم محمد زمان صاحب ميمبر،
۴- جناب مير غلام علي خان ميمبر،
۵- جناب پير زاده عبدالستار صاحب ميمبر.

٦- جناب حاجي مولابخش صاحب ميمبر،
٧- جناب خانبهادر غلام محمد خان وسان ميمبر،
٨- جناب آغا غلام نبي خان پٺاڻ ميمبر،
٩- جناب قاضي فضل الله صاحب ميمبر،
١٠- جناب شيخ عبدالمجيد صاحب ميمبر،
١١- جناب جي. ايم. سيد صاحب ميمبر،

قاضي محمد اڪبر کي فرنٽ جو ٻارهون ميمبر بنائڻ لاءِ، هڪ جاءِ خالي ڇڏي ويئي.

ان کان پوءِ، خان بهادر کهڙي جي جاءِ تي جو ان وقت وزير دفاع هو، نواب محمد اڪبر خان بگٽي ۽ سيد ميان جعفر شاهه سان بلوچستان ۽ فرنٽيئر ۾ انهي ون يونٽ فرنٽ قائم ڪرڻ لاءِ مشورا ٿيا، ان وچ ۾ مارشلا ملڪ سان لاڳو ٿي ويو ۽ معاملو اتي ئي رهجي ويو.

٣- پير ميان الاهي بخش صاحب جو مثال وٺو، هن صاحب، خلافت تحريڪ ۾ حصو ورتو، اتحاد پارٽيءَ جو ميمبر وهندو آيو ۽ خان بهادر الهه بخش جي وزارت ۾ مس ٿيڻ بعد، سر غلام حسين جي مسلم ليگ وزارت ۾ شامل ٿيو. بعد ۾ رد عمل ڪري، ڪراچيءَ جو شهر مرڪز جي حوالي ڪيائين، ليڪن ان ساڳئي ماڻهوءَ، ون يونٽ جي خلاف ووٽ ڪيو ۽ پوءِ متحده محاذ سنڌ ۾ شامل رهندو آيو. وچ ۾، محترمه فاطمه جناح جي خلاف، صدر ايوب کي ووٽ ڏيارائين ۽ هن وقت وري ”سنڌ متحده محاذ“ جو ٿنڀو بنيو بيٺو آهي.

٤- منهنجو مثال وٺو. ١٩٢٠ع ۾، خلافت تحريڪ ۾ شامل ٿي ڪم ڪيم، ١٩٢٩ع ڌاري ڪانگريس ۾ شريڪ ٿي حصو ورتم ۽ ١٩٣٦ع ۾ ”سنڌ اتحاد پارٽي“ اساسڻ ۽ هلائڻ ۾ مکيه پارٽ ادا ڪيم. جلد ئي خان بهادر الهه بخش سان ڏٺن وڏائڻ جي مسڪائي سوال تان مخالفت ڪري، مسلم ليگ ۾ داخل ٿي، پنهنجي قديم روايات جي خلاف ڪئين کي پوودي ڪولي،

هندو - مسلم نفرت ڦهلائڻ جو باعث بڻيس. اهڙيءَ ريت، سنڌ اسيمبليءَ ۾ پاڪستان جو ٺهراءُ پاس ڪرايم ۽ بعد ۾، سر غلام حسين گروه سان سنڌ جي مسئلن تي مخالفت ڪري، مسلم ليگ کان ٻاهر نڪري، قائد اعظم ۽ مسلم ليگ جي ڪاوڙ جو نشانو بڻيس.

ان کان پوءِ، سنڌ اسيمبليءَ ۾ ڪراچي واپس وٺڻ ۽ سنڌ جي حقن جي حفاظت جا ٺهراءُ، وزارت جي تعاون سان پاس ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿيس. ان کان پوءِ، ون يونٽ جي مخالفت ڪندو رهيس، ۽ هن وقت به باوجود سياست عمل ۾ دلچسپيءَ نه هئڻ جي، "سنڌ متحده محاذ" ناهي، ون يونٽ ڊاهڻ لاءِ ڪوشان آهيان.

٦- پير ميان علي محمد شاهه راشدي، خانبهادر کهڙي سان گڏ سنڌ کي بمبئيءَ کان جدا ڪرائڻ لاءِ ڪتاب لکيا ۽ ڪم ڪندو آيو. ان کان [illegible] اتحاد پارٽيءَ جي هڪ ميمبر [illegible]
ڪم [illegible] هيو. پر [illegible] مسلم ليگ ۾ آياسون، تڏهن هو به ان ۾ داخل ٿي، ليگ کي زور وٺائڻ لاءِ رات ڏينهن محنت ڪئي. بعد ۾ پيرزاده وزارت سان ناراض ٿيڻ بعد، رد عمل ۾ اچي، ون يونٽ ناهڻ ۾ حصو ورتائين. اڳتي هلي، سفارت جي عهدي تان واپس اچڻ بعد، "مشرق بعيد" جي عنوان تحت، لازوال تاريخي ۽ سياسي مضمونن ذريعي، ڊڪٽيٽرانه حڪومت خلاف، وقتي حالتن جي حد اندر، چڱو ڪم ڪيائين. هن وقت "سنڌ متحده محاذ" ۾، ون يونٽ خلاف، خاص حصو وٺي رهيو آهي.

٧- ميان ذوالفقار علي خان پنهنجو مثال وٺو. ولايت ۾ امتحان ڏيئي واپس اچڻ بعد، ڪجهه حد تائين ون يونٽ جي خلاف ڪتاب لکي ورهايائين. آئون جڏهن، ون يونٽ جي مخالفت سببان جيل وارو معياد پورو ڪري، آزاد ٿيس، تڏهن منهنجي بنگلي تي ون يونٽ خلاف ڪوٺايل ميٽنگ ۾ شرڪت ڪيائين. اتي گفتگوءَ هلندي، ڪامريڊ حيدربخش جتوئيءَ کيس طعنو ڏيندي چيو ته "هيءَ انقلابين جي مجلس آهي، تون ان ۾ ڪيئن شريڪ ٿيو آهين؟". تڏهن کيس

جواب ڏنائين ته ”انقلاب، صرف توکي ورثي ۾ ته ڪو نه مليو آهي؟“ ليڪن، ان جي ٻئي ڏينهن، شيخ عبدالمجيد کي خط لکي، اطلاع ڏنائين ته ”جنهن صورت ۾ ملڪ نازڪ حالتن مان گذري رهيو آهي، ان ڪري، منهنجي ون يونٽ خلاف هلايل تحريڪ مان استعيفا قبول ڪئي وڃي.“ اهڙو خط رجسٽر ڪري موڪليائين. ان کان پوءِ ايوب خان، ملڪ سان مارشل لا لاڳو ڪيو. هي ٨ سالن تائين ان جي وزارت ۾ رهي، سنڌس تعريف جا ڍڪ پريندو وتيو، حتيٰ ڪ محترمه فاطمه جناح جي مخالفت کان به ڪو نه گسو ۽ پر پوءِ وزارت مان نڪرڻ بعد همت ڪري، ايوب حڪومت خلاف، جيڪو جوانمرديءَ جو قدم کنيائين، اهو سڀني کي ياد آهي. هن نازڪ بدن ماڻهوءَ، انهيءَ مخالفت جي پاداش ۾ جيل جي تڪليفن سهڻ کان ذرو به ڪين ڪيٻايو ۽ اجاتائين مخالفت ۾ سرگرم هلندو اچي.

اهي چند مثال انهيءَ ڪري پيش ڪيا اٿم ته ڪيئن نه حالتن جي تقاضائن مسبان، مختلف احباب وقت بوقت متضاد طريقهءِ ڪار اختيار ڪرڻ تي مجبور ٿين ٿا. هڪ وقت سچا ساٿي ۽ همڪار بڻجي ڪم ڪن ٿا ته ٻئي وقت ساڳئي مقصد جي مخالفت ۽ رقابت تي آماده نظر اچن ٿا. ...ب الوطني ۽ خدمت خلق ڪنهن به شخص کي نيڪي ۾ مائل ڪانه آهي؛ صفا بي عيب خدا جي ذات آهي ۽ ڪائنس پوءِ سنڌس برگزيده بندن کان سواءِ ٻيو ڪو مشڪل ئي نظر ايندو.

سنڌ جو علائقو اڳي ئي پٺتي پيل آهي ۽ اسان ۾ گروهي اختلاف گهٽيءَ حد تائين آهن. ون يونٽ جي سزا به اسان کي انهيءَ پاداش ۾ ملي آهي. انهيءَ بند کان آزاد ٿيڻ لاءِ اسان کي گهرجي ته سڀ ويڇا وساري، هڪ ٻين جا عيب معاف ڪري متحده محاذ ۾ رهي، ايندڙ نسلن لاءِ پڻ هڪ بي نظير مثال قائم ڪريون.

گذريل تحريڪ ۾ ڪن قومي ڪارڪنن ۽ نوجوان شاگردن بيشڪ پاڻ ملهايو آهي. ليڪن اهو هنگامي دور هو، جنهن ۾ سڀ ڪجهه ڦبي ئي ويو. هن وقت ملڪ سان مارشل لا لاڳو آهي،

...ا ۾ هلچل محدود دائري کان ٻاهر هلائي نٿي سگهجي، تنهنڪري وڏي سمجهداريءَ ۽ حوصلي سان ڪم ڪرڻو آهي. هن وقت سنڌ جا قومي ڪارڪن ٽن گروهن ۾ ورهايل آهن ته شاگرد، پنهنجي گروهن ۾ [illegible] رهيا آهن. مٿين طبقي جا بااثر سياستدان خود مختلف گروهن ۾ ورهايل آهن ۽ منجهن گروهي مفاد پڻ متضاد آهن، مثلاً خانبهادر [illegible] جو گروه، ميان ذوالفقار علي ڀٽو جي پارٽي، پير صاحب [illegible] جو گروه ۽ مخدوم صاحب هالا جو گروه، ۽ ٻيا ڪيترا وڏي [illegible] رسوخ وارا صاحب آهن.

[illegible] کي سياست ۾ ٽئين سر حصي وٺڻ وقت اهي ممورييون مشڪلاتون نظر [illegible] رهيون هيون. آئون اڃا نظر بند هوس ته مخدوم صاحب [illegible] اسيمبليءَ جي ڪن ميمبرن سان گڏجي، ون يونٽ جي [illegible] بيان ڏنو. واپس اچڻ تي ان تحريڪ کي زور وٺائڻ لاءِ [illegible] ون ڏانهن ساٿي [illegible] مدد [illegible] جي تقاضا ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ مخدوم صاحب، پير [illegible] عبدالستار، آغا غلام نبي خان پٺاڻ، خانبهادر غلام محمد خان وسان، سيد ميران محمد شاهه ۽ حفيظ قريشيءَ طرفان حيدرآباد ۾، ۹ مارچ ۱۹۶۹ع تي، "اينٽي ون يونٽ ڪانفرنس"، شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جي صدارت [illegible] سڏائي [illegible] نظر بندي ختم ٿي چڪي هئي، تنهنڪري مون به ان ۾ شرڪت ڪئي. مون کي ڪانفرنس جي افتتاح لاءِ ڪم ڪيو ويو. مون انهيءَ موقعي تي جيڪا تقرير ڪئي هئي، ان جا ڪي اقتباس، ناظرين جي يادگيري تازي ڪرڻ لاءِ هيٺ ڏيان ٿو:

"برادرانِ عزيز!

> باوجود ان فيصلي جي ته آئينده سياست عمليءَ ۾ حصو نه وٺندس، پر وقت جي ضرورتن ۽ اوهان جي [illegible] طرح چڪي آئي پبلڪ پليٽفارم تي [illegible] ان [illegible] ڪرايو [illegible] سوال [illegible] ڪشيءَ [illegible] فيصلو قطعي

ان لاءِ ۽ آخري آهي. ان جا ڪارڻ طبيعت جي ناسازي ۽ سياست عمليءَ جي محرڪ بڻيل، جهڙوڪ شهرت جي بک، عزت جي آڃ ۽ حصول اقتدار جي اهميت، قدر ۽ قيمت جا گهرجائو آهن. تنهن سوا جسم جي تقاضا ۽ طبعي رجحان جي ڪري زندگيءَ جو باقي حصو قومي اخلاق، تزڪيہِ نفس ۽ صحيح تعليم جي فروغ ۽ تبليغ لاءِ صرف ڪرڻ جو فيصلو ڪيو اٿم. هن وقت اسان جو ملڪ ۽ قوم نازڪ دور مان گذري رهيا آهن، اهڙي وقت ان جي خدمت ۽ مشوره کان انڪار ڪرڻ، فرض ناشناسي برابر ٿيندو. تنهن ڪري باوجود طبيعت جي مخالف لاڙي جي، اوهان جي درميان ويو آهيان" ان ساڳئي خطبي ۾ اڳتي هلي چيو ته "...

اسان سڀني کان گهڻيون غلطيون ٿيون آهن. گذشته کي در گذر ڪري، اسان کي نئين دور جو آغاز ڪرڻو آهي، جيئن اسان کان وري ساڳيون غلطيون سرزد نه ٿين. هن وقت تائين اسيمبلين ۽ سياست کي اسان جي مٿانهين طبقي، ذاتي اقتدار، عزت ۽ حصول املاڪ جو ذريعو سمجهي، حصو ورتو آهي؛ پر هينئر اسان کي خدمت خلق، ملڪي سلامتي ۽ ترقي، عوامي فلاح ۽ بهبوديءَ جي نقطهءِ نگاه کان ڪم ڪرڻ گهرجي."

ساڳئي خطبي ۾ اڳتي هلي، جن نقطن کي مشعل راه طور ڪتب آڻڻ جو ذڪر ڪيو اٿس، تن مان ڪي هيٺيان آهن:

(١) سنڌ کي ون يونٽ کان آزاد ڪرائي، اڳوڻا صوبا بحال ڪرڻا آهن، ان ڪري اڳوڻن صوبن جي بحاليءَ لاءِ ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

(٢) اسان کي شخصي پارٽيبازي، گذشته اختلافن، قديم سنڌين ۽ نون سنڌين جي تفاوتن کان برتر ۽ بالا رهي ڪم ڪرڻو پوندو، جنهن ڪري سنڌ جي هرهڪ باشندي کي بنا ڪنهن تفاوت جي رئيس ۽

پاءِ ڪري شمار ڪرڻو آهي.

(٣) جن ماڻهن کي هن وقت ڪن سببن ڪري شريڪ ڪري نہ سگهيا آهيون، تن کي ٻاهر رکڻ جو ڪو بہ ارادو نہ آهي. غلطيون هرهڪ کان ٿين ٿيون، انهن کي درگذر ڪرڻ قومي مفاد ۽ مصلحت، وقت جي اهم تقاضا آهي.

(٤) هن وقت جن ماڻهن کي، صدر صاحب (ايوب خان) جي ڍاڪا وارين مصلحتن ۾ شرڪت ڪرڻ ۽ ون يونٽ جي حمايت ڪرڻ ڪري، پاڻ سان شامل ڪري نہ سگهيا آهيون تہ اهو عارضي آهي. آخر ۾ اسان سڀني کي پاڙر ۽ هم وطنيءَ طور، مقصد جي حاصل لاءِ متحد ٿي ڪم ڪرڻو پوندو.

(٥) سون کي خبر آهي تہ اسان جي نوجوان شاگردن ۽ ڪن قومي ڪارڪنن، جن، هن انقلاب ۾ حصو ورتي قربانيون ڏنيون آهن، تن کي چند ماڻهن ۽ گروهن خلاف سخت رنجيدگي آهي. ليڪن آءٌ ڪين سندن قربانين، همت ۽ صداقت جو واسطو وجهي، عرض ڪندس تہ ون يونٽ ڊهڻ تائين ذرا ٿڌائيءَ کان ڪم وٺن. اسان کي نظرياتي اختلافن ۽ طبعي رجحانن جي باوجود في الحال سمورا ويچا وساري، گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو.

ذڪر ڪيل خطبي جي مٿين اقتباسن مان معلوم ٿيندو تہ سون ڪانفرنس ۾، ون يونٽ جي ڊاهڻ لاءِ جن ڳالهين کي ضروري ٿي سمجهيو، تن جو اظهار هيٺين لفظن ۾ ڪيو هو:

١- ون يونٽ ڊاهڻ لاءِ سڀني سنڌين جو متحده محاذ قائم ڪرڻ ضروري آهي.

٢- اهو اتحاد صرف هڪ آئيني مسئلي، يعني ون يونٽ کي ڊاهڻ ۽ اڳوڻن صوبن بحال ڪرڻ سان واسطو رکندڙ آهي، جنهن ۾ باوجود ڪيترن اختلافن جي هر شخص ڪنهن بہ گروه يا پارٽيءَ سان واسطو رکندڙ، مٿين مقصد جي حصول لاءِ

اڻ ٿر ۽ آخري آهي. ان جا ڪارڻ طبيعت جي ناسازي ۽ سياست عمليءَ جي محرڪ جذبن، ڇهڙوڪ شهرت جي بک، عزت جي آج ۽ حصول اقتدار جي اهميت، قدر ۽ قيمت جو گهٽجڻ آهن. تنهن ڪري عمر جي تقاضا ۽ طبعي رجحان جي ڪري زندگيءَ جو باقي حصو قومي اخلاق، تزڪيہ نفس ۽ صحيح تعليم جي فروغ ۽ تبليغ لاءِ صرف ڪرڻ جو فيصلو ڪيو اٿم. هن وقت اسان جو ملڪ ۽ قوم نازڪ دور مان گذري رهيا آهن. اهڙي وقت ان جي خدمت ۽ مشوره کان انڪار ڪرڻ، فرض ناشناسيءَ برابر ٿيندو. تنهن ڪري باوجود طبيعت جي مخالف لاڙي جي، اوهان جي درميان حاضر آهيان." انهيءَ خطبي ۾ اڳتي هلي، وڌيڪ هيءَ چيو ته

"اسان سڀني کان گهڻيون غلطيون ٿيون آهن. گذشتہ کي درگذر ڪري، اسان کي نئين دور جو آغاز ڪرڻو آهي، جيئن اسان کان وري ساڳيون غلطيون سرزد نہ ٿين. هن وقت تائين اسيمبلين ۽ سياست کي اسان جي مٿانهين طبقي، ذاتي اقتدار، عزت ۽ حصول املاڪ جو ذريعو سمجهي، حصو پئي ورتو آهي؛ پر هيئنر اسان کي خدمتِ خلق، ملڪي سلامتي ۽ ترقي، عوامي فلاح ۽ بهبوديءَ جي نقطهٔ نگاهہ کان ڪم ڪرڻ گهرجي."

ساڳئي خطبي ۾ اڳتي هلي، جن نقطن کي مشعلِ راه طور ڪتب آڻڻ جو ذڪر ڪيو اٿم، تن مان ڪي هيٺيان آهن:

(۱) سنڌ کي ون يونٽ کان آزاد ڪرائي، اڳوڻا صوبا بحال ڪرڻا آهن، ان ڪري اڳوڻن صوبن جي بحاليءَ لاءِ ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

(۲) اسان کي شخصي پارٽيبازي، گذشتہ اختلافن، قديم سنڌين ۽ نون سنڌين جي تفاوتن کان برتر ۽ بالا رهي ڪم ڪرڻو پوندو. جنهن ڪري سنڌ جي هرهڪ باشندي کي بنا ڪنهن تفاوت جي رئيس ۽

پاڻ ڪري شمار ڪرڻو آهي.

(۳) جن ماڻهن کي هن وقت ڪرڻ سيڻ ڪري شريڪ ڪري نہ سگهيا آهيون، تن کي پاهر رکڻ جو ڪوبہ ارادو نہ آهي. غلطيون هرهڪ کان ٿين ٿيون، انهن کي درگذر ڪرڻ قومي مفاد ۽ مصلحت وقت جي اهم تقاضا آهي.

(۴) هن وقت جن ماڻهن کي، صدر صاحب (ايوب خان) جي ڀاڪا وارين مصلحتن ۾ شرڪت ڪرڻ کي ون يونٽ جي حمايت ڪرڻ ڪري، پاڻ ساڻ شامل ڪري نہ سگهيا آهيون نہ اهو عارضي آهي. آخر ۾ اسان سڀني کي پاڻ ۽ هم وطني طور [illegible] معمول لاءِ متحد ٿي ڪم ڪرڻو پوندو.

(۵) جن کي خبر آهي تہ اسان جي [illegible] قومي ڪارڪنن، جن هن انقلاب ۾ مصو [illegible] تن کي چند ماڻهن ۽ گروهن خلاف [illegible] آءِ ڪين سندن قربانين، همت ۽ صداقت [illegible] واسطو [illegible] ڪندس ۽ ون يونٽ جهڙي تائين ذرا ٿڏائي [illegible] اسان کي نظرياتي اختلافن ۽ طبعي رجحانن جي باوجود في الحال سمورا ويچا وساري، گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو.

ذڪر ڪيل خطبي جي مٿين اقتبا [illegible] ٿيندو تہ مون ڪانفرنس ۾، ون يونٽ جي ڊاهڻ لاءِ [illegible] ضروري ٿي سمجهيو، تن جو اظهار هيٺين لفظن ۾ [illegible]

۱— ون يونٽ ڊاهڻ لاءِ سڀني سنڌين جو [illegible] ڪرڻ ضروري آهي.

۲— اهو اتحاد صرف هڪ آئيني [illegible] ون يونٽ کي ڊاهڻ ۽ اڳوڻن صوبن [illegible] سان واسطو رکندڙ آهي، جنهن ۾ [illegible] اختلافن جي هر شخص ڪنهن بہ [illegible] سان واسطو رکندڙ مٿين مقصد جي معمول لاءِ

شامل ٿي سگهي ٿو.

انهيءَ خطبي ۾ ايتريءَ وضاحت کان پوءِ به هن، کي مجبور ڪري صدر چونڊيو ويو، حالانڪ هن کان وڌيڪ ڀلا به ڪيترائي صاحب هئا اچي سگهن ها. هن کي پنهنجين ڪوتاهين جي بخوبي خبر هئي، باوجود طبيعت جي مخالف لاڙي هئڻ جي صدارت جي ذميواريءَ کڻڻ لاءِ هيٺيان ڪارڻ هئا:

الف- سڀ ڪو هو ته مختلف خيالن، مفادن، گروهن ۽ طبقن وارن ڪارڪنن جي، آئون هڪ پليٽفارم يا سيمينٽنگ لنڪ (سڀني کي ملائڻ) جو ڪم ڏيئي سگهان.

ب- منهنجي سياست عمليءَ کان علحده هئڻ ڪري، يعني ميمبريءَ ۽ ڪنهن عهدي جي حصول جي خواهش نه هئڻ ڪري، سڀ ڪو هو ته مختلف خيالن ۽ مفادن جا ماڻهو، هن کي رقيب نه ڄاڻي، زياده تعاون ڪن.

اها آهي متحده محاذ قائم ڪرڻ جي مختصر تاريخ. ان مان پتو پوندو ته سنڌ جي سرزمين تي متحده محاذ ٺاهڻ لاءِ هيءَ چوٿين ڪوشش آهي.

پهريون دفعو، اتحاد پارٽيءَ جو قيام هو، جنهن پڻ سنڌ جي سياسي تاريخ ۾ خاص حصو ورتو. انهيءَ محاذ طرفان اسيمبليءَ ۾ ميمبرن جي اڪثريت چونڊجي آئي، ۽ انهن وزارت ڪيترن سالن تائين سنڌ ۾ قائم رهي.

ٻيو دفعو، ١٩٥٣ع جي چونڊن وقت، سنڌ جي ڪن پارٽين طرفان، متحده محاذ قائم ڪري، چونڊون لڙيون ويون هيون، جنهن ۾ جيتوڻيڪ ٿورا ميمبر چونڊجي سگهيا، پر انهن، سنڌ اسيمبليءَ يا مغربي پاڪستان اسيمبليءَ ۾ چڱو ڪم ڪيو. مغربي پاڪستان اسيمبليءَ ۾، ون يونٽ خلاف ٺهراءُ پاس ڪرائڻ ۾، هنن وڏو دخل هو.

ٽيون دفعو، متحده محاذ، حيدرآباد ۾، خانبهادر کهڙي جي سرڪردگيءَ هيٺ سنڌ جي مکيه سياسي گروهن ۾ قائم ٿيو هو، جنهن جي ڏپ کان، ملڪ سان مارشل لا لاڳو ڪري، ون يونٽ جي خاتمي کي ڪجهه عرصي لاءِ ترسايو ويو.

چوٿون دفعو، هيءَ آهي جو سنڌ جي مختلف سياسي گروهن ۾ متحده محاذ قائم ڪرڻ جي ڪوشش ٿي رهي آهي. مون کي ڪافي اميد آهي ته ان ۾ سڀئي محب وطن اسان سان شريڪ ٿي، ون يونٽ کي ڊهرائڻ ۾ مدد ڪندا.

مون کي هيءَ به يقين آهي ته جيڪي صاحب شخصي، گروهي يا نظرياتي اختلافن سببان هن وقت اسان سان شريڪ نٿا ٿين، اميد ته اڄ نه ته سڀان ضرور انهن کي به محسوس ٿيندو ته پنهنجي وڏن کان الڳ رهڻ ڪري، هو ڪو به مفيد ڪم ڪري ڪين سگهندا. هي هنگامي دور آهي، ان ۾ اختلافي مسئلن کي وچ ۾ آڻي، جدا رهڻ، خلاف مصلحت ۽ ناعاقبت انديشي آهي. سنڌ جي آٽونامي حاصل ڪرڻ ۽ پاڪستان جو آئينده آئين، باهمي رضامنديءَ يا اڪثريت سان پاس ڪرڻ بعد، اسان کي ڪافي وقت ملندو ته اقتصادي، سياسي ۽ سماجي اختلافي مسئلا حل ڪرڻ طرف توجهه ڏيون.

متحده محاذ جا چند مقاصد:

(١) پاڪستان جي آئينده نظام حڪومت ۾، اڳوڻن ننڍن صوبن کي آٽونامي وٺي ڏيڻ لاءِ ون يونٽ کي ختم ڪرائجي. جاڪاڻ ته ان جو وجود ننڍن صوبن جي سياسي، اقتصادي ۽ سماجي ترقيءَ جي راه ۾ وڏي رڪاوٽ آهي.

(٢) هن محاذ ۾ هر اهو شخص، گروه ۽ پارٽي شريڪ ٿي سگهن ٿا، جيڪي ون يونٽ جي ڪلمڪلا مخالف آهن. محاذ جو هن وقت صرف ملڪ جي آئين سان واسطو آهي. سياسي، اقتصادي ۽ سماجي مسئلن متعلق سمورا صاحب پنهنجن گروهن

۽ پارٽين سان وفادار رهي، ڪم ڪري سگهن ٿا.

(٣) هي محاذ، پهرين سنڌ ۾ صوبائي بنياد تي ٺاهي، پوءِ بلوچستان ۽ فرنٽيئر ۾ به الڳ الڳ وجود ۾ آئي، بعد ۾ ٽنهين صوبن جي مشترڪ محاذ ٺاهڻ لاءِ پيش خيمه طور ڪم ڏيندو.

(٤) هي محاذ، ون يونٽ ڊاهي، اڳوڻا صوبا بحال ڪرڻ لاءِ اسان جي بارگيننگ پوزيشن (ڏي، وٺ جي قوت) پيدا ڪري، ڇوڻ صوبن ۽ پارٽين سان سمجهوتي ڪرڻ لاءِ ڪار آمد ثابت ٿي سگهي ٿو.

(٥) هن محاذ جي هر هڪ رڪن کي آئيني مسئلي لاءِ پهرين جوابداري، هن محاذ سان آهي. ٻين مسئلن بابت هو پنهنجي گروه يا پارٽيءَ جي تابع رهي سگهي ٿو.

(٦) هن محاذ ذريعي ذاتي اختلافن، نظرياتي مت ڀيدن ۽ طبعي رجحانن جي باوجود، هڪ جاءِ تي گڏ رهڻو آهي. ٻين لفظن ۾ ائين چئجي ته اسان جي متحده محاذ جو مثال اهڙو آهي، جهڙو اقوام متحد جو ادارو، جتي جدا گانه مفادن، نظرين ۽ اختلافن جي مختلف قومون شامل ٿي، بقائي باهميءَ جي بنيادن تي سيني جي صلاح مشوره سان ڪيترن مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ وجود ۾ آندو ويو آهي.

(٧) هن محاذ جي ڪارڪنن کي هيءَ ڳالهه مد نظر رکڻي آهي ته ڪو به ساٿي ون يونٽ جي مخالفت جي آڌار تي چونڊجي، بعد ۾ ذاتي اغراض يا ... ڪرڻ خاطر، ون يونٽ جي حمايتن جو هٿيار بنجي، ...

(٨) آهي طريقا جيڪي ... کي مختلف نمونن ... قائم رکڻ لاءِ مددگار طور ڪم آند پيا وڃن، انهن جي ... مخالفت ڪرڻي آهي، مثلاً:

(الف) ١٩٥٦ع جو آئين ... صورت ۾ قبول نه ڪرڻ.

(ب) اينمڙ اسيمبلين ۾، آباديءَ جي بنياد تي نمائندگي ڏياري، ون يونٽ جي طرفدارن جو زور گهٽائڻ.

(ج) ڪنهن به صورت ۾ زونل فيڊريشن نه ڪرڻ،
(د) مٿين مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ اوڀر پاڪستان جي همخيال پارٽين سان ڏي-وٺ جي بنياد تي سمجهوتو ڪرڻ.
(هه) ڪنهن به اهڙي ڳالهه نه ڪرڻ، جنهن سببان اهل پنجاب ... جي طرفدارن) جي رضامندي، بنگال جي همدرد ... جي ... جو باعث بڻجي.
(٩) مختلف ماڻهن، گروهن ۽ سياسي پارٽين جي نمائندن کي، تاليف قلوب ۽ عام راءِ پيدا ڪرڻ جي ذريعي شامل ڪرڻو آهي.
اهي مختصر اصول آهن، جيڪي متحده محاذ قائم ڪرڻ لاءِ بنيادي رهبريءَ جو ڪم ڏيئي سگهن ٿا.

طريقهٔ ڪار

مون جڏهن هن محاذ ۾ ڪم ڪرڻ جو ذمو کنيو هو، تڏهن پنهنجي سنڌي ڀائرن جي مڙني ڪمزورين جو پتو هوم، جهڙوڪ:
(١) شاگردن ۾ جدا جدا گروهن جي موجودگي،
(٢) قومي ڪارڪنن ۾ نظرياتي ۽ شخصي اختلافن هئڻ جو احساس ۽
(٣) مٿانهين طبقي جي مختلف گروهن جي متضاد مفاد ۽ ذاتي گروهي اختلافن جو وجود. مطلب، اهي سڀ ڳالهيون اهڙيون هيون جو ... جهڙپ ... البدن ۽ سياست عمليءَ کان ڪناره ڪش ماڻهوءَ کي، ... انحال ته ... پئي ٿي ... ته مون کي اهڙي جنجهٽ ۾ ... نه ... ڦاسڪائي ته ساڳئي وقت پنهنجي دل جي ... ۽ ... جي ... ۾ رڪاوٽ پيدا ٿيڻ ۽ مالي طور ... ۾ ... ڪم ۾ ... وجهڻ ڪري ... وقتي ... کي منهن ڏيڻو هو، ليڪن ... جي صوفيانه طبع ... سڀ ... اختلافن کي وساري، هڪ ... مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ ۽ ... جي ڪمزورين ۽ غلطين کي ... فراخدليءَ سان درگذر ڪرڻ جي ... ۾ ... ي

ڀروسي هئڻ سببان، آخر انهيءَ ڳري ٻار ڪاٺ جي جسوٽ ڪٽي اٿم.
بقول ڀٽائي صاحب جي—

"جبل ساري جڳ جي، آڏو آريچن جي،
توڙي لتڪن لک، ته به سپ لنگهيندس سڪ سين."

خدا ۾ توڪل رکي، ڪم ۾ هٿ وڌم. اهل سنڌ، باهمي اختلافن جي باوجود، خدا جي لطف ۽ سنڌ سان محبت هئڻ ڪري، ون يونٽ جي سخت برخلاف آهن. انهيءَ سبب سنڌ وڏي اڪثريت، متحده محاذ جي پليٽفارم تي گڏ ٿي ويٺي آهي. تازو ١٠ آڪٽوبر ١٩٦٩ع، ڪراچيءَ ۾، اولهه پاڪستان جي هڪ وڏيءَ پارٽيءَ جي ليڊر اڳيان، اسان جي محاذ جي اهم پوزيشن واضح ٿي چڪي آهي.

هن وقت صرف ـ گروهه، ون يونٽ جي مخالف هئڻ جي باوجود به محاذ ۾ باقاعده شامل ٿي نه سگهيا آهن. انهن مان هڪ پڳ صاحب جو گروهه آهي ۽ ٻيو پير صاحب پاڳاره جو. جناب پير صاحب پاڳاره جو گروهه، عوامي ليگ ۾ شموليت ڪرڻ ڪري، اسان کي نزديڪ اچي چڪو آهي، جيتوڻيڪ اسان جا مقصد ساڳيا آهن، پر هڪ پليٽفارم تي گڏجي ڪم ڪرڻ لاءِ مون کي اميد آهي ته پير صاحب جي ڪريم انهيءَ سببان گهٽي تڪليف ڪانه ٿيندي. پڳ صاحب سان به محاذ ۾ گڏجي ڪم ڪرڻ بابت ڳالهيون ٿي چڪيون آهن. جيتريقدر مون کي معلوم ٿيو آهي ته صرف طريقهءِ ڪار ۾ اختلاف آهي. ان جو ڪارڻ، سندس جماعت جي آل پاڪستان حيثيت آهي. هتي، اهل پنجاب جي راءِ کي به ملحوظ رکڻ لاءِ مجبور آهي. اميد ته تنهن هوندي ۽ اهل سنڌ جي عام راءِ، کين پنهنجن ڀائرن سان، گڏجي ڪم لاءِ آماده ڪندا.

مون کي هيءَ به معلوم آهي ته ڪيترا نوجوان ۽ قومي ڪارڪن، متحده محاذ ۾ کهڙي صاحب جي شموليت سببان ناراض ٿيا آهن ۽ محاذ کان جدا ٿيڻ جا اراده ڪري رهيا آهن. پر ڪين منهنجي ڀرئين خطبي مان معلوم هئڻ گهربو هو ته مون اهو ذمو

ڪنيو ٿي اٿندو آڌار تي هو ته اسين سمورا گڏجي هن مهم کي منهن ڏيندا سين. پر خدانخواسته، جيڪڏهن هُو اهڙي قدم کڻڻ لاءِ تيار ٿيا ته پوءِ به مون کي يقين آهي ته حب الوطنيءَ جو جذبو ۽ منهنجي محبت جي ڪشش، ڪين موٽائي آڻي ساڳيءَ جاءِ تي ڪٺو ڪندي. بهرحال، ڪين اها حقيقت ڪڏهن به وسارڻ نه گهرجي ته اسان سڀني سنڌين جو اتحاد، مخالفت تي وڌيڪ اثرانداز ٿي سگهي ٿو ۽ اسان جا پاڻ ۾ معمولي اختلاف، خود اسان لاءِ وڌيڪ مشڪلاتون پيدا ڪندا.

آءٌ هن راءِ جو آهيان ته کهڙي صاحب جي گروه کي محاذ ۾ آڻڻ سان، ون يونٽ جي خاتمي لاءِ وڌيڪ رستو هموار ٿيو آهي ۽ مقصد کي نقصان بجاءِ، فائدو ئي پهتو آهي. ليڪن باوجود ان جي، جيڪي صاحب مختلف راءِ رکي، الڳ ٿي، قومي شيرازه کي ڪمزور ڪرڻ جي راهه اختيار ڪندا، تن کي زور سان روڪي ڪين سگهبو. تاريخ ئي اڳتي هلي فيصلو ڪندي ته اسان مان ڪير صحيح هو ۽ ڪير غلط.

— غلام مرتضيٰ

ون يونٽ جو قيام

مخالفن جا خدشا ۽ موافقن جا فائدي ۾ دليل

سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان جا صوبا پنهنجي زرخيزيءَ ۽ سرحدي اهميت (۽ هينٽر لينڊ) سببان گهڻي زماني کان ٻاهرين قومن جي حريص نگاهن جا شڪار ٿي رهيا آهن. تاريخ انهيءَ حقيقت جي گواهه آهي ته هتي مغلن، پٺاڻن، سکن، انگريزن ۽ ٻين ازين قسم قومن، طاقت ۽ اره زورانيءَ سان هن سرزمين تي چڙهايون ڪيون آهن. تازو جڏهين انگريزن جي حڪومت کان آزاديءَ جي حاصلات جا آثار نزديڪ نظر اچڻ لڳا، تڏهن اهو مسئلو سامهون آيو ته انهن صوبن کي نئينءَ طرح ڪهڙي حيثيت ملڻ گهرجي؟ انهيءَ سوال تي مختلف رايا ظاهر ٿيڻ لڳا. هندن جي هڪ وڏي گروه، سنڌ جي بمبئيءَ کان جدائيءَ جي مخالفت شروع ڪئي ته ٻئي طرف، هندوستان جي مسلمانن جي وڏيءَ اڪثريت طرفان سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان جي صوبائي آٽونامئيءَ لاءِ همدرديءَ جو اظهار ٿيڻ لڳو. ليڪن عين انهيءَ وقت، هڪ اهڙو گروه به موجود هو، جنهن جي دماغ ۾ موجوده مغربي پاڪستان جي سڀني صوبن کي ملائي، هڪ ڪرڻ جو خيال ويٺل هو. علامه اقبال عليه رحمت جي آل انڊيا مسلم ليگ جي ١٩٣٠ع واري الهه آباد جي خطبي کي غور سان ڏسبو ته اها حقيقت صاف ڏسڻ ۾ ايندي.

پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ، جيستائين قائد اعظم ۽ نوابزاده لياقت علي خان زنده هئا، تيستائين اهي خواهشون ۽ ارادا

ڍيل رهيا ۽ بارآور ٿي نه سگهيا. پر پوءِ انهن پنهنجي پيءُ جي انتقال بعد انهيءَ منصوبي کي عملي صورت ۾ آڻڻ لاءِ پس پرده سازشون سٽڻ لڳيون، جن جو ثبوت سردار عبدالرشيد خان، اڳوڻي وزير اعليٰ سرحد طرفان، آئين ساز اسيمبليءَ ۾، هڪ اسڪيم جي دستاويز پيش ڪرڻ مان صاف نظر اچي ٿو. انهيءَ دستاويز کي پوءِ، 'ايڪس دستاويز' جي نالي سان سڏيو ويو. دستاويز ۾ چالاڪ تجويزن کي جن طريقن سان پايهءِ تڪميل تي پهچايو ويو، تن مان ڪي مختصر طور هيٺ پيش ڪجن ٿا:

(۱) سر نظام الدين، وزير اعظم ۽ صدر مسلم ليگ پاڪستان کي باوجود آئين ساز اسيمبليءَ ۾ اڪثريت موجود هئڻ جي، ڊسمس ڪري، امريڪا مان پاڪستان جي سفير، مسٽر محمد علي بوگرا کي گهرائي، وزير اعظم نامزد ڪري، آل پاڪستان مسلم ليگ جو صدر ڇانٽيو ويو.

مرڪزي اسيمبليءَ جي ميمبرن ۽ آل پاڪستان مسلم ليگ جي ڪائونسلرن جو موقف اهڙو ڪريل هو، جو انهن بليڪ ميل ڪي خواهش يا رنج سان قبولي راضي ٿي ويا.

(۲) سنڌ ۾ مسٽر عبدالستار پيرزاده جي وزارت کي اڪثريت ۾ هئڻ جي باوجود، ون يونٽ جي مخالفت ڪرڻ سبب، ڊسمس ڪري، "پروڊا" هيٺ خارج ڪيل، خانبهادر محمد ايوب کهڙي تان پابنديون هٽائي، سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبر نه هئڻ جي باوجود وزير اعليٰ نامزد ڪري، ڏنڊي جي زور سان سنڌ اسيمبليءَ جي ڪمزور ميمبرن تان وڏيءَ اڪثريت راءِ سان، ون يونٽ جي فائدي ۾ ٺهراءُ پاس ڪرايو ويو.

(۳) بهاولپور ۾، حسن محمود جي وزارت کي ڊسمس ڪيو ويو.

(۴) صوبہ سرحد ۾، سردار عبدالرشيد، وزير اعليٰ کي باوجود ٺهراءُ پاس ڪرائڻ جي، ۽ ان کي ڏنل وچن جي انحرافيءَ خلاف آواز اٿارڻ ڪري، ڊسمس ڪيو ويو.

(٥) ون يونٽ جي مخالفن کي جيلن ۾ وجهي، هر قسم جي طريقن سان هيسايو ويو.

(٦) ١٩٥٤ع ۾، آئين ساز اسيمبليءَ، آئين تيار ڪري ڇڏيو هو، صرف گورنر جنرل جي صحيح رهيل هئي ته اوچتو گورنر جنرل، غلام محمد خان طرفان، آئين ساز اسيمبليءَ کي ختم ڪيو ويو. انهيءَ تي آئين ساز اسيمبليءَ جي اسپيڪر، مولوي. تميزالدين صاحب مرحوم، سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ رٽ پٽيشن داخل ڪئي، جنهن، گورنر جنرل جي انهيءَ قدم کي ناجائز ٺهرايو. ليڪن گورنر جنرل طرفان، سپريم ڪورٽ ۾ اپيل داخل ٿي، ۽ سپريم ڪورٽ جي چيف جج، جسٽس محمد منير، هاءِ ڪورٽ جي فيصلي کي رد ڪري، گورنر جنرل جي قدم کي جائز ٺهرايو.

ان کان پوءِ، گورنر جنرل غير جمهوري طريقي سان، ساڳين ناسازگار حالتن هيٺ، نئين آئين ساز اسيمبلي چونڊائي، ان ۾ مختلف طريقن سان ١٩٥٦ع جو آئين پاس ڪرايو، جنهن جا مکيه شاخسار هيٺيان هئا:

(الف) ون يونٽ جو قيام.

(ب) اوڀر ۽ اولهه پاڪستان جي وچ ۾ آباديءَ جي اڪثريت ۽ اقليت جي باوجود مساوي نمائندگي ڏني، اوڀر پاڪستان جي جمهوري حق کي غضب ڪيو ويو.

(ج) اولهه پاڪستان اسيمبليءَ ۾ ميمبرن جو هڪ اهڙو گروه آندو ويو، جو ڊپوٽي ڪمشنرن جي نامزد ڪيل جرڳن طرفان چونڊيل هئڻ سبيان، حڪومت جي ماتحت هو.

(د) ون يونٽ کي ڊاهڻ لاءِ مشرقي ۽ مغربي پاڪستان اسيمبليءَ جي ٺهراءَ ۽ آئين ساز اسيمبليءَ جي ٻه ڀاڱي ٽي حصي جي ووٽن جي ضرورت لازمي ٺهرائي ويئي.

(هه) ان کان پوءِ، انهيءَ ناجائز ۽ غير جمهوري آئين جي حفاظت لاءِ هڪ طرف سختي اختيار ڪئي ويئي ته ٻئي طرف،

نشرو اشاعت جي سموريءَ سرڪاري مشنريءَ ڪي ڪتابن، پمفليٽن ۽ ٻين اهڙين قسم پروپئگنڊائن جي طريقن سان صحيح ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. ان وقت تائين صوبن ۾ ڪي اهڙا سياستدان به هئا، جي شروع کان ئي ون يونٽ مان پيدا ٿيندڙ خدشن ۽ انديشن سببان برخلاف هئا. اهي خطرا هي هئا:

(١) ون يونٽ جو قيام ويهين صديءَ جي انهن جمهوري قدرن جي خلاف هو، جن مطابق سموري طاقت عوام جي هٿ ۾ رهڻي هئي ۽ ڪين خوداراديءَ جو حق حاصل هو ۽ ڪنهن به ٻاهرينءَ طاقت کي انهن مليل حقن ۾ دست اندازي ڪرڻي نه هئي.

(٢) ون يونٽ جو قيام، ١٩٤٠ع ۾، لاهور ۾، آل انڊيا مسلم ليگ جي پاس ٿيل ٺهراءَ، جنهن جي آڌار تي پاڪستان-جي گهڙ ڪيل هئي، جي معني ۽ مقصد جي خلاف هو.

(٣) ون يونٽ جو قيام، مارچ ١٩٤٣ع ۾، سنڌ اسيمبليءَ جي پاڪستان بنسبت پاس ڪيل ٺهراءَ جي جذبي ۽ تقاضا جي پيچڪڙي ڪندڙ هو.

(٤) ون يونٽ جو قيام، برٽش پارليامينٽ طرفان، ١٩٤٧ع واري آزاديءَ جي ائڪٽ، جي مفهوم کان ئي انڪاري آهي، جنهن مطابق پاڪستان وجود ۾ آيو.

(٥) ون يونٽ جو قيام، اقوام متحده جي مقرر ڪيل بنيادي اصولن جي چارٽر جي پڻ خلاف هو، جنهن مطابق انهن تنهن قومين جو حق خود ارادي تسليم ڪيل هو، جن جا وطن، زبان، ڪلچر، سياسي ۽ اقتصادي مفاد علحده هئا.

(٦) ون يونٽ جو قيام، سنڌ جي بمبئيءَ کان علحدگيءَ لاءِ ڪيل سموريءَ جدوجهد جي خلاف هو، جنهن ۾ انڊيا جي سمورن مسلم جماعتن، جهڙوڪ مسلم ليگ، خلافت ڪاميٽي ۽ جميعت العلماء هند، اهم حصو ورتو هو.

(۷) ون يونٽ جو قيام، قائد اعظم محمد علي جناح طرفان ۱۹۳۰ع ۾، گول ميز ڪانفرنس ۾، ظاهر ڪيل، 'چوڏهن نڪتن' وارين پيش ڪيل تجويزن جي خلاف هو.

(۸) ون يونٽ جو قيام، سر آغا خان جي صدارت هيٺ، ۱۹۳۰ع ۾، دهليءَ ۾، هندوستان جي آل مسلم پارٽيز ڪانفرنس ۾ پاس ڪيل ٺهرائن ۾، قبول ڪيل اصولن جي وعده خلافي هئي.

(۹) ون يونٽ جو قيام، ۱۹۴۹ع ۾، قائد ملت لياقت علي خان جي سرڪردگيءَ هيٺ، پاڪستان جي آئين ساز اسيمبليءَ جي بنيادي اصولن جي پاس ڪيل ٺهراءَ جي فقري نمبر، ٦ ۽ ۷ جي روح ۽ الفاظ جي خلاف هو.

اهي فقرا هيٺيان هئا:

(الف) ملڪ جون اهي اراضيون جي هن وقت پاڪستان ۾ شامل آهن، يا هن کان پوءِ ان ۾ شامل ٿين، سي سڀ گڏجي وفاق ٺاهينديون.

(ب) اهڙو وفاق، جنهن ۾ صوبا خود مختيار هوندا، سواءِ انهن پابندين جي، جيڪي سندن رضامنديءَ مطابق فيڊريشن طرفان عائد هونديون.

(۱۰) ون يونٽ جو قيام، پختون، بلوچ ۽ سنڌي قوميتن جي هزارها سالن جي روايات، سندن عزت، غيرت ۽ آزاديءَ خلاف هڪ تازيانو هو.

(۱۱) ون يونٽ جو قيام، ننڍن صوبن جي زمينن، نوڪرين، واپار، ڪارخانن، کاڻين، پاڻيءَ ۽ ٻين قدرتي وسائل تي سامراجي ذهنيت واري هڪ وڏي صوبي جي مستقل مفاد لاءِ قائم ڪرڻ جي هڪ سازش سمجهي ٿي وڃي.

(۱۲) ون يونٽ جي، تمام ماڻهن ننڍن صوبن جي زبانن، ڪلچرن، سماجي ۽ اقتصادي مفادن کي نقصان پهچڻ جو انديشو محسوس ڪيو ٿي.

(۱۳) ننڍن صوبن جي رهاڪن کي ون يونٽ جي قيام مان اهو ٻہ انديشو هو، تہ وڏي صوبي جا رهاڪو پنهنجي وڌندڙ آباديءَ کي، ننڍن صوبن ۾ ڪالونائيز ڪري، اصلي باشندن جي آبادي گهٽائي، کين سياسي ضرر رسائيندا.

(۱۴) ون يونٽ جي قيام مان، ننڍن صوبن جي تعمير ۽ ترقيءَ کي نظرانداز ڪرڻ جو کين خطرو محسوس ٿي ٿيو.

(۱۵) ون يونٽ جي قيام بعد، ننڍن صوبن جي عوام کي خطرو هو تہ صاحب اقتدار، ننڍن صوبن جي زميندارن، واپارين ۽ دولتمند طبقي کي لالچ ۽ دٻاءَ ذريعي، بي‌ايمان بنائي، سياسي اخلاق کي بگاڙيندو.

هڪ طرف اهي سمورا خطرا ان وقت ون يونٽ جي مخالفن طرفان پيش ڪيا ٿي ويا تہ ٻئي طرف، صاحب اقتدار گروه طرفان ون يونٽ جي فائدي ۾، هيٺين قسم جا دليل ڏنا ٿي ويا:

(۱) مغربي پاڪستان ۾ ون يونٽ جي قيام سببان، شامل صوبن جي رهاڪن ۾ قومي يڪجهتي ۽ هم آهنگي پيدا ٿيندي ۽ صوبائي عصبيت ۽ انتشار پسند قوتون دٻجي وينديون.

(۲) پنجاب جهڙي زرخيز، ترقي يافتہ ۽ شاهوڪار صوبي سان پنهنجي پيل اراضين جو گڏجڻ، سنڌ ترقي، تعمير ۽ سٺي انتظام جو باعث ثابت ٿيندو.

(۳) هڪ اسيمبليءَ ۽ مرڪز تي گڏجي ڪم ڪرڻ ڪري، باهمي تعلقات وڌندا ۽ قاعدي قانون ۽ ترقياتي رٿائن کي عملي جامي پهرائڻ سببان، ملڪ جلدي ترقي ڪندو.

(۴) اڳوڻن قديمي صوبن جي زمينن، واپار، نوڪرين، ڪارخانن، کاڻين ۽ قدرتي وسائل ۾ مڪاني باشندن کي وڌيڪ ترجيح ڏني ويندي.

(۵) ون يونٽ جو قيام، پاڪستان جي سالميت ۽ اسلام جي سربلنديءَ لاءِ پيش خيمہ طور ڪم ڏيندو. سنڌ ۾ ون يونٽ

جي حاسي روينيو وزير، پير علي محمد شاھ راشديءَ جا بيان، انھن ئي وعدن جي بنياد تي جاري ڪيل، ڏسڻ ۾ ايندا. ١٨- نومبر ١٩٥٤ع تي، "ڊان" اخبار، پير علي محمد شاھ راشديءَ جو ھيٺيون پريس بيان شايع ڪيو:

"مون پير علي محمد علي شاھ، روينيو وزير، ون يونٽ جي قيام ڪي، ھيٺين وعدن جي بنياد تي قبول ڪيو آھي:

(١) "سنڌ جي حقن جي حفاظت جو انتظام آئيني ذريعي ڪيو ويندو، جيئن ان جي خلاف ورزيءَ جي حالت ۾ قانوني چاره جوئي ذريعي سد باب ٿي سگھي.

(٢) سنڌ اندر جيڪا به پيدائش يا ٽيڪسن جي وصولي ٿيندي، سا صرف سنڌ جي مفاد لاءِ خرچ ڪئي ويندي.

(٣) سنڌ جي خطي اندر جيڪي نوڪريون ھونديون، سي سڀ سنڌين کي ڏنيون وينديون ۽ انھن جي وراھڻ جو اختيار به سنڌين جي ھٿن ۾ ھوندو.

(٤) سنڌ جي زمين، بي زمين سنڌي هارين ۾، پوءِ اھي مڪاني ھاري يا مھاجر ھجن، مقرر ڪيل ايڪانامڪ يونٽ مطابق ڏني ويندي.

(٥) ڪا به زمين جيڪڏھين مٿينءَ طرح ورھاست ڪرڻ بعد بچندي، تہ پوءِ اھا. ٻئي ڪنھن کي سرڪار جي مقرر ڪيل حد اندر ڏني وڃي تہ اعتراض نہ ڪيو ويندو.

(٦) مرڪزي سرڪار جي مڙني نوڪرين يا اعليٰ عھدن ۾، سنڌين کي ھڪ مقرر ڪيل حصو ڏنو ويندو.

(٧) ون يونٽ بعد مرڪزي حڪومت وٽ سواءِ بچاءَ، خارجہ تعلقات ۽ ڪرنسيءَ جي ٻيو ڪو بہ کاتو رھڻ نہ ڏنو ويندو.

(٨) سنڌ جي آباديءَ لاءِ دريائن مان گھربل پاڻيءَ کي نڪي گھٽايو ويندو ۽ نڪي ڪا رڪاوٽ وڌي ويندي.

(٩) سنڌ جي زبان ۽ ادب جي ترقيءَ لاءِ، موجوده حڪومت طرفان مقرر ڪيل رقم ڪي گهٽايو نه ويندو.
(١٠) سنڌ کي لشڪر ۾ بجاءِ ڪاتي ۾ مناسب حصو ڏنو ويندو.
(١١) ڪوبه اهڙو قانون پاس نه ڪيو ويندو، جيسين سنڌي ميمبرن جي اڪثريت، ون يونٽ اسيمبليءَ ۾ قبول نه ڪيو هوندو."

ان بعد ڇا ٿيو ۽ سنڌ سان ڪيل وعدن جي ڪهڙيءَ طرح وفائي ڪئي ويئي، ۽ سائس ڪهڙا ڪهڙا ويل وهايا ويا؟ ان جو دردانگيز داستان ايترو طويل آهي جو ڪيترائي ڪتاب لکي سگهجن ٿا. بهرحال، انهيءَ هوندي به ڪي حقيقتون اختصار طور هيٺ ڏجن ٿيون:

(١) مغربي پاڪستان اسيمبليءَ ۾، مسلم ليگ ميمبرن جي اڪثريت هئڻ جي باوجود، ان جي ليڊر کي ڇڏي، ڊاڪٽر خان صاحب کي سندس ڀاءُ، خان عبدالغفار خان، جي پارٽيءَ جي اصولن خلاف قيمت ڏئي، پاڻ ڏانهن سيري، نئين صوبن جي رهاڪن کي ڌوڪي ڏيڻ خاطر وزير اعليٰ نامزد ڪيو ويو؛ ان بعد ڪيس چوٽ ڇڏيو ويو ته ميمبرن کي لالچون ڏئي، پنهنجي ناهيل نئينءَ پارٽيءَ ۾ آڻي. مطلب ته اهڙيءَ طرح نام نهاد "ريپبلڪن پارٽيءَ" جو بنياد وڌو ويو.

(٢) هڪ بلوچ ليڊر کي لالچ ڏئي، ون يونٽ جو حامي بنائي، گورنر مقرر ڪيو ويو. سنڌ مان، جن ون يونٽ ناهڻ ۾ مدد ڪئي هئي، جهڙوڪ خانبهادر کهڙو ۽ سيد علي محمد شاهه راشدي، تن مان پهرئين کي وزارت مان ٻاهر نڪري مخالفت ۾ ويهڻو پيو ۽ ٻئي صاحب پنهنجي سلامتي انهيءَ ۾ ڄاتي ته سفارتي عهدو وٺي، حال ملڪ ڇڏي، ٻاهر وڃي، پنهنجا غم غلط ڪري. ميان محمدممتاز دولتانه ۽ چوڌري محمد علي، جي ٻئي 'ايڪس' دستاويز جا خالق چيا ٿي ويا، تن کي به ٻاهر نڪري، پنهنجي ڪيتي جي

سزا پوڳٽي پيئي. آخر سنڌ مان اهڙي ماڻهو وزير ڪري کنيا ويا، جن مان ٻن مکيه ماڻهن، يعني قاضي فضل الله ۽ عبدالستار پيرزاده، ون يونٽ جي مخالفت ڪئي هئي. هيءَ ڳالهه ياد رکڻ جي لائق آهي ته "ريپبلڪن پارٽيءَ" جي مقاصد ۾ ون يونٽ کي مضبوط ڪرڻ جو هڪ اصول داخل هو. اسان جي سنڌي وزيرن به مجبوراً ان اصول کي تسليم ڪندي، وزارت قبول ڪئي.

(۳) جڏهين مغربي پاڪستان اسيمبليءَ جون چونڊون ٿيڻ واريون هيون، تڏهن پهرين اهو سوال اٿيو ته اسان، جيڪي ون يونٽ جي مخالف هئاسون، ڪهڙيءَ طرح ان ۾ وڃون؟ ان تي اهو دليل پيش ڪيو ويو ته جهڙيءَ طرح ڪانگريسي ميمبر، هڪ وقت اسيمبلين ۾ صرف انهن کي ناڪامياب بنائڻ لاءِ ويندا هئا، اهڙيءَ طرح اسان به وڃي سگهون ٿا. ليڪن، سرڪار طرفان سخت دٻاءُ پئي پيو ۽ دادو ضلعي جا ٽي ميمبر، جي ون يونٽ جي خلاف هئا، تن کي ڪنهن به طرح مغربي پاڪستان اسيمبليءَ ۾ چونڊجي اچڻ نه ڏنو ويو. اهي ٽي هئاسون (۱) پير ميان الاهي بخش، (۲) ميان عبدالحميد جتوئي ۽ (۳) جي. ايم. سيد. ليڪن خدا سان ڪم پوندو، جيڪڏهين اسان کي ون يونٽ بنائيندڙ، پير علي محمد شاه راشدي (ان وقت مرڪزي حڪومت جو وزير هو)، پنهنجي دوست، ملڪ سڪندر خان جو ووٽ نه ڏياري ها، ته نڪي اسان ميمبر چونڊجي سگهون ها ۽ نڪي آئينده مغربي پاڪستان اسيمبليءَ ۾ ون يونٽ خلاف ٺهراءُ پاس ڪرائي سگهون ها.

(۴) مغربي پاڪستان اسيمبلي ٺهڻ بعد، اسان کي معلوم ٿيو ته هڪ منظم پروگرام تحت، مٿي ذڪر ڪيل واعدن جي خلاف ورزي ڪئي پئي وڃي، جيئن ته

(الف) سنڌ جي ۸۰ ڪروڙ روپين جي خرچ تي ٺهرايل ڪوٽڙيءَ بئراج تي، ٽنڊو محمد خان جون زمينون، سرڪاري خرچ تي سڌاري، غير سنڌين کي ڏنيون ويون.

(ب) ڪيترن سنڌي آفيسرن جا حق ريٽي، پنجاب جي جونيئر آفيسرن کي مٿن عهدن تي رکيو ويو. مسٽر عثمان علي انصاري، مسٽر ڏڪڻ، آغا جعفر علي ۽ ٻيا ڪيترا انهيءَ بي انصافيءَ جو شڪار ٿيا.

(ت) سنڌ سرڪار طرفان منظور ڪيل جابلو ۽ ٿر ايراضين کي سڌارڻ جون اسڪيمون، رد ڪري ڇڏيون ويون. جيتوڻيڪ انهن تي خرچ، سنڌ جي پئسي مان ٿئي ها - حالانڪ سنڌ صوبي جا ٽيهه ڪروڙ رپيا بچت، ون يونٽ نهڻ وقت قبضي ۾ آڻي، پنهنجي ڪم لاءِ ڇڏيائون.

(ث) "سنڌي ادبي بورڊ" ۽ "شاهه لطيف سينٽرل ڪلچرل بورڊ" لاءِ، سنڌ سرڪار طرفان منظور ٿيل رقمن کي گهٽائي، فقط نالي ڪڻ ڪئي ويئي.

(ج) سنڌ سرڪار طرفان هر سال، هر هڪ تعلقي ۾ هاءِ اسڪول ۽ هر ضلعي ۾ ڪاليج ۽ اسپتالن جون بحال ٿيل اسڪيمون ختم ڪرڻ سان گڏوگڏ، زوري تعليم جي اڳوڻي دستور ڪيئي ختم ڪيو ويو.

يڪ مشت نموني خروار

جي مصداق، سنڌ سان ڪيترا ناحق ڪيا ويا. جڏهن انهن بي انصافين خلاف، سنڌين طرفان حق طلبيءَ لاءِ هاءِ گهوڙا ڪئي ٿي ويئي ته ڪوبه داد فرياد ٻڌڻ ۾ نٿي ڪين ٿي آيو. ان کان پوءِ، آئي باقي سنڌ سان جيڪي زيادتيون ۽ اوه زورايون ١٩٥٨ع واريءَ مارشل لا کان پوءِ ٿيون آهن، انهن جو تفضيل منهنجي سياسي مضمونن جي ڪتاب ۽ تازو فضل اڪبر ڪاميٽيءَ کي، سنڌ طرفان پيش ڪيل حقيقتن ۾ چٽيءَ رهيو آهي، ان مان پڙهي سگهي ٿو.

مٿين زيادتين کي ڏسي، ڪيترا پنجاب جا سياستدان به انهيءَ بي انصافيءَ واري هلت مان تنگ ٿي پيا. خود مسلم ليگ اسيمبلي پارٽيءَ جي مکيه ماڻهن، جن ۾ ميان محمد ممتاز دولتاني،

سردار بهادر خان، خان عبدالقيوم خان، قاضي عيسيٰ ۽ خانبهادر کهڙو اسان سان گڏجي ون يونٽ ڊاهڻ ۾ شامل ٿيا. بعد ۾ "ريپبلڪن پارٽيءَ"، جنهن جي حڪومت هئي، تنهن پڻ ون يونٽ ڊاهڻ جو ٺهراءُ، مغربي پاڪستان اسيمبليءَ ۾ پاس ڪرايو. ليڪن پوءِ، مرڪزي اسيمبليءَ ۾، ان ٺهراءَ کي آئيني صورت ڏيارڻ کان ٽري ويا، جنهن تي اسان سنڌ جو متحده محاذ ٺاهيو، جنهن متعلق وڌيڪ احوال متحده محاذ جي مضمون ۾ اچي چڪو آهي.

١٩٥٨ع واريءَ مارشل لا کان پوءِ، جيڪي حالتون پيدا ٿيون، تن ون يونٽ خلاف ايتري مخالفت ۽ نفرت پيدا ڪئي آهي جو سرڪار کي مجبور ٿي، جسٽس فضل اڪبر جي چيئرمنيءَ هيٺ هڪ ڪميشن مقرر ڪرڻي پيئي. مذڪور ڪميٽيءَ جي چيئرمن، پنهنجي پبلڪ بيان ۾ ظاهر ڪيو آهي ته "ننڍين صوبن جا ٩٧ سيڪڙو رهاڪو نه صرف ون يونٽ مان ناراض هئا، بلڪ ان کي سخت نفرت جي نگاهه سان ڏسن ٿا."

ليڪن باوجود ان جي، ڏسڻ ۾ ائين پيو اچي ته وڏي صوبي جو هڪ مستقل مفاد ۽ سامراجي ذهنيت وارو گروه اڃا تائين زبردستيءَ وارن مختلف طريقن سان ان کي قائم رکڻ جي ڪوشش ۾ آهي. هو هيٺين طريقن سان ان کي قائم رکڻ چاهين ٿا:

(١) هڪ گروهه، جهڙوڪ ڪنوينشن مسلم ليگ ۽ چوڌري نذير احمد وغيره، جهڙن ماڻهن جو آهي، سو ون يونٽ کي علي اعلان قائم رکڻ جو حامي آهي.

(٢) ٻيا منافقي ڪري، چون ٿا ته سال ١٩٥٦ع وارو غير جمهوري آئين ملڪ سان لاڳو ڪري چونڊون ڪرائجن ۽ پوءِ آئين ساز اسيمبليءَ کي اختيار ڏجي ته اها ان سوال تي غور ڪري. چاڪاڻ ته ڪين خبر آهي ته ان آئين موجب، اوير پاڪستان کي آباديءَ جي لحاظ سان نمائندگي ڪا نه ملندي ۽ اولهه پاڪستان ۾ ٽرائيبل ۽ ايجنسي اراضين مان، ڊيپوٽي ڪمشنرن طرفان نامزد

ٽيل جرڪن جا عيوضي چونڊيا، جن جي حيثيت سرڪاري نامزد ٽيل ميمبرن جهڙي هوندي. ازانسواء، ١٩٥٦ع جي آئين موجب، آئين ۾ ترميم صرف ۾ پاڳي تي حصي وٺڻ سان ٿي سگهندي ۽ جڏهن مشرقي ۽ مغربي پاڪستان صوبن جي نهراءَ جي ضرورت ٿيندي، تڏهن ڪين انهيءَ حالت ۾ گهٽي اميد آهي ته ڪجهه اوير پاڪستان جي ۽ ڪجهه ننڍن صوبن جي ميمبرن کي لالچ ۽ دباءَ ذريعي پنهنجي طرف ڪري، ون يونٽ کي ڊاهڻ کان بچائي وٺندا. انهيءَ پاليسيءَ جون حامي جماعتون ڪائونسل مسلم ليگ، پي. ڊي. پي ۽ جماعت اسلامي آهن.

(٣) ٽيو اهو گروهه آهي جو موجوده ون يونٽ کي ڊاهي، ان کي زونل فيڊريشن جي صورت ۾ قائم رکڻ جي فائدي ۾ آهي؛ جنهن مطابق ننڍن صوبن ۾ ليفٽيننٽ گورنر مقرر ٿيندا، جن کي ڪي مخصوص کاتا سپرد ڪيا ويندا ۽ پيو سمورو اختيار مغربي پاڪستان جي زونل فيڊرل اسيمبليءَ ۽ گورنر جي هٿ ۾ هوندو. اهو طريقو، حقيقت ۾ ون يونٽ کان به وڌيڪ بدتر آهي. انهيءَ جو مطلب اهو آهي ته چند ماڻهن کي گورنرين ۽ وزارتن جي لالچن تي خريد ڪري، ننڍن صوبن جي بنيادي مسئلن ۽ هاءِ گهوڙا کي، انهيءَ سستي سوديبازيءَ سان في الحال مانو ڪري، ننڍن صوبن ۾ ٿوري وقت اندر ڪالونائيزيشن جو ڪم وڌي زور شور سان ڪري، صوبن جي آباديءَ ۾ پنهنجن ماڻهن جو اضافو آڻي، هميشه لاءِ ختم ڪيو وڃي. انهيءَ جا حامي ڪائونسل مسلم ليگ، پي. ڊي. پي، جماعت اسلامي، ۽ انهن سان گڏ نيشنل عوامي پارٽيءَ (ولي گروپ) جا ڪارڪن ۽ پيپلس پارٽيءَ وارا آهن.

(٤) چوٿون گروهه انهن ماڻهن جو آهي، جي ظاهري طور ون يونٽ کي ڊاهڻ جي عيوض، اهڙا طريقا اختيار ڪرڻ گهرن ٿا، جن جي ڪري اسان اوير پاڪستان جي مکيه پارٽي، "عوامي ليگ" جي حمايت، سندن ڇهه نڪاتي پروگرام جي مخالفت ڪرڻ

ڪري وڃائي ويهون. هو سمجهن ٿا ته عوامي ليگ جي مدد کان سواءِ ون يونٽ ڊاهي ڪين سگهنداسون. انهيءَ خيال جي حمايت، مٿي ذڪر ڪيل پارٽين کان سواءِ نيشنل عوامي پارٽي (ولي خان گروپ) ۽ پيپلس پارٽيءَ وارا ڪن ٿا ۽ ڪن پين مخصوص ماڻهن کان به اهڙا بيان ڪيا آهي، مشرقي پاڪستان جي ماڻهن تي خراب اثر ويهارڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي.

انهن حالتن کي سامهون رکندي، متحده محاذ جي ڪارڪنن کي وڏيڪ خبرداررهڻو پوندو ته ڇيئن عوامي ليگ جي ڇهن نڪتن سان سندن اختلاف نه ٿئي؛ اسان سندن حمايت ڪندا رهون ۽ هو اسان جي صوبائي خود مختياريءَ جي حمايت ڪندا رهن. ٻئي طرف، مٿي ذڪر ڪيل، ون يونٽ جي حامين جي، سراسر ڏوڪي وارين ٽن تجويزن کان به بچڻو آهي، جهڙوڪ: ١٩٥٦ع جي آئين جي بحالي، زونل فيڊريشن کي قائم ڪرڻ ۽ عوامي ليگ جي ڇهن نڪتن جي مخالفت.

انهيءَ سلسلي ۾ وڏيڪ گهرائيءَ سان نگاهه ڪبي ته پاڪستان ڊيموڪريٽڪ پارٽي، جماعت اسلامي، نيشنل عوامي پارٽي (ولي خان گروه) ۽ پيپلس پارٽيءَ کي مختلف نمونن سان ڪم ڪندي ڏسنداسون. اسان کي انهيءَ سازش کان بچڻ لاءِ، هيٺين ڳالهين بابت پنهنجن ذهنن کي صاف رکڻو پوندو:

(١) ون يونٽ کي هر حالت ۾ ختم ڪرائي، صوبائي خودمختياري قائم ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻي آهي.

(٢) ١٩٥٦ع وارو غير جمهوري آئين، ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪرڻو آهي ۽ ان جي حامين کي هر حالت ۾ ون يونٽ جو حامي شمار ڪرڻو آهي.

(٣) زونل فيڊريشن ڪهڙيءَ به صورت ۾ قبول ڪرڻي نه آهي. اسان ننڍين صوبن وارن کي به اهڙا اختيار ملڻ جي گهر ڪرڻي آهي، جهڙي اوپر پاڪستان وارا ڪن ٿا.

(٤) اها ڳالهہ بہ صاف سمجهي چڏڻي آهي تہ ”عوامي ليگ“ (ڇهہ نڪاتي) جسي تعاون ڪان سواءِ، اسان ون يونٽ ڊاهي نہ سگهنداسون.

(٥) اسان کي نيشنل عوامي پارٽي (ڀاشاني گروپ) سان بہ سمجهوتہ ڪرڻو پوندو.

(٦) نيشنل عوامي پارٽي (ولي خان گروپ) جيسين تائين زونل فيڊريشن جو فقرو پنهنجي دستورالعمل مان خارج نہ ڪيو آهي ۽ آئين تهن ڪان اڳ، اقتصادي مسئلا ڇيڙي ننڍن صوبن جي اتحاد کي ٽوڙڻ جي پاليسي نہ ڇڏي آهي، تيسين ان کان هر طرح خبردار رهڻو آهي.

انهن ڳالهين کي مدنظر رکي، اسان کي ننڍن صوبن جي ماڻهن ۾ سياسي شعور پيدا ڪري، متحده محاذ ۾ شامل ڪرڻو آهي. جيڪي بہ ماڻهو مٿي ذڪر ڪيل مسئلن ۾ شامل راءِ نٿا ڏين، ٿن کي ون يونٽ جو حامي شمار ڪرڻو آهي. هن وقت پاڪستان ۾ هيٺيون پارٽيون قائم آهن، جن جا پاڪستان جي آئين سازيءَ بنسبت منهنجيءَ نظر ۾ هيٺان مقاصد نظر اچن ٿا:

(١) ڪنوينشن مسلم ليگ:

هيءَ پارٽي، صدر محمد ايوب خان، ملڪ سان مارشل لا لاڳو ڪري، پنهنجي اقتدار قائم رکڻ لاءِ چند خود مطلب فردن کي لالچ ۽ دباءَ ذريعي ان ۾ شامل ڪري، ناهي هئي. ان ۾ موقعي پرست، پنهنجي مستقل مفاد جي حفاظت لاءِ داخل ٿيا هئا.

انهيءَ جماعت جو باني صدر، ون يونٽ کي ڪنهن بہ حالت ۾ بحال رکڻ لاءِ مُصر هو. انهيءَ پارٽيءَ جي آئين جو مکيہ جزو، ون يونٽ جي حفاظت هئي. صدر ايوب خان هڪ وقت پنهنجي بيان ۾ چيو هو تہ ”جيڪڏهين نيشنل اسيمبلي، ون يونٽ کي ڊاهڻ جو قانون پاس ڪندي، تہ بہ هُو ان جي منظوري هرگز نہ ڏيندو. انهيءَ کان علاوه، سندس چند پوئلڳن جا هيٺيان بيان هئا:

(۱) ون يونٽ ڊاهي، اڳوڻن صوبن کي بحال ڪرڻ، پاڪستان کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ جي برابر آهي.

(۲) ون يونٽ جي مخالفت ڪرڻ وارا، هندوستان ۽ ٻين ٻاهرين ملڪن جا ايجنٽ آهن.

(۳) ون يونٽ جي مخالفت، اسلامي نظريءِ پاڪستان جي مخالفت ڪرڻ برابر آهي.

(۴) ون يونٽ حقيقت بڻجي چڪي آهي، ان جي مخالفت بيڪار آهي. ان جي مخالفن کي ڪچليو ويندو.

(۵) ننڍن صوبن جو عوام، ون يونٽ جي فائدي ۾ آهي، ان جي مخالفت ڪندڙ، ڏارين جا ايجنٽ، انتشار پسند، اسلام جا دشمن، ڪوتاهه نظر ۽ فرسوده خيال جا ماڻهو آهن.

انهيءَ جماعت جي عهديدارن، اسيمبلين جي ميمبرن کي هرطرح جي ڌمڪين، لالچن ۽ پرمٽن وغيره ذريعي مطيع ڪري ڇڏيو هو. هنن انهيءَ ڪان سواءِ سواءِ قدم اڳتي وڌي، مخالفن کي جيلن، نظربندين ۽ ازين قسم جي تڪليفن ۾ پڻ مبتلا ڪيو. هن وقت سنڌ جي اڪثريت ان سان نڪري چڪي آهي. صرف سنڌ جي ٻن غدار شخصن، هڪ مير اعجاز علي خان ۽ ٻيو درمحمد اوستو، ان جي ميٽنگ ۾ شامل ٿي، ون يونٽ جي حمايت جو نعراءَ پاس ڪرايو. پيپلس پارٽيءَ جي اخبار، هنن جي انهيءَ ڪڌي ڪارنامي تي چشم پوشي ڪري، خود ون يونٽ جي حمايتي هئڻ جو ثبوت ڏنو آهي.

(۳) ڪائونسل مسلم ليگ:

هيءَ جماعت حقيقت ۾ پراڻي مسلم ليگ جي جاءِ نشين هئي. ان ڪيترا ڪارڪن بنسبت ڪنوينشن مسلم ليگ جي زياده سمجهه گهٽ موقع پرست ۽ ڪجهه قدر حقيقت شناس هئا. جيتوڻيڪ هيءَ مسلم ليگ جي مکيه ڪارڪنن، ون يونٽ جي ٺاهڻ ۾ ا حصو ورتو هو، ليڪن ۱۹۵۷ع ڌاري، ون يونٽ

ٿيڻ بعد پيدا ٿيل نفاق ۽ بدانتظاميءَ کي محسوس ڪيو ۽ سمجهيو ته ون يونٽ جو قيام صوبن ۾ هم آهنگي ۽ يڪجهتي پيدا ڪرڻ جي بجاءِ نفرت ۽ نفاق جو باعث بنيو آهي. انڪري ان جو قائم رهڻ خود اهل پنجاب لاءِ فائديمند نه آهي، انهيءَ سببان هن جماعت جي مکيه ليڊرن، جهڙوڪ ميان ممتاز دولتاني، سردار بهادرخان، خان عبدالقيوم خان، قاضي عيسيٰ ۽ خانبهادر کهڙي اسان جي "سنڌ محاذ" سان ون يونٽ ٽوڙڻ لاءِ هڪ عهدنامي تي صحيحون ڪيون. انهيءَ بنياد تي اسان ۽ مسلم ليگ گڏجي، مغربي پاڪستان اسيمبليءَ ۾ ون يونٽ کي ڊاهڻ جو ٺهراءُ پيش ڪيو، جنهن جي ڊاڪٽر خان صاحب جي وزارت مخالفت ڪري، مقرر وقت پورو ڪرائي، اسپيڪر جي مدد سان واڪ آئوٽ ڪرائي، ٺهراءُ پاس ٿيڻ کان روڪي ڇڏيو. نتيجي ۾ اسان ۽ مسلم ليگ پارٽي، ڪن هم خيال ريپبلڪن پارٽيءَ جي ميمبرن سان گڏجي گرانٽ جي مسئلي تي ڊاڪٽر خان صاحب جي وزارت کي استعيفا ڏيڻ لاءِ مجبور ڪيو، ۽ پوءِ ڪجهه وقت لاءِ گورنري راڄ قائم ٿيو.

ان کان پوءِ، ريپبلڪن پارٽيءَ وارن جو هوش سالم ٿيو ۽ سڪندر ميرزا جي معرفت، پير صاحب پاڳاره جي ذريعي، چند سابق وزيرن اسان سان ون يونٽ ٽوڙڻ بنسبت ڳالهيون هلائيون. نتيجي ۾ سردار عبدالرشيد، سرفيروز خان نون ۽ ڪرنل عابد حسين، پارٽيءَ جي مکيه ڪارڪنن طرفان، اسان کي ون يونٽ ٽوڙي، صوبن بحال ڪرائڻ جو عهدنامو لکي ڏنو. ان وقت تائين سنڌ عوامي محاذ، نيشنل عوامي پارٽيءَ جي صورت اختيار ڪري چڪو هو. سون جڏهين اهي ٻئي عهدناما، نيشنل عوامي پارٽيءَ جي ورڪنگ ڪاميٽيءَ آڏو پيش ڪيا ته ميان افتخار الدين ۽ ميان محمد عليءَ جي ڪوشش سان ورڪنگ ڪاميٽيءَ ۾ پنجاب جا ميمبر گهٽ تعداد ۾ شريڪ ٿيا، پر وقت ٿوري هئڻ ڪري ننڍن صوبن جا ميمبر گهڻا حاضر ٿيا. ان ڪري انهن ڪثرت راءِ سان مسلم ليگ سان

ٽيل عهدنامي کي رد ڪري، ريپبلڪن پارٽيءَ واري عهدنامي کي قبولي، انهن جي مدد سان مغربي پاڪستان اسيمبليءَ ۾ ون يونٽ ڊاهڻ جو ٺهراءُ پاس ڪرايو.

انهيءَ سببان مسلم ليگ اسيمبلي پارٽيءَ کي جائز طور شڪايت جو سبب مليو، ڇو، جو ڪڏهين هو ان ڳالهه تي سمجهوتو ڪري ريپبلڪن وزارت کي استعيفا ڏيڻ تي مجبور نه ڪن ها ته ريپبلڪن پارٽيءَ وارا ڪڏهين به اهڙي سمجهوتي ڪرڻ لاءِ آماده نه ٿين ها. اها سائن سراسر بي وفائي ۽ دوکو هو. ليڪن باوجود ان جي هنن شرافت ڪري ٺهراءَ جي مخالفت نه ڪئي، بلڪ سنڌي ميمبر، خانبهادر کهڙي جي گروهه کي ٺهراءَ جي فائدي ۾ ووٽ ڪرڻ جي اجازت ڏني. ان کان پوءِ پنجاب ۾ مسلم ليگ جي مخالف گروهه منظم ٿي، ميان ممتاز دولتانه ۽ مسلم ليگ پارٽيءَ خلاف پروپيگنڊا ڪري، حالتون انهيءَ حد تي پهچايون جو مسلم ليگ ڪائونسل ڍاڪا ۾ گڏ ٿي، ون يونٽ ڊاهڻ جي خلاف ٺهراءُ پاس ڪري ڇڏيو، جو اڃا تائين رد نه ٿيو آهي.

هن وقت مسلم ليگ ڪائونسل جا سمجهدار ليڊر، ون يونٽ جي وجود کي پنجاب، ننڍن صوبن ۽ خود پاڪستان جي سلامتيءَ ۽ يڪجهتيءَ لاءِ نقصانڪار سمجهي، ان جي خلاف بيان ڏين ٿا. ليڪن اينڊز چونڊن ۾ جماعت اسلامي، ڪنوينشن مسلم ليگ ۽ پاڪستان جمهوري پارٽيءَ جي ڪارڪنن جي مخالفت ۽ پروپيگنڊا جي ڊپ کان، ١٩٥٦ع جي آئين ۽ زونل فيڊريشن جي حمايت لاءِ بيان ڏيڻ تي مجبور ٿين ٿا، جنهن جي معني اها نڪري ٿي ته جيتوڻيڪ لفظي طرح هو ون يونٽ جي ڊاهڻ جو اصول قبول ڪن ٿا، ليڪن عملي طرح پنهنجن تڪن جي عام راءِ کي مد نظر رکي، اهڙو ڪو به قدم کڻڻ لاءِ تيار نه ٿيندا، جنهنڪري هن جماعتن کان هو چونڊن ۾ شڪست کائين. ان ڪري ون يونٽ جي ڊاهڻ لاءِ عملي طرح انهيءَ جماعت ۾ اميد رکڻ بيڪار آهي.

جيڪي ننڍن صوبن جا ڪي فرد مٿن اعتبار ڪندا ته اهي يا ته ساده دماغ هوندا، يا وري ان سڌيءَ طرح سان ون يونٽ جا حامي هوندا.

(٣) نيشنل عوامي پارٽي:

هن پارٽيءَ جي بنيادي پايي وجهندڙن مان آئون پاڻ به آهيان. ون يونٽ ٺهڻ بعد جيل مان آزاد ٿيڻ کان پوءِ، مون پنهنجي جي بنگلي تي ٢٧- آگسٽ ١٩٥٥ع تي، خان عبدالغفار خان جي صدارت هيٺ هڪ ميٽنگ ڪوٺائي، ”اينٽي ون يونٽ فرنٽ“ نالي سان جماعت ٺاهي. ان کان پوءِ، جڏهين پنجاب جي ڪن ڪارڪنن اسان سان گڏجي ڪم ڪرڻ لاءِ آمادگي ڏيکاري ۽ چيو ته چونه سموري مغربي پاڪستان لاءِ هڪ جماعت ٺاهي ڪم ڪجي، ته آئون منڍ کان ئي ان طريقي جي خلاف هوس، پر ڪثرت راءِ ان خيال جي هئي ته سموري صوبي جي گڏيل جماعت کان سواءِ، اسان اقليت ۾ هئڻ ڪري ون يونٽ ڊاهڻ جو مقصد حل ڪرائي نه سگهنداسون. ان ڪري لاهور ۾، نيشنل عوامي پارٽيءَ جو دستور العمل تيار ڪرڻ لاءِ گڏ ٿياسون.

اسان ننڍن صوبن وارن پارٽي آئين جي مقاصد ۾، ون يونٽ ڊاهي، اڳوڻن صوبن جي بحاليءَ جو فقرو وجهڻ چاهيو، ليڪن پنجاب جي نمائندن طرفان ان جي مخالفت ٿي. آخر اسان هنن جي حمايت حاصل ڪرڻ لاءِ، ون يونٽ ڊاهڻ کان پوءِ، اڳوڻن صوبن بحال ڪرڻ بعد ڪن گڏيل ڪمن لاءِ زونل فيڊريشن قائم ڪرڻ جو فقرو وڌو، جو در حقيقت نيشنل پارٽيءَ جي بنياد ۾ هڪ غلط سر جيان ثابت ٿيو. چاڪاڻ ته انهيءَ سمجهوتي کان پوءِ به ميان افتخار الدين طرفان، برڪت علي هال ۾، مخالفت ڪئي ويئي. ليڪن نوجوان ڪارڪنن جي بار پوڻ سببان دستورالعمل پاس ڪرڻ سان گڏ عهديدارن جي چونڊ ڪئي ويئي ۽ خان عبدالغفار خان کي پارٽيءَ جو صدر چونڊيو ويو.

ڪجهه وقت کان پوءِ، جڏهن عوامي ليگ جي صدر، مولانا ڀاشانيءَ ۽ مسٽر حسين شهيد سهرورديءَ جي وچ ۾ ڪن مسئلن تان اختلاف پيدا ٿيا، تڏهن ڀاشاني صاحب جي گروهه اسان سان گڏجي ڪم ڪرڻ جي خواهش ظاهر ڪئي. انهيءَ تي اسان ڍاڪا ڪنوينشن ۾ شامل ٿي، نيشنل عوامي پارٽيءَ جو وجود قائم ڪيو. پارٽيءَ جو صدر، مولانا ڀاشاني ۽ نائب صدر، شيخ عبدالمجيد کي چونڊيو ويو ۽ مغربي پاڪستان صوبه جو صدر، خان عبدالغفار خان کي چونڊيو ويو.

اها ڳالهه ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته مولانا ڀاشانيءَ جو عوامي ليگ کان الڳ ٿي، هن نئين پارٽيءَ ۾ شامل ٿيڻ ۾، ڪميونسٽ گروهه جو وڏو دخل هو. انهيءَ ڪري نيشنل عوامي پارٽيءَ ۾ منڍ کان ئي ٻن گروهن جا ڪارڪن نظر اچي رهيا هئا: هڪڙن ملڪ جي آئيني مسئلن جي ڀهرين حل ڪرڻ کي ترجيح ڏني ٿي، جن ۾ خان عبدالغفار خان ۽ اسان هئاسون؛ ٻيو ڪميونسٽ گروهه ۽ پنجاب جا ڪارڪن هئا، جن اقتصادي مسئلن کي وڌيڪ ترجيح ڏيڻ گهري ٿي. اسان ٻوئين گروهه جي اهڙيءَ پاليسيءَ کي آئيني مسئلن حل ڪرڻ ۾ هڪ وڏي رڪاوٽ ٿي سمجهيو؛ ڇاڪاڻ ته ننڍن صوبن ۾ اقتصادي حد بنديون بنگال جي مقابلي ۾ تمام مٿانهيون هيون. بنگال ۾ وڏي زمينداري هئي ئي ڪا نه ۽ اسان جي انهي ننڍن صوبن ۾، وڏين زميندارن ۽ جاگيردارن قائم هجڻ سان گڏوگڏ انهيءَ طبقي جو عوام تي تمام گهڻو اثر هو.

ون يونٽ جي سوال تي سڀني ننڍن صوبن جي رهاڪن کي متحد ڪرڻ، اسان جي نظر ۾ وڌيڪ آسان هو. جيڪڏهين اسين فقط اقتصادي سوالن کي ترجيح ڏئي، ان کي فوراً هٿ ۾ کڻون ها ته اهل پنجاب کي پنهنجي مستقل مفاد کي قائم رکڻ لاءِ اسان ۾ ڦوٽ وجهڻ، آساني ٿي پوي ها. نيشنل عوامي پارٽيءَ جي پنجاب وارن ميمبرن جي مفاد وٽان اها ڳالهه هئي ته اهڙا

مسئلا پيدا ڪجن، جن سببان ننڍن صوبن ۾ يڪجهتي پيدا نہ ٿي ۽ هو ون يونٽ ڊاهڻ ۾ ظاهري طور اسان سان شرڪت ڪري پنجاب ۾ پاڻ کي نامقبول ٿيڻ کان بچائي وٺن. آخر آهستي، آهستي، اهي اختلاف ظاهر ٿيڻ لڳا. انهيءَ روش کي بحصوص ڪنڌي خان عبدالغفارخان، خان عبدالصمد خان، شيخ عبدالمجيد ۽ مون مجبور ٿي، هڪ خط مولانا ڀاشاني ڏي لکي، ڪيس چتاءُ ڏنو تہ جيڪڏهين هو يا سندس ڪارڪن، ون يونٽ جي ڊاهڻ کي ثانوي حيثيت ڏيندا تہ اسان جماعت کان جدا ٿي ويندا سون. ان بعد اسان سنڌ ۾، کهڙي صاحب جي چيئرمنيءَ هيٺ، ”سنڌ ائنٽي ون يونٽ فرنٽ“ ناهيو ۽ ان بعد بلوچستان ۽ سرحد ۾ بہ اهڙن فرنٽن قائم ڪرڻ جي ڪوشش ۾ هئاسون تہ ١٩٥٨ع وارو مارشل لا، بلڪ سان لاڳو ٿي ويو. مون کي ۽ ٻين ڪيترن، ون يونٽ جي مخالفن کي، ورهين جا ورهيہ جيلن ۾ ڪاٽڻا پيا.

وري جڏهين پارٽين قائم ڪرڻ جي اجازت ملي تہ ون يونٽ جي مخالفن جو هڪ وڏو گروهہ جيلن ۾ هو ۽ باقي رهيل، نيشنل عوامي پارٽيءَ وارا، ٻن گروهن ۾ ورهاجي ويا هئا: هڪڙا چيني پروگرام جا حامي بنيا، تہ ٻيا وري روسي پروگرام جا طرفدار ٿيا. گذريل سال ٻنهي گروهن، پاڪستان بنياد تي پنهنجين پارٽين جا صدر چونڊيا. روسي پروگرام وارن خان ولي خان کي صدر چونڊيو ۽ چيني پروگرام وارن، مولانا عبدالحميد ڀاشانيءَ کي. ولي خان گروپ اولهہ پاڪستان ۾ حصو وٺي رهيو آهي ۽ ڀاشاني گروپ اوڀر پاڪستان ۾ اهميت رکي ٿو.

هن سال (١٩٦٩)، صدر ايوب طرفان ڪوٺايل ”گول ميز ڪانفرس“ ۾، خان ولي خان حصو ورتو ۽ ڀاشاني صاحب حصي وٺڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. هن وقت خان ولي خان گروپ جي نيشنل عوامي پارٽي بہ ٻن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي: هڪڙا اقتصادي سوالن کي ترجيح ڏين ٿا ۽ ٻيا ون يونٽ ڊاهڻ کي. ون يونٽ ڊاهڻ

وارن ميمبرن، پارٽيءَ جي مقاصد مان زونل فيڊريشن جو نقرو ڪڍڻ جي سفارش ڪئي آهي، ليڪن جماعت ۾، ڪميونسٽ خيال وارن ماڻهن جي اڪثريت هئڻ سبب، انهيءَ فقري رد ٿيڻ جو ڪو به امڪان ڪونہ ٿو ڏسجي. ڪميونسٽ گروهہ ون يونٽ خلاف عام رجحان کي ڏسندي، ظاهري مخالفت تہ ڪري ٿو، پر پس پردي ان جي فائدي ۾ ڏسجي ٿو. هنن کي خبر آهي تہ ون يونٽ ڊاهڻ کان اڳ طبقاتي اختلاف پيدا ڪرڻ سان ننڍن صوبن جي رهاڪن جي يڪجهتي ختم ٿي ويندي. ان ڪري اهي ماڻهو ننڍن صوبن ۾ متحده محاذ قائم ڪرڻ جي خلاف آهن. اهڙيءَ طرح سنڌ ۾ محمودالحق عثماني، بلوچستان ۾ غوث بخش خان بزنجو ۽ فرنٽيئر ۾ اجمل خان خٽڪ جا گروهہ، ون يونٽ ڊاهڻ ۾ رڪاوٽ وجهڻ گهرن ٿا.

اهڙين حالتن هيٺ، نيشنل عوامي پارٽيءَ مان ون يونٽ خلاف جدوجهد ڪرڻ جي اميد، گهٽ رکڻ گهرجي.

٤- عوامي ليگ:

هيءَ جماعت مرحوم حسين شهيد سهرورديءَ جي برپا ڪيل آهي. مرحوم سهرورديءَ کي سڀ کان اول بينگال جا مفاد مدنظر هئا. هن انهيءَ بنياد تي جماعت کي زور وٺائي وڏي مقبوليت ڏياري، ليڪن هن جي ذهن ۾ هيءَ ڳالهہ ويهي ويٺي هئي تہ ملٽري ۽ سول سروس، ملڪي معاملات ۾ اهم حيثيت رکندڙ جزا آهن، تن ۾ پنجابين جي اڪثريت هئڻ ڪري حڪومت ۾ اقتدار حو حصول، انهن جي تعاون کان سواءِ ٿي نہ سگهندو. ويتر جو ون يونٽ جي معاملي ۾ ننڍن صوبن جي سياستدانن جي نااتفاقي ۽ غداري ڏٺي هئائين، ان ڪيس انهيءَ راءِ تي مستحڪم بنائي ڇڏيو. اس ون يونٽ جي مخالفن طرفان گهڻي ڪوشش ٿي، ليڪن ڪيس ون يونٽ جو ڪمڪلا مخالف بنائي نہ سگهياسون. د ن کي اها امي حوندڻ ٿيڻ بعد، پنجاب جي هڪ گروهہ سان تع ڪري، ندو. ليڪن، ١٩٥٨ع

جي مارشل لا لاڳو ٿيڻ بعد، هن کي وڏو صدمو پهتو ۽ سندس خيالن ۾ گهڻي تبديلي آئي. ٢٢- سيپٽمبر ١٩٦٢ع تي ڪراچيءَ ۾، منهنجي بنگلي ۾ ڏنل دعوت ۾ جڏهن سنڌ جي اڪثر سياستدانن گڏجي کيس عرض ڪيو ته اسان کي ون يونٽ ٽوڙائڻ ۾ مدد ڪريو ته هن پهريون دفعو اسان جي مدد ڪرڻ جو واعدو ڪيو. پر پوءِ جلدئي، سندس زندگيءَ وفا نه ڪئي.

ان کان پوءِ، عوامي ليگ جي مکيه ڪارڪنن کي جيلن ۾ وجهي، سختيون ڪيون ويون. اسان ته اڳ ۾ ئي ان جو شڪار هئاسون. گذريل سال، جڏهين عوامي تحريڪ جي زوردار احتجاج ڪرڻ تي شيخ مجيب الرحمان (سهروورديءَ کان پوءِ عوامي ليگ جو صدر) آزاد ٿيو ته هن ازخود پنهنجي 'ڇهه نڪاتي' پروگرام سان گڏ ون يونٽ ڊاهي، اڳوڻن صوبن بحال ڪرڻ جو پڻ اعلان ڪيو، جنهن ڪري ننڍن صوبن ۾ سندس پارٽيءَ لاءِ همدردي پيدا ٿي. "گول ميز ڪانفرنس" ۾ هن جيڪو رويو ورتو، ان ويتر اسان ۾ وڌيڪ ويساهه پيدا ڪيو. انهيءَ بنياد تي، جڏهين هو ١٠- آگسٽ ١٩٦٩ع تي سنڌ ۾ آيو، تڏهن، سنڌ متحده محاذ سندس وڏي آجيان ڪئي ۽ ڪيترا ساٿي عوامي ليگ ۾ شامل ٿيا. ان کان علاوه، سنڌ متحده محاذ ۽ عوامي ليگ ۾ هڪ سمجهوتو پڻ ٿيو. انهيءَ اتحاد، ون يونٽ جي حامين جي رنڌڻي ۾ رولو وجهي ڇڏيو. اسان جي انهيءَ اتحاد کي ٽوڙڻ لاءِ هن وقت هيٺين نمونن جون ڪوششون ٿي رهيون آهن:

(١) هڪ طرف عوامي ليگ پارٽيءَ جي ڇهه نڪتن کي، اسلام ۽ پاڪستان جي مخالف ٺهرائي، مغربي پاڪستان جي ننڍن صوبن جي عوام کي بدظن ڪيو پيو وڃي ته ٻئي طرف، مشرقي پاڪستان ۾، پنهنجي خود ساخته پارٽين کي تقويت وٺائي، عوامي ليگ جي طاقت کي ڪمزور ڪيو پيو وڃي.

(٢) زونل فيڊريشن ۽ آباديءَ جي بنياد تي نمائندگي،

ڏيارڻ تي زور ڏيئي، ون يونٽ جي خلاف ننڍن صوبن جي گروهن ۽ تحريڪن کي ٽڪو ڪري، منجهن پاڻ ۾ ئي اختلاف پيدا ڪيا وڃن. انهيءَ کان علاوه، ايرندي پاڪستان جي چند مطالبن کي قبول ڪري، مشرقي پاڪستان ۾ عوامي ليگ کي ون يونٽ جي حامي گروهن سان سمجهوتو ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو وڃي، يا ٻيءَ صورت ۾ عوامي ليگ خلاف زوردار مخالفت ڪرائي، سندس اثر ۽ طاقت کي گهٽايو وڃي.

انهن سڀني خدشن کي سامهون رکي، ننڍن صوبن جي ڪارڪنن کي وڌيڪ خبردار رهڻو آهي، ۽ هيٺ ڄاڻايل حقيقتن کي وڌيڪ ذهن نشين ڪرڻو پوندو:

(الف)- عوامي ليگ جي مدد کان سواءِ، ون يونٽ هرگز ٽٽي نه سگهندي.

(ب)- ڪنوينشن ليگ، ڪائونسل ليگ، پاڪستان جمهوري پارٽي ۽ جماعت اسلامي، اهي سڀئي تحريڪون، ون يونٽ کي برقرار رکڻ لاءِ هرطرح جون ڪوششون ڪنديون.

٥- جماعت اسلامي:

هيءَ جماعت مولانا ابوالعلي مودوديءَ جي ناهيل آهي، جنهن جو مقصد جديد حالتن مطابق اسلام جي تشريح ڪرڻ هو. ليڪن بدقسمتيءَ سان سياست ۾ حصو وٺڻ، سندن عمده رول ۾ ڪي شبها ۽ بدگمانيون پيدا ڪري ڇڏيون. جي ائين نه هجي ها ته قوي امڪان هو ته ملڪ جو گهڻو پڙهيل طبقو سندس پوئلڳ بڻجي وڃي ها. سندس سياسي راين بنسبت، نوجوان طبقي ۽ خاص ڪري ننڍن صوبن جي رهاڪن ۾ هيٺيان شبها ويٺل آهن:

(الف)- تحريڪ ۾ 'امير ۽ قيمن' مقرر ڪرڻ مان، فسطائيت جي بوءِ اچي ٿي.

(ب)- عوام جي اقتصادي مساوات جي مخالفت ڪري، ان کي خواه مخواه دهريت سان ملائڻ مان اهو شائبو پيدا ٿو ٿئي

ته مولانا، وڏي زميندارين ۽ سرمائيداريءَ قائم رکڻ جو حامي آهي.

(ج) مغربي پاڪستان ۾ ون يونٽ کي ٽوڙي، صوبن جي بحاليءَ ۾، ١٩٥٦ع جي آئين تي زور ڏيڻ، زونل فيڊريشن جي حمايت ڪرڻ ۽ بعضي "جيئي سنڌ" جهڙن بي ضرر ۽ دعائيه الفاظن سان "مرڪي پاڪستان" جي معنيٰ ۽ مراد وٺڻ سبب، ننڍن صوبن ۾ سنڌس تحريڪ جي ترقيءَ ۾ وڏي رڪاوٽ پئجي ويئي.

مولانا کي خبر آهي ته اسلام جي نقطهء نظر مطابق، هڪ پيءُ جي پنجن پٽن کي هڪجهڙا حق ۽ حصا ملڻا آهن؛ پوءِ ڪهڙيءَ طرح سنڌس ڪارڪنن کي اهو شايان شان نظر اچي ٿو ته ننڍن صوبن جي رهاڪن کي صوبائي آٽونامي ڏيڻ لاءِ ١٩٥٦ع جي آئين سڌارڻ ۽ زونل فيڊريشن جي حمايت ڪرڻ سان رڪاوٽ وڌي وڃي، ۽ جائز حق گهرندڙن کي، اسلام ۽ پاڪستان جو دشمن ۽ ڌارين ملڪن جو ايجنٽ سڏيو وڃي؟

ڪيس اها به خبر آهي ته پاڪستان جي عوام جو وڏو حصو غريب ۽ ڪنگال آهي. سموري دولت ۽ ملڪيت، ملڪ جي چند سرمائيدارن وٽ وڃي ڪٺي ٿي آهي. ساڳئي وقت دنيا جي ڪيترن مسلمان ملڪن ۾، منصوبہ بنديءَ ذريعي انهن افسوسناڪ ۽ بي رحمانه حالتن درست ڪرڻ لاءِ ڪوششون ٿي رهيون آهن، جنهن کي عام طرح "سوشلزم" جي نالي سان منسوب ڪيو وڃي ٿو. ليڪن ان جي اها مراد وٺڻ ٺيڪ نه ٿيندي ته سوشلزم ۽ ڪميونزم هڪ شيءِ آهن ۽ دهريت، سوشلزم سان لازم ملزوم آهي.

٦- پيپلس پارٽي:

هن پارٽيءَ جو باني، مسٽر ذوالفقار علي خان ڀٽو آهي. هي صاحب ٨ سال، جنرل ايوب جي حڪومت ۾ وزير ۽ سندس دست راست هئڻ سان گڏ ڪنوينشن مسلم ليگ جو مکيه ورڪر ٿي رهيو. انهيءَ دور ۾ ايتريقدر حامي هو جو بقول مسٽر فضل القادر ۽ ٻين

ماڻهن جي هيٺين ڳالهين ڪرڻ جو مرتڪب ٿيو:

(۱) ڪنوينشن مسلم ليگ کي زور وٺائڻ لاءِ انهيءَ تجويز ڏيڻ کان به ڪين رهيو ته ڊپوٽي ڪمشنرن ۽ پوليس سپرنٽنڊنٽن کي پارٽيءَ جو ميمبر بنائي، انهن جي ذريعي ليگ کي طاقتور ڪجي.

(۲) سياست ۾ دست اندازي ڪندڙ مُلن ۽ مولوين کي ڳوليءَ سان اڏائي ڇڏجي.

(۳) مسلمان قوم پنهنجيءَ تاريخ ۾ صرف ٻه ماڻهو پيدا ڪيا آهن: هڪ صلاح الدين ايوبي، ۽ ٻيو جنرل ايوب.

(۴) ڪنوينشن ليگ جو مکيه مقصد، ون يونٽ جو قيام هو، ان جي طرفان جيڪي رايون جا اظهار ڪيا ويا، سي مٿي ڄاڻايل آهن. ان وقت سنڌس حب الوطنيءَ جي جذبي کي ڇا ٿيو هو؟

(۵) قائداعظم جي همشيره، محترمه فاطمه جناح جي خلاف، جنرل ايوب خان کي صدر بنائڻ لاءِ هن ڪهڙا طريقا اختيار ڪيا؟

(٦) هن، صدر ايوب جي پارٽيءَ کي زور وٺائڻ لاءِ ميمبرن ۽ سرمائيدارن کان ڪهڙيءَ طرح ڪم ورتو، وغيره، وغيره.

هاڻي ڏسڻو آهي ته انهن مڙني حقيقتن جي باوجود، هن کي ڇو وزارت مان ڪڍيو ويو؟ انهيءَ سوال جي جواب ۾ هيٺيان ٻه رايا آهن:

هڪ: "تاشقند عهدنامي" قبول ڪرڻ ڪري، صدر ايوب خان ملڪ سان غداري ڪئي، تنهنڪري ان جي مخالفت ڪرڻ سبب، کيس ڪڍيو ويو.

ٻيو: صدر ايوب هن جي وفاداري، سڌن، ڏارين حڪومتن طرفان زوربار پوڻ ۽ پاڪستان جي مفاد خلاف قدم کڻڻ جي رپورٽن ڪري، کيس وزارت مان ڪڍيو ويو هو.

هن وقت صدر ايوب طاقت کان ٻاهر هئڻ سبب، پنهنجو طرف پيش ڪري سگهي ٿو، پر جنهن صورت ۾ هو خاموش آهي،

ان ڪري شايد اهو معاملو صيغهٔ راز ۾ رهجي وڃي. ايوبي دور ۾ جيڪي بہ بد ڪرداريون ٿيون، ان جي خلاف عوامي هلچل وقت هن جيڪي چيو ۽ ڪيو ٿي، ان جي سيني پٺي حمايت ڪئي ۽ ڪنهن بہ سندس مخالفت ڪا نہ ڪئي. پر هينئر حالتون مختلف آهن ۽ نئين آئين جي جوڙجڪ لاءِ مشورا هلي رهيا آهن. هيءَ نوجوان سنڌ جو رهاڪو، شڪل جو سهڻو ۽ من موهيندڙ ادا رکي ٿو. هن وقت ون يونٽ کان سنڌ جي آزادي، سنڌين اڳيان هڪ گنڀير مسئلو آهي، ان بابت ذهن صاف ڪري مستقل مزاج ٿي ڪم ڪرڻو آهي. پڻ صاحب جون هيٺيون ڳالهيون، نهايت منجهائيندڙ آهن:

(۱) آڏونڻ سنڌ خاطر، پنجاب جي مفاد کي قربان نہ ڪندس (سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ڪيل تقرير).

(۲) ون يونٽ جي مخالف آهي، ليڪن ڪن ترميمن سان ۱۹۵۶ع جو آئين قبول ڪندو (تازو پنجاب ۾ تقرير).

(۳) زونل فيڊريشن جي مخالفت ۾ هڪ لفظ بہ نہ چيو اٿس.

(۴) ون يونٽ جي مخالف آهي، پر بينگال جي وڏيءَ پارٽيءَ (عوامي ليگ) جي ڇهن نڪتن جي مخالفت ڪري ٿو: جڏهين کيس خبر آهي تہ بينگالين جي مدد کان سواءِ ون يونٽ ڊهي نہ سگهندو. ٻيي ڳالهہ جيڪا سمجهڻ ۾ نٿي اچي، سا اِها آهي تہ سندس ڪارڪن هيٺيون ڳالهيون ڇا لاءِ ٿا ڪن؟

(۱) پير صاحب پاڳاره جهڙي هستيءَ جي، سندس اخبار ۾ مذاق ڪئي وڃي ٿي.

(۲) مولوي محمد قاسم جهڙي درويش کي پنهنجن پوئلڳن کان ڪافر چوائي.

(۳) متحده محاذ جي مکيہ ڪارڪنن کي هندوستان جا ايجنٽ، فيوڊلزم جا حمايتي، ڏاهر جا ڏوهٽا، موهن جي دڙي جا کنڊر، وغيره، وغيره، الفاظن سان ياد ڪرائڻ ۾ ڪهڙي دانشمندي آهي؟

"سنڌ متحده محاذ" ۾ شامل سنڌي پارٽين جي اتحاد کان

ڪھڙيون ڳالھيون ڪيس مانع آھن؟ ھو ڪھڙيءَ طرح ننڍن صوبن جي ڪثرت راءِ جي مخالفت ۽ بينگال جي مخالفت ڪرڻ سان، سنڌ کي ون يونٽ کان آزاد ڪرائي سگھندو؟

نوجوانيءَ ۾ ھوش کان جوش زياده ھوندو آھي. اسان جي مخلصانہ صلاح اٿس تہ ان غرور کان ھيٺ لھي، محاذ ۾ داخل ٿئي. شاھہ صاحب جو ھيٺيون بيت اکين کولڻ لاءِ ڪافي آھي:

"متو آھين مچ، ٿلھو ڏو ٿـونـا ھٿين،
توجا پائنين آچ، تنھن پاٽيءَ ڀڳي ڏينھڙا!."

(٧) پاڪستان جمھوري پارٽي:

ھن پارٽيءَ ۾ ھيٺيان گروھہ شامل آھن:

١- چوڌري محمد عليءَ (ون يونٽ جي باني ۽ حامي) جو گروه،

٢- نوابزاده نصراللہ خان (ون يونٽ جو حامي ۽ سامراجي ذھنيت جي صاحب) جو گروه،

٣- ميان نورالامين صاحب (اھل بينگال جي تڙيل) جو گروه، ۽

٤- ايئر مارشل اصغر خان (ايماندار، شريف، ساده ۽ سياست کان اڻ واقف) جو گروه.

انھن گروھن ھن وقت تائين جيڪو پروگرام ڏنو آھي، اھو شيطان جي آنڊي کان بہ وڏو آھي. اڄ ان کي جيترقدر سمجھي سگھيو آھيان، ھيٺيان نتيجا ڪڍيا اٿم:

(١) ١٩٥٦ع جو آئين يڪدم قبوليو وڃي ۽ ون يونٽ جو سوال اھڙي بنياد تي چونڊيل آئين ساز اسيمبلي فيصلو ڪري. ان حالت ۾ (١٩٥٦ع جي آئين مطابق)، ھر ڪنھن کي معلوم آھي تہ ون يونٽ جو آئيني طور ڊھڻ، ناممڪن ٿي پوندو.

(٢) ون يونٽ جي مخالفت ڪندڙن کي ڏارين حڪومتن جو

ايجنٽ، اسلام جو دشمن، ملڪ ۾ انتشار ڦهلائيندڙ، علائقائي عصبيت رکندڙ ۽ پاڪستان جو دشمن ظاهر ڪن ٿا. هن پارٽيءَ جا مقصد ۽ مرادون، ننڍن صوبن جي هرهڪ محب وطن کي چڱيءَ طرح معلوم آهن. انهيءَ ڪري ان تي وڌيڪ ڪجھه. لکڻ ۽ چوڻ جي ايتري ضرورت ڪانهِ آهي. اسان نيڪ نيتيءَ سان جنهن حد تائين سمجهيو آهي، ان سان صاف ظاهر آهي ته پهرين اهل پنجاب، پنهنجو مستقل مفاد، ڀٽي صاحب جي گهوڙي تي بازي رکي کٽڻ چاهيو ٿي، ليڪن اڳتي هلي، ڪن نامعلوم سببن ڪري، ان کي ڦٽو ڪري، ايئر مارشل اصغر خان جي ليڊريءَ هيٺ، نئون محاذ ناهيو ۽ ڀٽي صاحب تان قريباً هٿ کڻي ڇڏيو.

٨- سنڌ متحده محاذ:

آئون هن کان اڳ هڪ مضمون ۾، متحده محاذ جي تاريخ، مقاصد ۽ طريقهٔ ڪار تي مختصر طور روشني وجهي آيو آهيان. ليڪن هتي هن حقيقت ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪندس ته انهيءَ محاذ ناهڻ جي ضرورت ڇو پيئي ۽ ان جي ذريعي ڇا ڪرڻ چاهيون ٿا:

(١) آل پاڪستان پارٽين ۾، نمائندن جي اڪثريت، هميشه وڏن صوبن جي پٺي رهي آهي، تنهنڪري ننڍن صوبن کي جيڪڏهن آئيني طرح خود مختياري حاصل ڪرڻي آهي ته کين انهيءَ پيڙهيءَ ۾ سوارئي نه ٿيڻو آهي، جنهن جو سکان (واڳ)، ٻئي جي هٿ ۾ هجي.

(٢) هن وقت ننڍن صوبن جو فوري آئيني مسئلو، ون يونٽ کي ڊاهي، اڳوڻن صوبن جي بحالي آهي. محاذ جي مفڪرن جي راءِ مطابق، گذريل ٽيهن سالن جي تجربي اهو ثابت ڪيو آهي ته آل انڊيا يا آل پاڪستان جماعتن ذريعي ننڍن صوبن جي اڪثر ڪري دادرسي ته ڪا نه ٿي سگهي، پر ائلو انهن پارٽين ۾ مدغم ٿيڻ ڪري، اسان پنهنجو جداگانه وجود ئي وڃائي ويٺا ڇڏيو هو.

انهيءَ ڪري هڪ طرف اسان ۾ انتشار وڌندو رهيو ته ٻئي طرف، اسان جي ذهنن ذهنن وڌيڪ حق تلفي ٿيندي رهي.

(٣) اسان جي راءِ مطابق، ايندڙ آئين ساز اسيمبلي، صرف آئين ٺاهڻ لاءِ ٺهندي، جنهن ۾ قانون سازيءَ کان وڌيڪ آئين سازيءَ کي دخل هوندو. ممڪن آهي ته نئين آئين ٺهڻ ۽ ان مطابق نين چونڊن هيٺ پارليامينٽ ۽ صوبائي اسيمبلين چونڊڻ تائين ملڪي اختيارَ ساڳين ماڻهن جي هٿ هيٺ هجن. جيڪڏهن آئين ساز اسيمبليءَ جي ميمبرن کي اڳين وانگر حڪومت ٺاهڻ جو اختيار مليو، ته پوءِ به جنهن صورت ۾ هي چونڊون آئين سازيءَ جي بنياد تي ٿينديون، ان ڪري فلاحي قانون سازيءَ يا انقلابي تعميري ڪمن جي اهڙيءَ اسيمبليءَ ۽ سرڪار مان اميد رکڻ ٺيڪ نه ٿيندي.

(٤) اسان سنڌ ۾، متحده محاذ قائم ڪري، ٻين ننڍن صوبن جا محاذ پڻ قائم ڪرڻ گهرون ٿا، جن جو وري هڪ گڏيل محاذ ٿيندو. اهو محاذ، بينگال جي همخيال پارٽين سان گڏجي، ون يونٽ بابت سمجهوتو ڪندو، سمجهوتو ۽ مدغم ٿيڻ ۾ تفاوت آهي.

(٥) هن وقت اسان جو اتحاد صرف ون يونٽ ڊاهي، اڳوڻا صوبا، زبان ۽ ڪلچر بحال ڪرائڻ جي بنياد تي آهي. ان ڪري محاذ ۾ شريعتي نظام جا حامي، سوشلزم جا حامي، سرمائيداريءَ جا طرفدار ۽ زميندارين قائم رکڻ جا حامي، گڏجي، مٿين مقصد ... حاصلات لاءِ ڪم ڪندا. مقصد (ون يونٽ ڊاهڻ) جي ... کان پوءِ، حالتن جي تقاضا مطابق سياسي ۽ اقتصادي نظريا ... ڪري، ... حڪومت لاءِ جدا جدا ڪم ڪري سگهن ٿا.

... ... مڪمل ... طور سمجهي ڇڏيو آهي ته ١٩٥٤ع جو ... قبول ڪرڻ، زونل فيڊريشن جي اسڪيم ... ڪرڻ ۽ بينگال جي مکيم پارٽين جي مخالفت ... ون يونٽ ... ۾ وڏيون رڪاوٽون آهن.

(٦) ... وقت شخصي ۽ ... اختلاف قائم رکڻ

اقتدار ۾ مسئلا چيڙڻ، مذهبي ۽ غير مذهبي اختلاف پيدا ڪرڻ سان، اسان جي اتحاد جي ٽُٽڻ ۽ مقصد کي نقصان رسڻ جو امڪان آهي. جاڪاڻ تہ اهڙين حالتن ۾ ون يونٽ جا حمايتي، اسان جي اختلافن جو فائدو وٺي، بينگال جي مکيہ پارٽين کي هيءَ ڳالهہ ذهن نشين ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا تہ ننڍن صوبن ۾ انتشار آهي، ان ڪري ننڍن صوبن جي جماعتن سان سمجهوتو ڪرڻ بيڪار ثابت ٿيندو.

(٨) انهيءَ ڪري اسان خاص طور ون يونٽ ڊاهي، صوبن جي بحاليءَ جي اصول تي اميدوار بيهاريندا سون. انهن اميدوارن کان ١٩٥٦ع جي آئين جي مخالفت ۽ زونل فيڊريشن جي مخالفت جا عهد ورتا ويندا، ۽ جيڪو اسان جي انهن اصولن جي مخالفت ڪري جداگانہ پارٽيءَ جو وجود قائم رکي چونڊون لڙندو، ان لاءِ اسان کي هن راءِ قائم ڪرڻ جو ڪافي حق آهي تہ هو چونڊن کان پوءِ شخصي اقتدار جي حصول لاءِ پاڻ کي الڳ رکي، هرقسم جي غداري ڪرڻ واسطي تيار ٿي ويندو. اهڙن شخصن مان، ون يونٽ ڊاهڻ جي ظاهري اعلانن جي باوجود، چڱائيءَ جي اميد رکڻ اجائي آهي.

(٩) هن محاذ جا عهديدار، اسيمبلين ۽ وزارتي عهدن کان پري رهندا تہ جيئن پنهنجن پڻ چونڊيل ميمبرن تي ڪنٽرول رکي سگهن ۽ عوام کي ذهن نشين ڪرائي سگهن تہ سندن مقصد سياسي اقتدار يا شخصي مفاد حاصل ڪرڻ نہ آهي.

(١٠) اسان انهيءَ مقصد سان، الخليل بلڊنگ، قاضي عبدالقيوم روڊ، حيدرآباد سنڌ ۾، متحده محاذ جي مرڪزي آفيس قائم ڪئي آهي. اڳتي هلي هرهڪ ضلعي ۽ تعلقي ۾ اهڙيون آفيسون قائم ڪرڻ گهرون ٿا.

(١١) اسان في الحال سنڌ لاءِ هڪ ورڪنگ ڪاميٽي ٺاهي، ڪم شروع ڪيو آهي. اڳتي هلي ڪائونسل، ضلع ۽

تعلقي ڪميٽين کي وجود ۾ آندو ويندو. ڪوٽن ۾ متحده محاذ جي شاخن برپا ڪرڻ لاءِ پڻ اڳ ۾ ئي اپيل ڪيل آهي.

(۱۲) محاذ جو دستورالعمل ۽ پروگرام، وغيره، جلد ڇاپيا ويندا.

(۱۳) ٻين سياسي پارٽين سان واسطو رکندڙ، اسان سان فقط پاڪستان جي ايندڙ آئين ۾ ون يونٽ ڊاهي، صوبا بحال ڪرڻ جي اصول تي شريڪ ٿي سگهن ٿا. جيڪڏهين سندن پارٽين، ون يونٽ جي مخالفت ڪئي ته پوءِ هنن جي محاذ سان وفاداري ليکي ويندي ۽ اهڙو عهدنامو، هر اسيمبليءَ جو اميدوار، لکي ڏيندو.

(۱۴) اسان جو طريقهءِ ڪار تاليفِ قلوب، محبت جي پرچار ۽ سڀني ماڻهن کي حتي‌الامڪان پاڻ سان شريڪ ڪرڻ جو هوندو. باوجود ان جي به جيڪڏهين ڪو اسان سان شريڪ نٿو ٿئي ته ان کان سبب پڇبو ۽ ان جي انهيءَ روش بابت عوام کي واقف ڪرڻ جو حق پاڻ وٽ محفوظ رکنداسون.

—غلام مرتضيٰ

ڪوئيٽا- بلوچستان متحده محاذ

[هيءَ خطبو جناب جي. ايم. سيد صاحب، ڪوئيٽا- بلوچستان متحده محاذ جي مرڪزي آفيس جي افتتاحي موقعي، تاريخ ۵- آڪٽوبر ۱۹۶۹ع تي، ڪوئيٽا ۾ پيش ڪيو.]

جناب صاحب صدر، متحده محاذ بلوچستان، ۽ هن قديم سر زمين جا جانباز فرزندئو!

اسلام عليڪم: آءٌ، اوهان جي سنڌي ڀائرن طرفان، اوهان ڏانهن، محبت جو پيغام عرض رکڻ لاءِ حاضر ٿيو آهيان!

هيءَ موقعو هڪ نهايت اهم ۽ غالباً تاريخي موقعو آهي. آءٌ پنهنجي لاءِ هيءَ هڪ وڏو اعزاز تصور ڪري رهيو آهيان، جو اوهان مون کي ياد فرمايو آهي ۽ موقعو ڏنو آهي ته اوهان سان گڏجان ۽ اوهان جي خدمت ۾ پنهنجو نقطهٔ نظر عرض رکان. آءٌ سمجهان ٿو ته اوهان ان طريقي، هيءَ اعزاز سڄيءَ سنڌ کي بخشيو آهي— آها سنڌ، جا اوهان جي تمام ويجهي ۽ ايامن کان پاڙيسري سر زمين آهي.

هيءَ هڪ تاريخي حقيقت آهي ته سوَها سالن کان، اوهان ۽ اسان جي قسمت هڪجهڙي، بلڪ ائين چئجي ته گڏيل پئي رهي آهي. تاريخ جي هر دؤر، اڳتي قدم وڌائڻ کان اڳ، اوهان ۽ اسان پنهي ڌرين جي دروازن تي هڪ ئي وقت ڪڙو کڙڪايو آهي. انهيءَ قديمي خصوصيت سببان، هن وقت به

موجود آهي ته تاريخ جو ڪو به شاگرد جيسين پنهي تاريخ کي هڪ ئي وقت پنهنجي سامهون نه رکندو، پنهي مان ڪنهن به هڪ جي تاريخ کي سمجهي ئي ڪونه سگهندو.

اڃا به وڌيڪ حقيقت جي نگاهه سان ڏسبو ته اوهان ۽ اسان وڏن جي ايتريقدر هڪجهڙائي پئي رهي آهي، جو جڏهن ان جي طرف جي هڪ خاندان، سنڌ کي پنهنجن هٿن ۾ ورتو، جڏهن سنڌ جي عوام نه فقط ان کي پنهنجو حاڪم تسليم ڪيو، پر خود انهيءَ جي حمايت ۾ گڏجي لڙڻ پڻ گوارا ڪيو ۽ جيسين ڪنهن ٻاهرئين غنيم چڙهائي نه ڪئي، تيسين هن جي حڪومت قائم رهندي آئي. غالباً اوهان هيءَ حقيقت تسليم ڪرڻ فرمائيندا ته هن سرزمين جي ماڻهن ايتري رواداري، پيءَ ڪنهن به ٻاهرين طاقت جي فائدي ۾ ڪانه ڏيکاري آهي. اوهان کي معلوم آهي ته جڏهن ارغونن، سنڌ ۾ داخل ٿيڻ چاهيو، تڏهن اسان، اوهان جي برادرانه مهمان نوازيءَ جي فائدو وٺندي، پنهنجون فوجون اوهان جي علائقي ۾ موڪليون هيون ته جيئن ارغونن سان اوهان جي سرزمين تي لڙي، ڪين سنڌ ڏانهن قدم وڌائڻ کان روڪيو وڃي. اسان جي فوج جو سپه سالار، اسان جو قومي هيرو، نواب مبارڪ خان عرف دولهه درياهه خان هو. جيڪڏهن انهيءَ اهم موقعي تي اوهان جون همدرديون، اسان سان شامل حال نه هجن ها ته جيڪر اسان جي اها مهم ڪڏهن به ڪامياب ڪين ٿي سگهي ها.

بهرحال اسان، اوهان جي ٽالپرن سان ايتريقدر پنهنجي خلوص ۽ محبت جو ثبوت ڏنو، جو اهڙو ٻيو مثال اوهان کي، اسان جي تاريخ ۾ ڪٿي به نظر ڪين ايندو. اسان جي تاريخ جو خاص نچوڙ هيءَ آهي ته جڏهن به زماني جي حالتن اسان جي مٿان ٻين کي مسلط ڪيو آهي، تڏهن اسان هڪدم تلوارون سنڀاليون، آخري دم تائين مقابلو ڪندا رهيا آهيون ۽ اهڙن موقعن تي هميشه

انهيءَ انتظار ۾ رهيا آهيون ته اجهو اڄ نه ته سڀاڻ،
پاسو بدلائيندو ۽ سنڌ جو شير وري اٿي ڪڙڪندو!

اسين سواءِ ڪنهن فخر جي هيءَ دعوا ڪريون ٿا ته جيڪڏهن اسان ۾ اها صلاحيت نه هجي ها ته پنجن هزارن جي طويل عرصي کان پنهنجي مخصوص روايتن، ثقافت ۽ پنهنجي زبان کي ڪيئن قائم رکندا اچون ها؟

اسان ۽ اوهان ٻنهي ڌرين جي برادرانه محبت سان ڀرپور تعلقات جو هڪ خوشگوار پهلو هيءَ به آهي ته اوهان جي علائقي جي ماڻهن جي هڪ چڱي خاصي عنصر، اسان جي سرزمين کي پنهنجو وطن بڻايو آهي. اسان جا اهي پاڻ، اسان جي معاشري ۾ اهڙيءَ ريت ٺهڪي ويا آهن جو اسان ٻنهي ۾ ڪوبه فرق ڪوبه اختلاف، اڄ تائين پيدا نه ٿيو آهي. درحقيقت، اسان ٻنهي ڌرين هڪٻئي جي چڱين چيزن کي، پنهنجو ئي ورثو ڄاتو آهي. اسان مان ڪنهن به اڄ تائين، اها ڪوشش نه ڪئي آهي ته برتريءَ جو احساس جتائي، خود پنهنجي خلاف نفرت جي جذبي کي ڀڙڪائي. اسان کي، اوهان جي ڪيترين ئي چيزن مان حاصلات ٿي آهي، مثلاً، اوهان جي رزميه شاعريءَ ۽ بهادريءَ جي قصن ڪهاڻين مان؛ اوهان جي غيرتمنديءَ مان، جنهن جو تصور دنيا جي ڪيترين همعصر سوسائٽين ۾ اڻلڀ آهي؛ اوهان جي مهذبانه روايتن مان، جهڙوڪ مهمان نوازي، جنگي قانون، پناهه وٺندڙ کي سام ڏيڻ، در تي هلي آيا دشمن سان سهڻو سلوڪ ڪرڻ ۽ پاڙيسريءَ سان مدد ۽ همدردي ڪرڻ، وغيره، وغيره. مطلب ته اهي سموريون خوبيون، جي اوهان جي قومي وقار ۾ شامل آهن، اسان نه فقط انهن جو احترام ڪيو آهي، پر ساڳئي وقت انهن کي پاڻ ۾ جذب ڪرڻ جي ڪوشش پڻ ڪندا پئي رهيا آهيون.

مون کي هن ڳالهه جو ڪافي احساس آهي ته اسان اوهان جي انهن احسانن جو پورو حق ادا ڪري نه سگهيا آهيون. ليڪن،

اسان انهيءَ ڪري بوجهه ڪان پاڻ کي آجي ڪرڻ لاءِ ڪي قدر ڪوشون ضرور ڪيون آهن. آهي هن طرح آهن ته اسان جو پنهنجي سسئيءَ جي ذريعي اوهان سان عشق ۽ محبت جو هڪ لافاني رشتو قائم ڪيل آهي. اوهان خراج عقيدت جي هن ادائگيءَ جي طريقي کي پل ڪيتروئي غيراهم تصور فرمايو، پر آءٌ اهو عرض ڪندس ته خدا جي سڀني عنايتن مان محبت جو جذبو، جيڪو انسان ۾ وديعت ڪيو ويو آهي، سڀني کان وڌيڪ اهميت واري عنايت آهي، ۽ جيڪو خراج اهڙيءَ جنس جي صورت ۾ ادا ڪيو وڃي، ان کان وڌيڪ خراج هڪ انسان، ٻئي انسان جي خدمت ۾ پيش نٿو ڪري سگهي. ڇاڪاڻ ته محبت جي جنس، هڪ اهڙي جنس آهي جا دائمي به آهي ۽ غير فاني ٻه. بقول هڪ فارسي گو شاعر جي—

”حسن بي بنياد باشد، عشق بي بنياد نيست.“

مون کي اڄ هن ڳالهه تي فخر آهي ته مان سسئيءَ جي وطن مان پنهونءَ جي وطن ڏانهن محبت جو پيغام کڻي آيو آهيان. مون کي معلوم آهي ته اڄ پنڀور برباد آهي؛ مون کي اها به خبر آهي ته اڄ درياه جو رخ آتان بدلجي چڪو آهي، پر محبت اها چيز آهي جا نڪي ته ڪڏهن برباد ٿي آهي ۽ نه وري ڪڏهن ڪو ان جو رخ ئي بدليو آهي! انهيءَ ڪري، محبت جو اهو رشتو، هن وقت به پنهنجيءَ جاءِ تي قائم آهي ۽ اڳتي به هميشه قائم رهندو. هن وقت ضرورت فقط انهيءَ ڳالهه جي آهي ته اسين ان کي محسوس ڪريون، ان کي جِلا بخشيون ۽ زندگي جي هڪ حقيقت طور، ان جو احترام ڪريون!

منهنجا عزيز ڀائرو! اسين اڄ، ون يونٽ جي نحوست جي پاڇي هيٺ گڏ ٿيا آهيون. آءٌ هينئر عرض ڪري چڪو آهيان ته قدرت اسان ٻنهي ڌرين جي قسمتن کي هڪٻئي سان سلهاڙي ڇڏيو آهي ۽ اهوئي سبب آهي جو اڄ اسين پاڻ کي ون يونٽ جي هڪئي زنجير ۾ جڙڪيل ڏسي رهيا آهيون.

ون يونٽ جو تجربو، شروع کان ئي ناڪامياب ۽ تباهي آڻيندڙ ثابت ٿي چڪو آهي. جنهن طريقي سان ون يونٽ کي ننڍين صوبن جي مٿان مڙهيو ويو ۽ پوءِ تيزهن سالن تائين هلايو ويو، خود ان مان ئي ظاهر آهي ته هيءُ ڪو اهڙو ڪارنامو نه آهي جو اسين دنيا جي اڳيان پنهنجي تدبر، پنهنجي حب الوطنيءَ، پنهنجي جمهوريت جي جذبي يا پنهنجن اهلڪارن جي ديانتداريءَ کي ثابت ڪرڻ لاءِ، هڪ دليل يا مثال طور پيش ڪري سگهون. سچ ته اهو آهي ته اسان جا سمورا مقصد ۽ اعليٰ قدر، ون يونٽ سبّان مجروح ٿي چڪا آهن.

اصل ۾، انهيءَ منصوبي جو بنياد ئي غلط سوچ ۽ بدديانتيءَ تي رکيو ويو هو: اوهان کي "ايڪس دستاويز" جي حقيقت معلوم آهي ته انهيءَ ۾ بلڪل رازدارانه نموني جن مقصدن جي نشاندهي ڪئي ويئي هئي، خاص انهن ئي مقصدن جي سرانجاميءَ لاءِ ون يونٽ کي بنايو ويو. اهو مخفي دستاويز، اسان جي موجوده مرڪزي وزير داخله، سردار عبدالرشيد، وڏيءَ ڪوشش سان کولي، هٿ ڪري، اسيمبليءَ جي اڳيان رکيو هو ۽ انهن ئي ڏينهن ۾ سموري راز کي فاش ڪري ڇڏيو هو. ان کان پوءِ، جن لائينن تي ون يونٽ جي سرشتي کي هلايو ويو، ان مان فقط انهن ئي مقصدن جي آبياري ٿيندي رهي آهي.

آءٌ خود حيران آهيان ته ملڪي استحڪام کي زور وٺائڻ لاءِ اهو ڪهڙو طريقو عمل ۾ آندو ويو جنهن صدين کان قائم ٿيل علائقائي سرحدن کي، جن جي تحفظ جي ضمانت خود پاڪستان جي بنيادي نهراءَ ۾ ڏنل هئي، تن کي ختم ڪري، ملڪ جي سموري مغربي حصي کي، هڪ وسيع چراگاهه جي صورت ۾ آڻي، نوڪر شاهيءَ جي بکايل ڍڳن کي ڇيڪ ڇڏيو ويو، ته جيئن هو لاپرواهيءَ سان چرندا، جمهوريت، قاعدي قانون ۽ مقامي ماڻهن جي دلي خواهشن ۽ نيڪ تمنائن کي وڏيءَ بيدرديءَ

ساڻن پنهنجن ڪرڻ هيٺ لتاڙيندا ۽ ناس ڪندا رهن. انهيءَ افسوسناڪ صورتحال کان ڪو به انڪار ڪري نٿو سگهي؛ چاڪاڻ ته جيڪڏهن اها صورتحال پيدا نه ٿئي ها ته موجوده حڪومت کي اها ضرورت ئي محسوس نه ٿئي ها ته نوڪر شاهيءَ کان سندن ذاتي ملڪيتن جا انگ اکر طلبي ها. اسان کي قبول ڪرڻو پوندو ته صدر، آغا محمد يحيٰ خان، جي حڪومت جي چڱين ڪمن مان هڪ اهو به وڏيءَ اهميت لائق آهي.

جيستائين جمهوري قدرن جو تعلق آهي ته انهن جو نڪي ون يونٽ بڻائڻ وقت ڪو لحاظ رکيو ويو ۽ نڪي ون يونٽ کان پوءِ انتظامي ڪاروبار ڏانهن ڪو توجهه ئي ڏنو ويو. مثال طور، اوهان کي اهو واقعو ياد هوندو، جيڪو لاهور ۾ ٿي گذريو هو- هڪ سرڪاري آفيسر، مغربي پاڪستان جي اسيمبليءَ هال ۾ گهڙي ويو ۽ وڃڻ سان ئي اسيمبليءَ جي هڪ ميمبر کي ٽاءِ کان جهلي، ڌڪو ڏيئي، سخت بدشد لفاظ ڳالهايا. ويچاري ميمبر روئندي، سڏڪا ڀريندي، اسيمبليءَ اڳيان دادرسيءَ لاءِ التجا ڪئي. اسيمبليءَ انهيءَ مظلوم ميمبر جي سموري روئداد ٻڌي، ٺهراءُ پاس ڪيو ته انهيءَ آفيسر کي نوڪريءَ مان ڊسمس ڪيو وڃي. پر نتيجو اِهو نڪتو ته حڪومت، آفيسر کي ڊسمس ڪرڻ بدران خود اسيمبليءَ جي انهيءَ ٺهراءَ کي ئي ڊسمس ڪري ڇڏيو. ۽ اهڙيءَ ريت، دنيا کي ثابت ڪري ڏيکاريو ته مغربي پاڪستان کي ڪهڙي نموني جي جمهوريت سان نوازيو ويو آهي!

حقيقت ۾، انهيءَ مسئلي جو توجهه لائق پهلو هيءُ آهي ته جڏهن خود ون يونٽ جي مرڪز ۾، هڪ عوامي نمائندي جو اهڙو عبرتناڪ حشر ٿيندو هجي، ته پوءِ هيٺين سطح تي، يعني ڊويزن ۽ ضلعن ۾ غريب عوام سان ڪهڙا ناحق ٿي رهيا هوندا!

ون يونٽ جي مڙني برائين مان، سڀ کان وڏو نقصان، قومي اتحاد کي پهتو آهي. اوهان ڏسي سگهو ٿا ته مغربي پاڪستان

۾، نفاق، نفرت ۽ شديد اختلاف ڪيتري حد تائين پيدا ٿي چڪا آهن؟ اوهان اندازو لڳائي سگهو ٿا ته اهڙي افسوسناڪ صورتحال جو ملڪي اتحاد ۽ سالميت جي بنيادي مقصد تي ڪهڙو اثر پئجي رهيو آهي؟ جڏهن اوهان ملڪ جي هڪ خاص عنصر هٿان، ٻين مڙني عناصرن کي بدگمانين ۽ بد دعائن جو نشانو بنائيندا، ته اهڙي حالت ۾، اوهان جي خيال ۾، سموري حڪومت جي صحت، مضبوطي ۽ واڌاري جي ڪا اميد به رکي سگهجي ٿي؟

اسين ماڻهو، جن ون يونٽ جي مخالفت ڪئي هئي، شروع کان ئي اها ڳالهه محسوس ڪري رهيا هئاسون ته پاڪستان جو وجود اسان جي خوشگوار خوابن جو تعبير آهي؛ جيڪڏهن پاڪستان مضبوط آهي ته سڀ سلامت آهيون ۽ پاڪستان کي طاقتور بنائڻ جو فقط اهوئي هڪ طريقو آهي ته ملڪ ۾ اهڙو انتظام هجي جو وفاق ۾ شامل ٿيندڙ هر علائقو، ائين محسوس ڪري ته سندس وجود پنهنجي جاء تي محفوظ آهي ۽ سندس حقن جو احترام ڪيو پيو وڃي. هو آزاديء جي نعمتن ۾ برابريء جي ليول تي شريڪ آهي ۽ ڪيس اهو اختيار آهي ته هو پنهنجي علائقي جو اندروني ڪاروبار، پاڻ هلائيندو رهي. جڏهن اسين ائين چئي رهيا هئاسون، تڏهن ان وقت به انساني فطرت جون تقاضائون، اسان جي سامهون هيون. اسان چاتو ٿي ته انسان جي اهائي فطرت آهي ته هن جي محبت ۽ وفاداري، فقط انهيء حالت ۾ ئي حاصل ڪري سگهجي ٿي، جڏهن هن جي دل جي رضامنديء جو خيال رکيو وڃي. هن کي يقين ڏياريو وڃي ۽ هو خود ائين محسوس ڪري ته آءٌ انهيء ڪم ۾، برابريء جي بنيادن تي شريڪ آهيان.

اسان جي طرفان ون يونٽ جي مخالفت فقط حب الوطنيء جي جذبي، يعني پاڪستان سان وفاداريء جي بنياد تي ٻڌل هئي. اسان ائين نٿي چاهيو ته ون يونٽ جي ڪري، پاڪستان جي سالميت

کي ڪو خطرو لاحق ٿئي. اسان جي دلي خواهش هيءَ هئي ته پاڪستان اندروني جهڳڙن ۽ رقابتن جو خواه مخواه آکاڙو نه بڻجي ۽ اسان وٽ اهڙو انتظامي سرشتو رائج نه ڪيو وڃي، جنهن سببان بڪايل ڪامورا شاهي، پاڪستان جي استحڪام کي اندران ئي اندران، اڏوهيءَ جي روپ ۾ چهٽي، ناس ڪري ڇڏي. ڪامورا شاهيءَ متعلق اهو اثر امڪان انهيءَ ڪري ڇاتو ٿي ويو ته اولهه پاڪستان جو انتظامي ڍانچو، ايتريقدر وسيع ٿي رهيو هو، جو ڪامورا شاهيءَ تي عوامي نمائندن جو ڪنٽرول ٿيڻ ناممڪن هو. اسان جي اِها مراد هئي ته پاڪستان کي ڪنهن به اهڙيءَ ڇڪتاڻ ۾ نه وڌو وڃي جو، جن عظيم مقصدن خاطر وجود ۾ آندو ويو هو، اهي پورا ڪري نه سگهجن.

پر، ٿيو ائين جو اٺلو اسان جي نيڪ نيتيءَ ۾ شڪ آئي، اسان جي خلاف غلط بيانبازين ۽ ڄڙتو پروپيگنڊائن جو سخت طوفان کڙو ڪيو ويو. اسان جي خلاف ڪيئي شرمناڪ الزام لڳايا ويا. اسان کي "وطن غدار" جي لقب سان نوازيو ويو، نظربندين ۽ ٻين آزمائشن ۾ وڌو ويو ۽ آخر سواءِ ڪنهن نياءَ جي جيلن ۾ اڇلايو ويو. ائين چئجي ته "ڏهه ـ سالہ اصلاحات" اسان جي حق ۾ "ڏهه ـ سالہ انتقام"، جي روپ ۾ ثابت ٿيا. ته انهيءَ ۾ ڪوبه مبالغو نه ٿيندو.

سرڪاري مشنريءَ جي ايترين ڪرمفرمائين کان علاوه، ملڪي اخبارن اسان جي نقطهٔ نظر کي شايع ڪرڻ کان هڪ طرف انڪار ڪري ڇڏيو ته ٻئي طرف انهن ئي ساڳين اخبارن پاڻ کي انساني بنيادي حقن ـ تقرير ۽ تحرير جي آزادانه پيشڪش جو علمبردار چوائيندي، ڪوبه عار محسوس ڪونه ٿي ڪيو. اسان کي هٽ وٺي ذهني تشدد جو شڪار بڻايو ويو ۽ اسان تي جيڪي الزام لڳايا ٿي ويا، تن ۾ لوڻ مرچ ملائي، انهيءَ حد تائين به ڇيو ويو ته زندگيءَ جي پوئين گهڙيءَ

هوندي ته پنهنجي پياري وطن سان بيوفائي ڪري، انهن طاقتن جا ايجنٽ بنجي ويا آهيون: جن سان لڙندي، اسان پنهنجي حياتيءَ جو وڏو حصو خرچ ڪيو هو. افسوس جو مقام آهي ته مخالفن اجا به به قدم اڳتي وڌي، اسلام سان اسان جي ذهني ۽ روحاني وابستگيءَ کي به مشڪوڪ ڄاڻايو. اها نازيبا حرڪت، هن حقيقت ڄاڻندي به ڪئي ٿي وئي ته دنيا جي هن خصي (سنڌ) ۾، اسلام جي اشاعت، اسان جي بزرگن جي ئي ذريعي ٿي هئي ۽ هن وقت به اسان جي زندگيءَ جي هر رخ تي مذهب جوئي روح ڇانيل آهي.

اسان اهڙو ڪو به گناهه ڪونه ڪيو هو، جنهن جي پاداش ۾ اسان تي ايتريقدر ظلم ڪيا وڃن ـ انسان، انسان سان بي رحميءَ جو سلوڪ ته ڪري سگهي ٿو، پر ايتريقدر مسلسل نه، ۽ نڪي خدا ترسيءَ کان ايتريءَ حد تائين بي نياز رهي!

اسان کي جنهن ڳالهه خاص طور ذهني تڪليف پهچائي، اها هيءَ هئي ته اسان جي نيت، اسان جي حب الوطنيءَ ۽ ايماني جذبي متعلق فيصلو، انگريزن جا اهي اڳوڻا نمڪخوار ملازم ڪندا ٿي رهيا، جن جو پنهنجو ماضيءَ هيءَ هو ته جڏهن اسان، سندن آقائن سان لڙي رهيا هئاسون ۽ انهن کي پنهنجي وطن مان لوڏي، هڪالي ڪڍڻ جون ڪوششون ڪري رهيا هئاسين، تڏهن اهي ساڳيا انگريزن جا نمڪخوار نوڪر، انتهائي ضمير فروشيءَ سان، پنهنجن آقائن سان وڏيءَ وفاداريءَ جو عملي ثبوت پيش ڪندا ٿي رهيا. غالباً، اهڙن ماڻهن لاءِ، انهيءَ راهه اختيار ڪرڻ کان سواءِ، ٻيو ڪو چارو به ڪونه هو. هنن پوءِ، "ون يونٽ جي.... پار" کي، جائز اولاد ثابت ڪرڻ جي مقصد سان، ان جو هڪ خانداني شجرو پڻ تيار ڪري ورتو، جو هيٺين ريت هو:

اسلام
|
پاڪستان
|
ون يونٽ

انهيءَ شجري تيار ڪرڻ جو خاص مقصد هيءَ هو تہ جيڪڏهن ڪو شخص، ون يونٽ جي مخالفت ڪري تہ ان کي آسانيءَ سان "اسلام دشمن" لقب لڳارائي، اسلامي دائري مان خارج ڪري سگهجي- يعني آئي مان گهوڙاڻو مراد ورتي وڃي!

ڪنهن ناجائز ٻار کي ايڏي مقام ڏيڻ جي اهڙي ترڪيب يورپ ۾، جاگيرداري دور جي اليگزينڊرڇهين نالي پوپ کي بہ ذهن ۾ ڪا نہ آئي هئي.

جيڪي ماڻهو يورپ جي "نشاطہ ثانيہ" واري دور جي تاريخ کان واقف آهن، انهن کي معلوم آهي تہ اليگزينڊرڇهون، ڪيترن ئي ناجائز ٻارن جو پيءُ هو. هو، انهن سان بيحد محبت ڪندو هو، پر انهيءَ هوندي بہ هُن ڪڏهن بہ ائين ڪين ڪيو تہ ناجائز اولاد جي حق ۾ مذهب کي استعمال ڪري. هُن ۾ ايتري شائستگي هئي ۽ هُن پنهنجي مذهب جو ايتريقدر احترام ئي ڪيو. هُن، پنهنجن ٻچن جي مفاد ۽ مذهب- مبادي ۽ روحاني معاملن کي هڪبئي سان ملائي، دنيا جي سامهون اهڙي ڪچڙي پيش ڪا نہ ڪئي. بهرحال، اهو ماضيءَ جو ذڪر هو. هن وقت اسين انهيءَ خيال ۾ هئاسون تہ تيرهن سالن جي تلخ تجربن بعد، انهن ماڻهن جو هوش ضرور ڪنهن صحيح ٺڪاڻي تي آيل هوندو ۽ هُو سواءِ ڪنهن ٽال مٽول، حجت ۽ انڪار جي قلبي وسعت ۽ حقيقت پسنديءَ کان ڪم وٺندي، ون يونٽ جهڙيءَ عظيم غلطيءَ جي تلافي ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويا هوندا، تہ جيئن:

* گذريل عرصي جا سمورا زخم ميڙي اچن،
گذريل سموريون تڪليفون ۽ تلخ يادگيريون
وسري وڃن ۽ اولہ پاڪستان جي مڙني رهاڪن
۾ ٻيهر باهمي اعتماد ۽ خوشنوديءَ واري فضا
بحال ٿي وڃي ۽

** اسان جو عزيز وطن پاڪستان، انهن سمورين

تڪليفن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪري، جيڪي
اندروني اختلافن، رقابتن ۽ علائقائي ڇڪتاڻ
سببان، عام منظر تي اچي چڪيون آهن.

پاڪستان کي اسان سڀني ۾ وڏيون اميدون آهن. اهي اميدون بلڪل جائز آهن ۽ آهي فقط انهيءَ صورت ۾ پوريون ٿي سگهن ٿيون، جڏهن اسان سڀني جو پاڻ ۾ اتحاد ۽ محبت جي عملي صورت، عام منظر تي اچي.

پر، مون کي اهو ڏسي بيحد ڏک پهتو آهي ته ون يونٽ جي مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ جيڪي تجويزون اڄڪلهه پيش ٿي رهيون آهن، تن مان اِها ڳالهه ثابت ٿي ڪانه ٿي ٿئي ته اسين اڄ به پنهنجي تدبر، سچائيءَ، حب الوطنيءَ، حقيقت پسنديءَ، معاملي فهميءَ ۽ جرأت کي عملي صورت ۾ آڻڻ لاءِ تيار ٿي چڪا آهيون، يا اسان جي سوچ جي گهرائيءَ ۾، ملڪي استحڪام ۽ اتحاد جي طرفداريءَ جو اعليٰ جذبو ڪم ڪري رهيو آهي. مثال طور، آءٌ انهيءَ مسئلي متعلق پيش ٿيل چند تجويزن تان پردو هٽائڻ چاهيان ٿو، ته جيئن هرهڪ محب وطن ماڻهو، حقيقت کان واقف ٿي، ڪنهن صحيح نتيجي تي پهچي سگهي.

هڪ مڪتبهء خيال وارن جي هيءَ تجويز آهي ته پهريائين ١٩٥٦ع وارو آئين زنده ڪيو وڃي، يعني ”مساوات“ جي بنياد تي اسيمبلي قائم ڪرائي وڃي؛ جنهن ۾ هڪ گروه اهڙن ميمبرن صاحبن جو به قدم رنجه فرمائي اچي؛ جيڪو جرڳن جي بنياد تي ڏيٺي ڪمشنرن جو چونڊيل هجي. ته جيئن مهل سر، ون يونٽ جي مسئلي جي باري ۾ پراڻن سياسي واپارين کي پيهر سوديبازي ڪرڻ ۾ آساني ٿئي؛ ۽ جيستائين اهڙا انتظامات مڪمل نه ٿين، تيسين ون يونٽ جي مسئلي کي گندي ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ، ڪنهن سردخاني ۾ آڇليو وڃي.

ٻئي مڪتبهء خيال وارا، هن تجويز تي زور ڏيئي رهيا آهن

ته جيئن اسانجن زخمن ۾ وڌيڪ لوڻ ٻُرڪڻ جي نيت سان، موجوده انتظاميه کي وڌيڪ اختيارات سان نوازيو وڃي، يعني جنهن انتظاميه، هيءَ سموري باهه لڳائي آهي ۽ جنهن کان خود ذاتي ملڪيتن جا انگ اکر (گوشواره) طلبا پيا وڃن، انهن جي ئي گرفت ۾ اڳئين کان به وڌيڪ جڪڙيل رهجي.

تڏهن مڪتبه خيال وارن، هيءَ نسخو تجويز فرمايو آهي ته ون يونٽ جي سرشتي هيٺ رخميل ماڻهن جي ڦٽن تي، "ليفٽيننٽ گورنرن جي مرهم پٽي ڪئي وڃي."

اهڙيءَ ريت، سياسي طبيبن جو هڪ ڇوٽون گروه، شروع کان ئي زبردست سرجريءَ (وَڍ ـ ٽُڪ) جو قائل آهي. هيءَ گروه چاهي ٿو ته اسانجن علائقن کي اندروني طور وڍي، سنڌيون سنڌيون ڪري، هرهڪ سنڌيءَ کي "رياست" جو لقب ڏيئي؛ الڳ گورنر، الڳ وزارت ۽ الڳ سيڪريٽريٽ جي ڳري بار هيٺان دٻائي رکجي. انهيءَ علاج جي ترڪيب پٺيان خطرناڪ دشمنيءَ جو مهلڪ جذبو، ڪارفرما نظر اچي رهيو آهي.

اهي ڇوٽين گروه وارا سياسي طبيب، حق پلئه وجهڻ درڪنار، موروثو سخت سزا ڏيڻ چاهين ٿا ۽ اها ئي سزا تجويز ڪئي پيئي وڃي ته اسانجن علائقن کي هر صورت ۾ اندروني طور ٽڪرا ٽڪرا ڪيو وڃي. انهيءَ حالت ۾، اسان جا پاڻ ۾ هڪبئي سان اندروني تعلقات، اسان جي ثقافت، اسان جي زبان، اسان جي تاريخ ۽ اسان جي گڏيل مفادن کي چڙوچڙ ڪري، ڪک ـ پن وانگر هوا ۾ واءِ وکر ڪيو وڃي، ته جيئن اسان جي علائقائي اندروني يڪمشتي ۽ سياسي گرمجوشي آهستي، آهستي، بنياد کان ئي ٽٽي، ٽڪرا ٽڪرا ٿي وڃي.

منهنجو هيءُ اندازو آهي ته جن دماغن مان اهڙيون ڪمڪلا انتقامي بدلي وٺڻ جهڙيون تجويزون پيش ڪيون وڃن ٿيون، اهي دماغ سالم نه آهن؛ بلڪ ائين چوڻ وڌيڪ مناسب ٿيندو ته اهڙا

دماغ، هر چڱيءَ چيز جي ساڃهه پاڻ مان وڃائي چڪا آهن. بهرحال، پوءِ به مون کي اهائي اميد آهي ته اهڙن غير سالم دماغ ماڻهن جو تعداد، فقط آڱرين تي ڳڻڻ جيترو هوندو، جي پاڻ کي ايتريءَ افسوسناڪ حد تائين ڪيرائي، اهڙيءَ زهريلي سوچ جا عادي بڻجي چڪا هجن.

آخر ۾، هڪ ٻيو به طبقو آهي، ۽ اهو ٻين تجويز بازن جي پيٺ ۾، غالباً زياده چالباز ثابت ٿيو آهي. انهيءَ طبقي جي هيءَ منشا آهي ته ون يونٽ کي هٽائڻ بجاءِ، زونل فيڊريشن جي مضبوط لفافي ۾ وجهي، ضايع ٿيڻ کان بچايو وڃي، ته جيئن اڳوڻا ساڳيا مقصد، جيڪي ون يونٽ ناهڻ جا خاص محرڪ هئا، آئينده به فيڊريشن جي ذريعي حاصل ڪيا رهجن.

افسوس جي جاءِ آهي ته ڪنهن به پارٽيءَ ۾ ايتري ذهني ديانتداري ۽ اعليٰ حوصلو نه رهيو آهي ته هوءَ، علي اعلان ائين چئي ڏئي ته جيڪي غلطيون، ١٩٥٥ع ۾ ڪيون ويون هيون، انهن کي دل جي خلوص ۽ ايمانداريءَ سان درست ڪيو وڃي. ته جيئن ١٩٥٥ع کان وٺي اڄ تائين، تيرهن سالن جي طويل عرصي کان زخميل دلين ۾ ٻيهر محبت پيدا ٿئي ۽ هڪٻئي ڏانهن صحيح اعتماد ۽ ڀروسي جي صورت، نئين سر قائم ٿي وڃي.

آءٌ پنهنجي طرفان صاف طور ٻڌائڻ چاهيان ٿو ته جيڪڏهن اڃا تائين انهن ماڻهن ۾ ڪو صحيح عقل نه آيو آهي ته ڀل نه اچي، پر ڪم از ڪم اسين اڄ، اڳئين کان وڌيڪ باخبر ٿي چڪا آهيون.

اسين اڄ، هر چالبازيءَ جي ته، ان جي نتيجن ۽ خطرن کان پوريءَ ريت آگاهه ٿي چڪا آهيون. چاڪاڻ ته زماني جي گردش، اسان کي گهڻو ڪجهه سيکاري ڇڏيو آهي!

منهنجا عزيز ڀائرو! آءٌ اڄ علي اعلان هيءَ حقيقت ٻڌائڻ گهران ٿو ته اسين ڪک- پن نه آهيون جو ڪير اسان کي هوا

۽ آچلي، واء وکڙ ڪري سگهي. اسان جو ملڪ ٽن مضبوط ٿنڀن تي بيٺل آهي: (١) اوير پاڪستان، (٢) پنجاب ۽ (٣) اسين ٻيئي سرحدي علائقا. پاڪستان جي عظمت ۽ سربلنديءَ کي چمڪائڻ ۽ مضبوط رکڻ ۾، اسان ٽنهي جو هڪجهڙو حصو آهي، جيئن ته

* اوير پاڪستان ۾ قوم جي وڏي اڪثريت رهي ٿي،
* پنجاب کي تعليم، سياسي سجاڳي ۽ ملڪي ملازمتن ۾ اڳرائي حاصل آهي ۽
* اسان ٽنهي سرحدي علائقن (سنڌ، بلوچستان ۽ سرحد) جي ايراضي ٻئي سموري پاڪستان جي ايراضيءَ کان وڌيڪ آهي. اسان جي ايراضي ٻه لک، ٽي هزار چورس ميلن ۾ آهي ۽ باقي پاڪستان هڪ لک، ست هزار چورس ميل آهي.

نقشي ڏانهن نهاربو ته ائين ڏسڻ ۾ ايندو ته اسان کي گويا اهو اعزاز حاصل آهي ته اسين پاڪستان کي پنهنجيءَ گود ۾ جهليو بيٺا آهيون. دفاعي حڪمت عمليءَ جي لحاظ کان اسان کي غير معمولي اهميت حاصل آهي ۽ اسين پنهنجي عزيز وطن جي سرحدن جا نگهبان آهيون.

اسان وٽ زرخيز مٽريون ۽ اهڙا پهاڙ موجود آهن، جن ڏانهن جيڪر پورو توجهه ڏنو وڃي ته بيشمار معدني دولت حاصل ڪري سگهجي ٿي. اسين هڪ عظيم -تمدن جا محافظ آهيون. اسان جي هنر، فن ۽ ڪلچر جي سڄيءَ دنيا ۾ شهرت آهي. اسان جي هنر ۽ فن جون ڪيتريون چيزون، يورپ ۽ آفريڪا جي نشستگاهن جي زينت بنيل آهن ۽ اسان جي پوشاڪ جون ڪيتريون چيزون، دنيا جون حسينائون وڏي فخر سان استعمال ڪري رهيون آهن. اسين انڊس، گنڌارا ۽ ڪوشان جهڙين عظيم تهذيبن جا وارث آهيون ۽ انهيءَ ئي سببان اسان جي تاريخ کي پنجن هزارن سالن جي

قدامت حاصل آهي!

منهنجا ڀائرو! اوهان ڀاڻ ئي انصاف ڪريو ته هوا ۽ واءُ وڪڙ ڪرڻ لائق ڪـڪـ. پڻ ايتريءَ اهميت ۽ الاهي عنايت جو ايترو بوجهه ڪهڙيءَ طرح پنهنجن ڪلهن تي کڻي سگهن ٿا؟

اسان جي هيءَ دعوا آهي ته اسين "ننڍا صوبا" نه آهيون. اسان کي "ننڍا صوبا" ڪوٺڻ، هڪ وڏي غلطي آهي. آءٌ اڄ، انهيءَ غلط بيانيءَ جي پرزور ترديد ڪريان ٿو.

منهنجا عزيز ڀائرو! انهن باهمي جهڳڙن ۽ فسادن هوندي به اسين سمورا پاڪستاني آهيون. اسين سڀئي پاڪستان جا خدمتگذار آهيون. اسين پاڪستان جا شهري آهيون ۽ پاڪستان جا جانباز سپاهي آهيون. اسان جو هيءَ عزم آهي ته پاڪستان خاطر، اسين پنهنجو سڀڪجهه قربان ڪنداسين، ته جيئن پاڪستان جي سالميت ۽ ان جو وقار ۽ ناموس، دنيا جي قومن ۾ قائم ۽ دائم رهي!

اسين پنهنجي لاءِ فقط ايترو چاهيون ٿا ته اسانجن صوبن کي اصلوڪيءَ صورت ۾ بحال ڪيو وڃي، ته جيئن پنهنجن اندروني معاملن جو انتظام اسين پاڻ هلائي سگهون. اسان جو اهو حق، سواءِ ڪنهن ديرمدار ۽ ٽال مٽول جي فوراً تسليم ڪيو وڃي.

معزز حضرات! آءٌ پنهنجي گذارش ختم ڪريان، ان کان اڳ اوهان اهو ضرور چاهيندا ته آءٌ تنظيمي معاملن متعلق به پنهنجن خيالن جو اظهار ڪريان. سڀ کان اول، آءٌ اوهان جي خدمت ۾ هيءَ مبارڪ پيش ڪندس ته اوهان پنهنجي صوبي ۾ متحده محاذ قائم ڪيو آهي، جنهن جو نتيجو هيءَ آهي ته مان اڄوڪيءَ مجلس ۾ بلوچستان جي سوسائٽيءَ جو لب و لباب پنهنجن اکين سان ڏسي، بيحد مسرت محسوس ڪري رهيو آهيان. مون کي معلوم آهي ته انهيءَ ڪوشش ۾ اهوئي جذبو محرڪ آهي، جنهن کان اسان متاثر ٿي، سنڌ ۾ متحده محاذ قائم ڪيو آهي. ساڳيءَ طرح، اسان جا سرحدي ڀائر به پنهنجي صوبي ۾، اهڙي محاذ قائم ڪرڻ لاءِ

ڊڪ ڊوڙ ڪري رهيا آهن. آءٌ اوهان کي يقين ڏياريان ٿو ته اوهان بلڪل صحيح لائين تي سوچيو آهي. اڄ جي زماني ۾ جيڪڏهن اتحاد نه آهي ته طاقت نه آهي ۽ جيڪڏهن طاقت نه آهي ته پوءِ ڪير به ڪنهن جي ٻڌڻ نٿو چاهي.

ٻاقي رهيو آئيندي جو سوال، ان متعلق منهنجي هيءَ راءِ آهي ته جڏهن به نئين محاذ گڏجي ڪم ڪن، تڏهن سندن وچ ۾ وفاقي طريقي جو تعلق پيدا ڪيو وڃي ته جيئن نئين محاذ، هم آواز بڻجي، پنهنجا جذبات مشرقي پاڪستان جي ڀائرن ۽ ڏي سگهي ته اولهه پاڪستان جي ڪن سياسي پارٽين جي خدمت ۾ پڻ پيش ڪيا وڃن. مون کي خوشي آهي ته اولهه پاڪستان جي قريباً سڀني سياسي پارٽين، اسان جي مطالبي کي ڌيان سان ٻڌندي، پنهنجي "نڪات" ۾ شامل ڪيو آهي. آءٌ انهيءَ سلسلي ۾ سندن نهايت ٿي شڪرگذار آهيان ۽ منجهن اهائي اميد رکان ٿو ته هو اسان سان آخر دم تائين تعاون ڪندا رهندا. منهنجي هيءَ به دلي تمنا آهي ته سندن مڙني جائز مطالبن جي تڪميل جو پڻ خاطر خواه بندوبست ٿي وڃي.

آءٌ پنجاب جي سياسي قيادت کان به نااميد نه آهيان. مون کي يقين آهي ته چڙڪي پيا سگهي، هوءَ به ضرور هڪ ڏينهن اسان جي همدردي ڪرڻ لاءِ آماده ٿيندي ۽ انهيءَ همدرديءَ کي دل جي انتهائي ڪشادگيءَ سان ڪم آڻيندي.

حضرات! اوهان جي حق ۾ منهنجي هيءَ دلي دعا آهي ته شال اوهان جي تنظيم زياده کان زياده وسيع ۽ ڏينهون ڏينهن وڌيڪ طاقتور ٿيندي رهي ۽ اوهان جا اهي ڀائر، جيڪي اڃا تائين پنهنجي شموليت متعلق سوچي رهيا آهن، اهي به جلد اوهان جي حلقي ۾ شامل ٿي وڃن!

اوهان مون کي معاف ڪرڻ فرمائيندا، جيڪڏهن آءٌ اهان

جي خدمت ۾، هيءَ مشورو پيش ڪريان ته جن پائرن اوهان جي صوبي ۾ رهائش اختيار ڪئي آهي، يا اوهان جي وطن کي پنهنجو وطن بڻايو آهي، انهن کي اوهان بلوچستان جي سوسائٽيءَ جو هڪ جزو تصور فرمايو. انهيءَ ڳالهه ۾ ڪڏهن به نه الجهو ته هو ڪٿان آيا آهن. مطلب ته هر اهو شخص، جيڪو بلوچستان جي سرزمين تي آباد آهي، ان کي بلوچستاني سمجهيو وڃي ۽ بلوچستان ۾ رهندڙ ماڻهن ۾ ڪنهن به قسم جي فرق کي برداشت نه ڪيو وڃي. سڀني کي هڪجهڙا حق حاصل هجن ۽ سڀني سان ساڳيو سلوڪ اختيار ڪيو وڃي. ٻين لفظن ۾ اوهان جو "اپروچ" محبت تي هجي، نه نفرت تي. نفرت جو جذبو انسان جي بدترين ڪمزوري آهي، جنهن مان مڙني انساني قدرن ۽ اعليٰ مقصدن کي وڏو ڇيهو رسي ٿو.

آخر ۾ آءٌ ٻيهر دعا لاءِ هٿ کڻندي، هنن لفظن سان پنهنجي عرضداشت ختم ڪريان ٿو ته الله تعاليٰ اوهان کي ڪاميابي عطا فرمائي، ته جيئن اوهان نه فقط پنهنجي صوبي لاءِ، پر سموري پاڪستان لاءِ طاقت ۽ فخر جو باعث ثابت ٿيو — آمين

— غلام مرتضيٰ

درستيون

صفحو	سٽ	غلط	صحيح
٩	١	ٽي جا	جا ٽي
١٣	٢	شريف	شرف
١٣	١٠	قائد	قائد
١٥	٧	پنهنجا	پنهنجي
١٦	٣	برادپون	برادريون
١٧	١٩	سيهڙڻ	سهيڙڻ
١٩	١٥	خودادي	خودداري
٢٠	١٤	ڪنهن ٻه جي	ڪنهن جي ٻه
٢٢	٢٢	مرحوم	محروم
٢٥	١٠	١٦٣٦ع	١٩٣٦ع
٢٦	١٣	نيشن	نئين
٢٧	٢٠	ننڍن	ٽنڍين
٢٩	١٩	ساڻ	اَسان
٣٤	١٢	مارشلا	مارشل لا
٥٣	٩	لاءِ	لائي
٥٥	١٠	ٽيو	ٽيون
٦١	١٨	وڄڻ	وڄهڻ
٧٠	٢٦	ڏرن	ڏارين
٧٦	١٥	جي	جو
٧٨	١٥	ها	اِها
٨٠	٦	چڱين	چڱن
٨٧	٣	ڪٿن	ڪٿڻ

سائين جي ايم سيد

هڪ انٽرويو ۾ فرمايو:

”مان جڏهن هندوستان پهتس ته پنهنجي هڪ پراڻي دوست سان ملڻ جي خواهش ڏيکاريم“. جڏهن ڪيس نياپو پهتو ۽ منهنجي خواهش جي خبر پيئي ته ڏهن ان وراڻيو.

”مان هن قاتل (جي. ايم سيد) سان نه ملندس!“

سائين جي. ايم سيد جواب ۾ وراڻيو،

”موجوده دؤر ۾ ڪنهن قاتل جي سزا ته عمرقيد هوندي آهي، جيڪا وڌ ۾ وڌ ١٤- سالن تائين ڪاٽبي آهي، پر مون ته ان ڏوھ ۾ هن وقت تائين ٢٦- سال قيد ڪاٽيو آهي، جيڪا هڪ قاتل لاءِ تمام وڏي سزا آهي. هاڻ ته ان ڏوھ جي معافي ملڻ کپي“.

سائين جي. ايم سيد جي انٽرويو تان کنيل
(هفتيوار برسات جي ٿورن سان)

پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاٺو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاغذ تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسُل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا

ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو ته پَڪَ ڄاڻو ته اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وٽن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيلا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ِبين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجِيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَمَلَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجِيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ بيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَ کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجھہَ ۽ ڏاھپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيھہ ڏيندي انھن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيھاريو آھي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آھن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، ھو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاھا ڪن ٿا، موٽي مَنجھہِ پھاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالھہَ ھُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلھہ نيلا پيلا آھن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آھن........
... ...
ھي بيتُ اَٿي، ھي بَم ـ گولو، جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنھي ۾ فَرَقُ نہ آ، ھي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنھن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنھن ھَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلھہ پاڻَ تي اِھو سوچي مَڙھڻ تہ ”ھاڻي ويڙھہ ۽ عمل جو دور آھي، اُن ڪري پڙھڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني ءَ جي نشاني آھي.

پَنَن جو پڙھڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ ھوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلھہ ۽ نادانن جي ھٿن ۾ رھنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙھي سماجي حالتن کي بھتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چوءِ چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي پنهنجو حق، فرض ۽ اٽتر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ ڪان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪي جو بيجل بوليو)